

گوندر
ويندا
گذري
(شاعري)
ابراهيم منشي
روشني
Kaptan abro

# گوندر ويندا گذري

(شاعري)

ابراهيم منشي

روشني پبليڪشن، ڪنڊيارو
2015ع

Gul Hayat Institute

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## ارپنا

امڙ
سنڌ جي نالي
جنهن جا گهاوَ
لفظ پري نہ سگهندا

Gul Hayat Institute

# ڪمپوزر پاران

”انسان غلطين جو گهر آهي، ويسر سندس فطرت ۾ شامل آهي. اُن ڪري انسان جي لکت غلطين کان پاڪ ۽ صاف نہ ٿيندي. وس آهر ڪوشش ڪئي آهي تہ بهتر کان بهتر ڪيو وڃي. ڪٿي ڪا بہ غلطي هجي تہ ڪمپوزر پاران سمجهجو ۽ نشاندهي ڪجو.

شاهنواز ٽالپر
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
sntalpur@gmail.com

Gul Hayat Institute

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”گوندر ويندا گذري“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب سنڌ جي قومپرست شاعر ابراهيم منشي جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. مهاڳ ۾ سائين محمد ابراهيم جويو صاحب لکي ٿو :

”هن مجموعي ۾، هِن ڏوٿيءَ، هن عطائيءَ، هن درياءَ دل راڳي شاعر، پنهنجي منفرد نظمن، واين ۽ ڪافين ۽ بيتن سان اسان جون جهوليون پريون آهن، جهولين ڪان وڌ اسان جون دليون پرڻ چاهيون آهن، بشرطيڪ هُن جي اها ورڪا ونڻ لاءِ اسين پنهنجيون دليون کوليون ۽ اُن ۾ جا صدا آهي، پنهنجي ماروئن ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ قربانيءَ ۽ ڪم جي صدا، اُها ٻُڌون . . . جيئن ڪا صدا ٻُڌبي آهي ۽ جيئن ڪا ورندي فرض ٻڌبي آهي، اُن ورندي ڏيڻ لاءِ پاڻ ڏونڌاڙيون ۽ پنهنجا سُتل مَن جاڳايون.

منشيءَ کي مون ”عطائي“ سڏيو آهي، ”راڳي“ سڏيو آهي. هائو، هو عطائي آهي، راڳي آهي. اسان جي قديم معاشري ۽ تاريخ ۾ عطائين ۽ راڳين جي موجود روايت جي عين مطابق ۽ سلسلي وارو هي عطائي ۽ راڳي: ٻيجل جي علامت آهي ، جيئن حضرت شاهه عبداللطيف اُها علامت ڳائي وڃائي اسان کي عطا ڪئي آهي.“

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1985ع ۾ پريم نگر پبليڪيشن پاران ڇپايو ويو. هي ڇاپو 2015ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پاران ڇپايو ويو آهي. سنڌ سلامت ڪتاب گهر سٿ پاران ڪتاب کي ڪمپوز ڪري نئين سر آنلائين اپلوڊ ڪري رهيا آهيون. ٿورائتا آهيون پياري دوست، سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر، بدين سان تعلق رکندڙ **شاهنواز ٽالپر** جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

Gul Hayat Institute

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سٽاءُ

پاڻ سُڃاڻ مُنشي محمد ابراهيم

مهاڳ محمد ابراهيم جويو

نظم

بيت

وايون

Gul Hayat Institute

# پاڻ سُڃاڻ

| | |
|---|---|
| نالو: | مُنشي محمد ابراهيم |
| پيءُ جو نالو: | محمد اسحاق |
| ذات : | سومرو |
| جنم جي تاريخ: | 15 جنوري 1934ع |
| ڳوٺ: | جنهاڻ سومرو، تعلقو ٽنڊو محمد خان، ضلعو حيدرآباد سنڌ |
| تعليم: | پنج درجا سنڌي |
| شعر و شاعري جي شروعات: | 1949ع |

هونئن تہ هر ماڻهو کي ڪونہ ڪو ڏنڌو ورثي ۾ ملندو آهي، پر منهنجو والد صاحب پنهنجي وقت جو "صفت" جو سنو شاعر بہ ليکيو ويندو هو. پاڻ بذات خود مولوي بہ هو ۽ سندس آواز ڏاڍو مِنو هوندو هو. ساڳئي وقت هو ڪڙمي بہ هو ۽ مختلف قسم جا واپار ڌنڌا بہ ڪندو هو مسڪين کي وڏي اُڪ پالڻ لاءِ مختلف جتن ڪرڻا ٿي پيا. ننڍپڻ کان جواني تائين پرورش سڪئي نموني ٿيل هئس. پارسيءَ ۽ عربيءَ جو سنو ڄاڻو هو. اکر تمام سهڻا هوندا هئس، ڪنهن ڪاتب جا ٺئي اهڙا سُنا اکر ٿي سگهيا ٿي!

اسان جو ڏاڏو مرحوم ٺيڪيداريءَ جو ڪم ڪندو هو ۽ گذر سفر سنو هوندو هو. ۽ ائين ئي بابا مرحوم لاڏ ڪوڏ سان ننڍپڻ کان جواني تائين پليو.

هاڻي واري پَڊ کان هڪ ميل پري، پُراڻ نالي هڪ پڊ تي ڪنهن مجبوري سبب تهيل نُڪيل گهر ڇڏي، نوان گهرڙا ناهي، نئين پَڊ تي اچي رهڻ لڳا ۽ مرحوم اتي وفات ڪري ويو.

انهي نئين پَڊ تي جيڪا بہ مائٽاڻي پوُنجي ۽ ٽپڙ ٽاڙي گڏ ٿيل هئا، سي گهر کي اوچتي باهہ لڳڻ سبب سڙي رک ٿي ويا. ڪا بہ شيءِ باقي نہ بچي.

ٽي چار سال اتي رهڻ کان پوءِ ساڳي اڳوڻي پڊ تي واپس اچي رهڻ لڳاسون. بابا سائين هاڻي محنت مزدوري پوري سوري ڪري سگهندو هو. ٻنيءَ جا ادائي ايڪڙ پوءِ بہ آباد ڪندو هو. هر سال ٻهي سميت ٻارهن ڪاسا ٻاجهري اُن مان ٿيندي هئي. هميشہ پاڻي لاءِ "اٽڪ" ۽ "ڪوٽڙي" پيا پڇندا هئا. ميرن جي ڪوٽيل واهن جي پُڇڙين جو ٻَنيون مڙيئي آنڊيون منديون آباد ٿينديون هيون، پر چوندا هئا: "ابا، سيري پاءُ کان اُيري ٻني پلي."

Gul Hayat Institute

بابا مرحوم کي آخري وقت ۾ سلهہَ جي بيماري ٿي پئي، پوءِ تہ حڪيم شمس الدين وٽ حيدر آباد ايندي ويندي پنجن سالن ۾ انهيءَ موذي مرض نيٺ تاريخ 15 مارچ 1945ع تي سندس جان ورتي.

ان وقت منهنجي عمر فقط يارهن سال هئي ۽ مون چوٿون درجو مُلا اسڪول ۾ پاس ڪيو هو. پنجون درجو تہ مُلن مون کي امتحان واري ڏينهن گرانٽ حاصل ڪرڻ لاءِ امتحان ۾ ويهاري مڙيئي پاس ڪرائي ڇڏيو.

پر مون کي پڙهڻ جو بي انتها شوق هو ہاراٽي درجي کان چوٿي درجي تائين هميشہ تعلقي ۾ پهريون ۽ ٻيو نمبر ايندو هئس. بابا جي مرڻ کان پوءِ اُنن نون ڀاتين جو گذر سفر ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو ۽ مون پڙهڻ ڇڏي ڏنو. ٻارهن سالن جي عمر ۾ هڪ گڏه وٺي، ان تي واپار ڪرڻ شروع ڪيم. ٻني جي مياڻ کان ڀلا ڪٽي ڳوٺن ۾ ڪپائڻ ۽ سياري جي مند ۾ ڪپُور تان خوجن جا ڳُڙ سودي گهر گهر ڪپائڻ ۽ مختلف قسمن جا سامان گجر بصر وغيره وڪڻڻ ۽ گذر سفر ڪرڻ شروع ڪيم ۽ ساڳئي بابا واري ٻني بہ آباد ڪندو رهيس ۽ اهي ساڳيا ٻُهيءَ سميت ٻارنها ڪاسا هليا آيا. ربيع تہ ٿيندي ڪانہ هئي، ڳتي جا ٽي مهينا ٻُگو هٽندا هُئاسين. ٻاٽي تہ اڍائي ٽي مهينا مشڪل سان هلندو هو.

بهرحال، اهڙي رواجي ماحول ۾ آءُ رومانٽڪ نموني جي شاعري، ڪافيون، ڪلام بہ ٺاهڻ لڳس. ٻاڻ مرادو ڳائڻ، مولودين سان مولود پڙهن، غزل پڙهڻ اهو بہ پنهنجو شغل هوندو هو.

اسان ٺٽي ۽ حيدر آباد جي ضلعن جي وچ جي سرحدي ۽ ٻيلي جي ڪنڌيءَ جا رهواسي مارو ماڻهو آهيون، مال جي ڪري اسان جي اُٺي ويٺي ٻيلي سان گهٽي پئي رهي آهي. هيئنر تہ مولچند ٻيلو وڃي تقريبا ختم ٿي ويو آهي، پر ڪو وقت مولچند ٻيلو ڪچو توڙي پڪو مست ٻيلو هو. پنج مڙس ڪُهي، ويڙه ۾ ورائي ڇڏي تہ سؤ سال سماءُ ئي نہ پوي.

بابا جي وقت ۾ اسان وٽ بہ ٽي ڳئون هونديون هيون ۽ اُهي بہ بابا سان گڏ مري کپي ويون ۽ ڪجهہ چوريون ٿي ويون ۽ هميشہ اسان ڳوٺ مان لسي وٺي مڙيئي گذر سفر ڀيا ڪندا هئاسون.

مون سِڪي ڀِني سترهن ارڙهن سالن جي عمر ۾ هڪ مِينهن ورتي ۽ اُها مينهن ڏهن پندرنهن ڏينهن کان پوءِ چوري ٿي ويئي.

اسان وٽ ٻيلي ۾ مال جي چوري عام هوندي هئي. اسان جي چوري اڪثر پاسي ۾ ويٺل پليجا راج ڪندا هئا. چورا اسان جيڏا ڪاتڪُو جيڪي مال ۾ ڏراڙ بہ هوندا هئا. مال سيني راجن جو ٻيلي ۾ گڏ چرندو هوءِ هو مال سان مينهون گڏي، ڪاهي ويندا هئا. يا ڇِني، ٻيلي ۾ ٻَڌي، ٿَم ڏياري، رات جو ڪيڍي ويندا هئا ۽ سومرا ڀنگ ڀري مال واپس وٺندا هئا. اهو سلسلو اسان سمجهہ ڀريا ٿي ڏسندا ايندا هئاسين. مون واريءَ مينهن جو نہ پيرُ نہ ڪُر، نہ گهورو نہ گهورپ ڪرڻ وارو، ٻيو مڙيئي ٺيو خير. مينهن

ويئي هلي، هُئي تہ پڪ پليجن وٽ، جنهن ۾ ڪو شڪ ڪونہ هو. مينهن جو نئيڙو ڦر جڏهن رات جو دانهون ڪندو هو تہ منهنجي ننڊ خراب ٿي پوندي هئي ۽ بہ ٽي راتيون ننڊ نہ آئي. آخر مون پاڻ مرادو فيصلو ڪيو تہ آءُ چوري ڪندس ۽ پليجن جو مال ڪاهيندس.

صبح جو مون گڏهہ وڪڻي، پيري ڪاريئي کان ڪهاڙي ٺهرائي، هڪڙو پاڻ جيڏو ڇورو وٺي ٻيلي مان پليجن جون ٽي مينهون ملوڪ ڏسي ڪاهي اچي گهر ٻڌي ڇڏيون! پليجا پير کڻي، ميڙ ڪري آيا. مون مينهون قبول ڪيون، پر ڏيڻ کان انڪار ڪيم، ڳوٺ جي ماڻهن ساٿ ڏنو. پليجن اسان تي ڪيس وغيره بہ ڪيا، آخر فيصلو ٿيو مون کي مينهن جي پرجي ملي، مون مينهون واپس ڪيون.

پر پليجا چوريءَ کان نہ مُڙيا ۽ اسان جو ڦڏو شروع ٿيو ۽ ائين هڪ ٻئي جي چورين ڪندي، آءُ بہ هڪڙو ڪاٽڪو ٿي پيس ۽ پنج سال برابر چوري ڪندو رهيس، ائين ڪونہ هو تہ منهنجو ڪو روزگار چوريءَ تي هو. ڏنڊو تہ ٻيو پيا ڪندا هئاسين. نيڪدارن وٽ مُنشي گيري ۽ پيا بہ ٿورا ٿورا ڪم پيا ڪندا هئاسين، پر ڪاٽڪوئن سان لين دين هلندي رهندي هئي، پوءِ تہ سائين ڦونڊ ۾ پرجي ويس. ڏاڍو مڙس، اچي ڪهاڙي، بوسڪي جو پٽڪو مڙس ڪاٽڪو، ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي اوڻويهہ سال عمر، ڦوهہ جواني، انهي وچ ۾ عشق بہ پئي ڪياسين. سوپاريون، سنيها، انجام، راتيون، ڪهاڙي، ڏپ، پنڌ ٻيون ڪهڙيون عجيب ڪيفيتون ياريون ٻاشيون، دوستيون دشمنيون، اها هل هلان پنج سال هلي ۽ پوءِ هڪ احساس منهنجي وجود کي ايترو جهنجهوڙيو جو آءُ ڪڏهن ڪنهن جي ڳڪُ تي ويجهو نہ ٿيس.

جيئن جيئن شعور وڌندو ويو تيئن تيئن سوچ عجيب پاسا بدلايا. خدا جي خدائي، مذهب، الله جي حڪم احڪام، انسانن جون حالتون، طبقاتي ڪشمڪش، ڏاڍ ۽ اڻ برابري، ظلم ۽ تشدد، هاري زميداري، حساب ڪتاب، لُچايون، بدماشيون نڳيون. سوچيندو هئس تہ اهي ڇو آهن! اهي سڀ سوچ جو پيڙائون، سڄي رات سير انديءَ کان ويهي پنهنجا مضبوط چنبا دل ۽ دماغ تي هڻي، ننڊ حرام ڪري ڇڏينديون هيون ۽ دل کي ناري لاءِ هڪ عجيب غريب حَسين جميل، سگهي جسم سان سُهڻي صورت کڻي، مون وٽ ڪا ذات نالي پدمڻي پکي ۾ پير رکندي هئي ۽ چوندي هئي : ”سڀ پيڙائون مون ۾ سموئي ڇڏ“ ۽ پوءِ پني تي پين سان اُکير ڇڏيندو هئس ۽ جسم هلڪو محسوس ڪري سمهي ننڊ ڪندو هئس.

منهنجي ذاتي مشاهدي ۾ ڌرتي تي پلجندڙ هر شيءِ قريب نظر مان گذرندي هئي. مختلف رنگ، سُهاٽيون، چمڪندڙ چيٽ، سونن جهڙا سنگ، ڍنڍون ڍورا، ٻنيون ٻيلا، برساتن جا روپ، پوٺا جبل، وڻ ٽڻ، صبح جي ماڪ، سج جا ڪرڻا، ڍنڍجي ڪناري جي ڇپر، چانڊوڪيون راتيون، رس رهاٽيون،

سُڳنڌ سازِ ۽ سرندڙا، پري پري کان فراق ماريل ٻانهيارين جا ٻول ۽ جهونگارون، ڳجها بيت، ڳجهارتون، نشانيون، سڀ منهنجي مشاهدي مان گذريل آهن. واهري تي ورڻ مهل هارين جون هونگارون، ڪانگن جي ڪان ڪان، مال جي ڦرن ڏي موٽ، چنگ چڙا، للڪارون، تنوارون ۽ ٻيون انيڪ شيون. مون دل جي گهرائيءَ سان هر هڪ کي پنهنجي جاڻ آهر پرکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ساڳئي وقت زندگيءَ ۾ٻکون ، پنڌ، تڪليفون، اوجاڳا، رولڙا، مطلب ته سڀ احساس ذاتي زندگيءَ جي مشاهدي ۾ آيل آهن.

پوءِ "روح رهاڻ" رسالي سنڌ جي نئين ٿهيءَ ۾ 1962ع ۽ 1963ع کان نئين جاڳرتا پئدا ڪئي. 1965-1966 ۾ مون کي ٻه انهيءَ جي خوشبوءَ اگهور ستل ننڊ مان جهنجهوڙي، اُٿاري، ڪا تعجب جهڙي ڳالهه ٻُڌائي ۽ منهنجي ذات مون وٽ نئين روپ ۾ اچڻ لڳي، جنهن مون کي قومي احساس ڏياري، 1967ع کان مونکي مجبور ڪيو ته قومي فرض جو رهيل قرض توکي لاهڻو آهي. منهنجي نس نس ۾ اڳي ئي طبقاتي گهٽ وڌائي ٻارڻ ٻاريو بيٺي هئي ۽ ويتر قومي فرض شامل ٿيڻ سان نئين واٽ کُلي پئي.

ان وقت اسان جي سڀاجهڙي سنڌ جي ڪجھ شاعرن جيڪا سين سڱين مان ساهي ڪڍي، سا پولار ۾ پکڙجي، ڪن ڪن ماڻهن جي ڪنن تائين پهتي، ان ۾ ڪجھ ڳاڻ ڳڻيا شاعر هئا. آءُ نالن کڻڻ کان معذرت ڪندس، جو متان مون کان ڪو نالو رهجي وڃي، پر آءُ شيخ اياز جي نالي کڻڻ کان سواءِ رهي ڪونه ٿو سگهان. جنهن ٻئي هٿ ڪنن ۾ وجهي، اهڙي ٻانگ ڏني، جنهن جي پڙلاءُ جو واسو ڪارونجهر جبل کان ڦري، مڪليءَ ۽ رني ڪوٽ کان ٿي، موهن جي دڙي ۾ رهندڙ روحن کي ٻه آٿت پهچائي. اياز شاعريءَ ۾ لفظن کي سٽن پاڻين سان ڏوئي استعمال ڪري ٿو. فقط ڪمي هي آهي جو اُترئين علائقي ۾ رهڻ سبب وٽ ٻوليءَ جي گهٽتائي آهي. ٻوليءَ جو خزانو لاڙ ۾ بي انت آهي، ان جي باوجود جڳ ۾ جهڙس شاعر ڪونهي، اياز اڻ مرڻو شاعر آهي.

### منهنجي شاعري

هڪڙي ڳالهه ته آءُ خود پاڻ مان ۾ مطمئن نه آهيان، ڇو ته گهڻ ڪمون ماڻهو طبيعت ۾ ٽڪاءُ گهٽ ، لاأُبالي ۽ غير ذميوار، جهڙو شعر، جتي لکيم، اهو اتي بس ڇُٽو ان کي ڏسي، اصلاح ڪري، سليقي سان ڪاڳر تي اتڪائي ڇڏڻ ٻه منهنجي وس جي ڳالهه نه آهي.

مون شاعري جو ڪجھ حصو جيل ۾ لکيو. جيل ۾ ايڪيتاليهه مهينا عرصو ڇڳو ڪاشو حياتيءَ جو حصو آهي. ان مون کي وڏيڪ شاعري لکڻ کپندي هئي پر آءُ لکي نه سگهيس، بلڪ آءُ سمجهان ٿو جيل ئي شاعري ڪرڻ لاءِ موزون جڳهه آهي.

منهنجي شاعريءَ ۾ ڪيتري ڪمي پيشي آهي. سا ڳالهہ آءُ سنڌ جي انيڪ ڄاڻو ماڻهن تي ڇڏيان ٿو جيڪي پنهنجا رايا ۽ تبصرا لکي منهنجي رهنمائي ڪندا. باقي مون تہ هڪ وقت جي پُڪار جو پڙاڏو بنجي، پنهنجي ناقص ۽ ادنيٰ علم ۽ سوچ سان رَنڊا روڙيا آهي، جيڪي سڏا سنوان مختلف روپن ۾ سنڌ واسين لاءِ پيغامڙا آهن.

منهنجي دل جي هيءَ آس هميشہ پئي رهي آهي تہ ڪچا ڦڪا قول قوم تائين پهچڻ لاءِ ڇپائي هيٺ اچن، ويچاريندي ورهيہ لنگهي ويا.

ان وچ ۾ منهنجو سچو بياض چوري ٿي ويو ۽ مون آسرو لاهي ڇڏيو. ور منهنجي ڀاڻيجي، غلام محمد "آزاد" سخت محنت ڪري ڪيسٽن تان هِتان هُتان، ڪوشش ڪري، ڪجهہ حصا ڪن شاعري هٿ ڪري ورتي، ۽ بعد ۾ وري اُميد ٿي پئي تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ڇپجي پوندو ۽ اُهو ڏينهن بہ آيو تہ هڪ پڙهيل ڳڙهيل سنڌ جي سچيءَ مٽي جي ماڻهوءَ ان شاعري ۾ ڪجهہ خوبيون ڏسي، يا ڪنهن ٻئي خيال سان سندس خاص دائري ۾ رهندڙ دوستن کي گڏ ڪيو ۽ "پريم نگر پبليڪشن" طرفان فيصلو ڪيو ويو تہ اهو ڪتاب ڇپجي، انهن دوستن جا نالا فهرست طور مختلف احوال جي بجاءِ انهن دوستن جو ذڪر آءُ تفصيل سان مناسب موقعي تي ضرور ڇپائيندس. جيڪو مسودو بہ مون وٽ تيار آهي.

**معافي**

جيئن تہ هي ڪتاب مون ڏکين حالتن ۾ ڇپايو آهي، ۽ تجربي نہ هئڻ ڪري هن ۾ ڪافي غلطيون بہ ٿيون آهن، جهڙوڪ: ترتيب ڏيڻ ۾، ۽ ٻيون ڪافي ڇُڪون رهجي ويون آهن، خدا گهُريو ۽ پڙهندڙن جي چاهت رهي تہ ان جو ايندڙ ايڊيشن صاف سُٿري نموني سان ڇپرائي پڌرو ڪندس.

**مُنشي محمد ابراهيم**

4 مئي 1985ع

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

ويهين صدي جو پوين اَڌُ- اُن جي چوٿي ڏهاڪي جي آخري سالن کان وٺي، اُن جو پنجون ڏهاڪو اُن جو ڇهون ڏهاڪو اُن جو ستون ڏهاڪو ۽ اُن جو اٺوڪو اٺون ڏهاڪو... اسان لاءِ زنجيرن ۾ ٻڌل جبل جي وڏي چپ وانگر گهِسڪندو ۽ گهلجندو ئي رهيو ۽ اسين ان جي اڳ ۾ ڏڪبا ۽ ٿيلهبا، رتورت ٿيندا ۽ ڇيچلائبا رهياسين. سماج ۾ بيٺل پاڻيءَ جي ڊُٻي وانگر ڪنو ۽ ماضي جي ڀُوتُ اسان جي ڪنڌ تي سُوار اڙيون هنيون، مڳ ٻٽيو ويٺو رهيو. انگريز ناول نويس چارلس ڊڪنس (1812-70ع) پنهنجين ڪن اهڙن ئي ڏکين ڏينهن کي "ڏکيا ڏينهن" سڏيو هو ۽ ان ناليءَ سان پورو ناول لکي، پنهنجي ديس واسين لاءِ اُنهن جو نقشو چٽيو هو. اسين ويهين صديءَ جي پنهنجي هن پوئين اڌ کي ڪهڙو پاڻ لاءِ ڇا سڏيون! پر هن تان اونداهي مان اُهاءَ جو دؤر اسان کي به اسان جي اديبن ۽ اسان جي شاعرن ئي ڏيکاريو ۽ ڇو نه ائين هجي؟ سچن شاعرن ۽ اديبن جي ئي دلين ۾ پنهنجي وقت جا پڙاڏا گونجندا آهن ۽ اهي ئي پهرئين، وقت جي زخمن جورت رسندي ڏسندا ۽ انهن کي چينڻ ڏانهن به اُنهن جو ئي ڌيان رهندو آهي، بلڪ اُن کي هي پنهنجي مخصوص ذميداري سمجهندا آهن.

پنجاهه سٺ ۽ ستر جي ڏهاڪن واري عرصي ۾ وطن دوست ۽ قوم شناس ادب جي جيڪا نئين لهر اسان وٽ آئي، اُ ۾ اسان جي شاعرن ۽ نثر نويس ڇيهه ڪري ڇڏيا. ڇا ڇا نه هُنن اسان کي ڏنو ڇا ڇا نه هُنن ان لاءِ سَٺو! اُن تي ويچار ته ٻي ڳالهه ٿي.

وطن پاڪ سنڌ جي لاڙ جي سرزمين، جتان جي لهجي ۽ لغت کي اسان جي سدا جيئري لطيف سائينءَ پنهنجي پيغام سماويءَ جي خاص ذريعي جو شرف ڏنو اُتان جي استاد محمد خان مجيديءَ، سرويچ سجاولي ۽ منشي ابراهيم ۽ ٻين اسان جي درديلن شاعرن اسان جي "ڏکين ڏينهن" جون ڇا ڇا نه اسان کي ڳالهيون ٻڌايون!

جيڪڏهن پنهنجي تخليقي لياقتن جو اظهار ۽ ترقي قوم جو پهريون فرض آهي. ڇو ته قوم جي وجود جو دارومدار ۽ اُن جي سڄي مان ۽ مريادا جو اصل راز اهو آهي، ۽ جيڪڏهن اديبن ۽ عالمن جو ئي ڪم آهي، ته پوءِ قوم جي آڏو جيئڻ جو زوردار اُمنگ سدا تازو ۽ اُن جو مقصد سدا روشن رکن، ته ڪيڏي نه هيءَ وڏي ڳالهه آهي، ته هيءُ سڄو پهاڙ جهڙو اٽانگو ۽ ڳرو دور جڏهن اسين محروميءَ ۽ مظلوميءَ ۽ مجبوريءَ جو شڪار رهياسين. (غلاميءَ کي ٻيا سڱ ڪونه ٿيندا آهن) ، تڏهن اسان جي فقيراڻي اديبن سُگهڙن- ئي قوم پاران اُهو پهريون فرض به ادا ڪيو. علم ۽ ادب، سيپتا ۽ ساڃاهه جي

خاص سُرهي سَٽَ طور، سندن پنهنجي ذمي جيڪو ڪم هو اُهو بہ پنهنجي وَس پڄُندي هنن پورو ڪيو. ائين بہ نہ هو تہ طاقتَ (power), طمع (purse) ۽ طالعَ (Patronage)جي جَوفِي جزُن، جيئن اڄ اسان جي آڏو اڇي اسان مان ڪن جي صبر، حوصلي، همت ۽ غيرت کي آزمائش ۾ وڌو آهي ۽ ڪن تہ بنهہ جهل ئي نہ ڏني، جڻ ترسيا ئي اُن ڇڇڪار لاءِ وينا هئا. تيئن اهڙي ڪا صورت اڳي اسان وٽ ڪونہ هئي ، پر اديب عالم ۽ شاعر جو پنهنجو هڪ ڪردار، هڪ رُتبو ٿئي ٿو اديبن، عالمن ۽ شاعرن هميشہ اصولن سان وفا ڪئي آهي، نظريي سان نباهيو آهي، هو هميشہ پنهنجي زبان، پنهنجي ادب ۽ تاريخ سان سچا رهيا آهن. سندن سچو ڪم هڪ ئي احساس سان واسيل هوندو آهي، پنهنجي ماڻهن جي محبت سان ، انهيءَ سچائي ۽ انصاف ۾ پُختي يقين سان تہ ظلم جو موجود چڪر ختم ٿيڻ تي آهي ۽ سندن ڌرتيءَ جو انسانُ هڪ نئين انقلابي رهت چاهي ٿو. انهيءَ پڪي ۽ سرگرم اداري سان تہ هو پنهنجي تخليق ڪاريءَ وسيلي پنهنجي ڏُتڙيل، محڪوم سماج جي اُن مقصد جي تڪميل ڪندا. ۽ اسان جي قوم کي تاريخ جنهن صورتحال سان دوچار ڪيو هو اُن ۾ مُنڍ کان ئي سنڌي عالمن، اديبن، شاعرن، صحافين ۽ سُگهڙن ۾ انهيءَ اُميد رکڻ جو هڪ ئي سبب هو تہ هو پنهنجي قومي مشاورت جي دل، اُن جو روح، بنجي ڪم ڪندا . اُهو روح جيڪو پنهنجي جنم پوميءَ، پنهنجي ابن ڏاڏن جي جنم پوميءَ کاڻ لافاني پيار سان سرشار هجي ، پنهنجن اُنهن ابن ڏاڏن تي فخر سان ٽمٽار هجي، جن سندن سامهون واقعي اڳتي وڌڻ لاءِ ڪُليل رستا ۽ اُنهن تي پنهنجي سُڃاڻ پيرن جا نشانا ڇڏيا آهن. هڪ ئي ڀڙڪندڙ خواهش سان روشن هجي تہ سندن وطن جي پاڪ ڌرتي نہ فقط پنهنجي پر بني نوع انسان جي آدرش جي تڪميل ڏسي سگهي. اُها سندن "پنهنجي ڌرتي" جيڪا شاعر جي ٻولي ۾ "جيئن ڏسان ٿو تہ بہ چمان ٿو پر جيئن اُها اُميد پوري ٿيندي تہ تي پيرا جُهڪي آءُ چمندس!"

پنوهارن پاٻوهيو، ڪي واهوندن وَس،
عمر، اُنهي ڏيهہ جا ڏوٿين ڏنم ڏَس،
وَليون وڻ ڦُلاريا، لُڙ نڱيا لَس،
آٽيو وجهي آهُرين سدا توهن تَس،
ميو مَچُر، ماکيون سِپڪا چَکن چَس،
ماڙيءَ آهين مَس، ملير ويندينءَ مارئي!
(شاهہ)

Gul Hayat Institute

هي هيرن جهڙي املهہ ۽ موتين جهڙي ملوڪ ۽ اُوجل شاعري جيڪا هن مجموعي ”گُوندر ويندا گُذري“ ۾ اسان تي عطا ٿي رهي آهي، اُها اهڙن اسان جن عوام دوست، قوم شناس، سونهارن شاعرن جي صفِ اول جي هڪ فقير تن شاعر، ابراهيم منشي جي تخليق آهي. هو پنهنجي پِرِ جو هڪ ڪاهوڙي، هڪ لاهوتي آهي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ پنهنجي ديس واسين لاءِ ڏونگر ڏوريندو رهيو آهي. ”خبر ڪاهوڙين . آهي لَکَ لاهوت جي“ :اُها ”گُوندر ويندا گُذري“ جي خوش خبر، پاڻ اسان کي هِتي ڏيڻ گهري اٿن. پنهنجي ديس جي ڌرتي سان ۽ اُن جي حال سان سڄاڻپ جي خبر، اُتي اُن جي ڪلياڻ لاءِ جاڪوڙڻ جي خبر ۽ اُن لاءِ جي ڪو خواب من ۾ ڪنيو هو سڀ پنهنجا ڏينهن، سڄيءَ سنڌ واڪيندو ۽ واچيندو رهيو آهي ان خواب جي خبر.

اسين جيڪي ”گُوندر ويندا گُذري“ جي اها خوش خبر پڙهنداسين، شاعر جي اُن خوش خبر جي کهڙي موٽ ٿا ڏيون، اُن جون سڀ واڌايون اسان لاءِ سڀ مياروُن اسان تي آهن:

هلو تہ هلون ڏُٽ کي، اُتو اُتو ڪن،
پاٽي پوتڙين ۾، ڳَندُرا سِرُ ڳُلهن،
ڏؤنرا ڏور سجهن، وئي وهامي راتڙي!
(شاهہ)

هن مجموعي ۾، هِن ڏوٿيءَ، هن عطائيءَ . هن درياءَ دل راڳي شاعر، پنهنجي منفرد نظمن، واين ۽ ڪافين ۽ بيتن سان اسان جون جهوليون پريون آهن، جهولين ڪان وڌ اسان جون دليون پرڻ چاهيون آهن، بشرطيڪ هُن جي اها ورڪا ونڻ لاءِ اسين پنهنجيون دليون کوليون ۽ اُن ۾ جا صدا آهي، پنهنجي ماروئن ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ قربانيءَ ۽ ڪم جي صدا، اُها ٻُڌون. . . جيئن ڪا صدا ٻُڌبي آهي ۽ جيئن ڪا ورندي فرض بڻبي آهي، اُن ورندي ڏيڻ لاءِ پاڻ ڏونڊاڙيون ۽ پنهنجا سُتل مَن جاڳايون.

منشيءَ کي مون ”عطائي“ سڏيو آهي . ”راڳي“ سڏيو آهي. هائو هو عطائي آهي، راڳي آهي. اسان جي قديم معاشري ۽ تاريخ ۾ عطائين ۽ راڳين جي موجود روايت جي عين مطابق ۽ سلسلي وارو هي عطائي ۽ راڳي: ٻيجل جي علامت آهي . جيئن حضرت شاهہ عبدالطيف اُها علامت ڳائي وڄائي اسان کي عطا ڪئي آهي. مقصد جي تند تنواريندڙ اُن لاءِ ”سک ۽ سُواد“ ڪان پاڻ پَلي، سر- دان جي ثواب جي موقعي ٻڌائيندڙ ۽ رستي پنڌ. ڪيٽ ڪري، گهر گهر ۽ اوطاقن آڏو ٻيهي هوڪي ڏيندڙ جن منشي کي، هن ”درويش“ شاعر کي هيٺ هن ڌرتي جي ماڻهن جي ”درن“ تي، پنهنجي ملڪ جي ماڻهن لاءِ ۽

پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي ”درن“ تي عام ۽ خاص معرڪن، گڏجاڻين ۽ جلسن ۾ هي صدا هٿنڊي ۽ اوچي گلي سان دانهيندي ۽ ڳائيندي ٻڌو آهي، اُهي شاعري ڏيندا ۽ چئي سگهندا تہ منشي اُهو عطائي آهي يا ٻيو ڪو، جو چوي ٿو سرد دليون گرمائي ٿو ۽ وڏي آواز ڳائي ٿو:

ڪاورنجهر ڪان ڪينجهر تائين، ڪيٽي بندر کان ڪشمور،
موتين کاڻ هي ملڪ سڄو آ، مارُن جو ۽ مارُو مورا!

عجب ڏنوسين اچي ادا ڙي، دنيا جو دستور هتي،
راهہ رهڻ جي ڪائي ڪانهي، مسڪين لئہ مور هتي.

ڪيڏي رات انڌاري آ، ڪيڏي رات انڌاري آ!
ٻڙڇي بم بندوق سان بينو تڙ تڙ تي تاتاري آ-
ڪيڏي رات انڌاري آ!

”مُنشي“ مُور نہ ٻئي ڪنهن ماريو ماريو ماروئڙن جي ماڻ،
ڏيهہ سڄي ۾ ڏوٿين کي ڏس، ڪيئن نہ ڏاري ڏاڍ جي ڏاڻ!
تن جي ڪارڻ جوڳي بنجي ڳايان، جڳ جاڳايان!
توکي ڪهڙا گيت ٻڌايان، توکي ڪهڙا گيت ٻڌايان!

مون پڪ سُڃاتا پنهنجا هئا، ڪي ڏاڙين سان گڏ ڏاڙي ۾،
تي وات ڏسيائون ويرين کي، ويهي وانگيئڙن جي واڙي ۾.

مون رات گنجي ۾ گُجندي، ڪيڏا سنڌو جا سرواڻ ڏٺا،
تي ٻهڪيا مُنهن ۽ ٻانُهن ٻر، مون ٻلواٽن هٿ ٻاڻ ڏٺا
جهيڙي جي جهونجهار وو يار پر ڪا آهي پڙ ۾!

نيئر نوڙي نڪري ويندي، ٽاريلي تو ٽاٽي مان،

**دوکي جي اڄ ڏپ اڇي ٿي، تنهنجي داڙهي داڙهي مان.**

**نہ هونديون حويليون نہ هوندا هي ٺاٺان**
**مان هوندس نہ هوندس، سو پاڻان نہ ڄاڻان.**

**اڄها رات ڪُتي ۽ باک ڦُٽي، انسان ازل کان آجو آ.**
**ڪي غلام ڇُٽا، ڪي وينڌا ڇُٽي، انسان ازل کان آجو آ!**

**۽ انهيءَ اسان جي آجائيءَ، قومن جي آجائيءَ، انسان جي آجائي جي ازلي حقيقت جي ياد هڪ پيرو ٻيهر ، هتي "گُوندر وينڌا گُذري" ۾ شاعر اسان کي ڏني تو ۽ سر- دان جي عيوض اُن جي حاصلات جي "خوش خبر" هو اسان کي ٻڌائي ٿو ۽ اهوئي سندس ٿورو اسان تي ايڏو وڏو ٿورو آهي، جو سچ تہ اسان جي لاهڻ جو نہ آهي ۽ انسانن جي آجائي پنهنجي سِر پاڻ تہ واقعي سِردان گهري ٿي- جنهن لاءِ سيدنا حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ "راءِ ڏياچ" جي واتان چوايو آهي:**
**مٿي اُتي منهنجي، جي ڪوڙين هون ڪپارَ،**
**تہ واريو واريو وڍيان، سسيءَ کي سؤ وارَ،**
**تہ پڻ تندُ تنوارَ تنهنجي مٿاهين مڱڻا!**

**محمد ابراهيم جويو**
**حيدرآباد سنڌ**
12 آگسٽ 1985ع

Gul Hayat Institute

# نظم

Gul Hayat Institute

# ڪارونجهر ڪان ڪينجهر تائين

ڪارونجهر ڪان ڪينجهر تائين، ڪيٽي بندر ڪان ڪشمور،
موتين ڪاڻِ هي ملڪ سچو آ، مارُن جو ۽ مارُو مور.

هن ۾ هاري اَنَ اُپائن، جن جا سون جهڙا سَنگ،
هن جا ماڻهو محبت پريا، ناز منجهان تہ نيائن نَنگ،
هن ۾ جهوپا جهانگيئڙن جا، هُن ۾ جهونگارون جهر جَهنگ،
ڪافي، وائي، بيت، جمالو ۽ پيا پُڏين چُرندي چَنگ،
"خلد" برابر هن ۾ خوبيون، ۽ پيا روپ رسيلا رَنگ،
دنيا ساريءَ ۾ اي دلبر، ديس منهنجي جو ناهي دَنگ،
سنڌ سچي جي سِينڌ سنڌو آ، جنهن ۾ گهاتو ڪن ٿا گهورَ!

مِنڙن مِنڙن پولن وارن، مال وندن جا هن ۾ ماڳ،
پاڳ پليرين پاڳياڻين جا، پائو هن ۾ پاڳ ئي پاڳ،
هر هڪ ونڙي پنهنجي ورَ سان، ويٺي لنئون لڳائي لاڳ،
جندِ اَسرُ جو جيڏين جوتيا، چڻ ڪنهن راڻو ڳايو راڳ،
پاڻيءَ ويل پنوهاريون پاڻ ۾، چوڙيليون ڪن چرچا چاڳ،
پوڙ پلاءُ ڪي پَن ڏيئي، سي سادا سانگي آڻين ساڳ،
سرءُ سياري سانوڻ جو تن، سانگين ناهي هينئڙي هور.

مُشڪ ڪٿوري ڪان بہ مٿيري، هن جي خوشبوءِ ۾ آ خاڪ،
باک ڦُٽي جو وڻ ٽِڻ واسي، هن جي موتين جهڙي ماڪ،
هن جي ٿر بر ٽڏڪارون ۽ هن ۾ ٽاريلين جا ٽاڪ،
هن ۾ باغ بهارون بر سر، هن ۾ بُلبل سڀ بيباڪ،
هن ۾ مانجهي مرد مٿير ۽ هن ۾ ڏوپارن جي ڏاڪ،
هن ۾ سانگي ساڏا سُوڏا، ڏاها، پورا، دل جا پاڪ،
هن ۾ وارا ويا وڇائي، شينهن جهڙا ڪئين شهزور!

هن ۾ سچل سامي، سانوڻ، هن ۾ شاهہ پٽائي گهوٽ،

هن ۾ دودا، دريا خان ۽ هن ۾ ارڏا ڪئين اٺموٺ،
هن ۾ صوفي، صادق هن ۾، هن ۾ عاشق ورتئون اوٺ،
هن ۾ مڪلي، موهن دڙو ۽ هن ۾ آهي عمرڪوٽ،
هن ۾ راڻا، راءِ ڏيارچ ۽ هن ۾ ڄايا ڪئين ڄاموٽ،
هن ۾ سهڻي، هن ۾ سسئي ، هن ۾ مشهر مارئي موٽ،
هن ۾ عاشق اهڙا ٿي ويا، جهڙو عاشق چنڊ چڪور.

دنيا ۾ هي رنگ اٿيئي، مارُوئڙا مهمان نواز،
آيل کي هو عزت ڏيندا، آڌرڀاءُ سان ڪن آغاز،
پاڻ نہ هوندي پاڙي پَٽ تي مهمانن جو رکندا راز،
پنهنجي ريت پراڻيءَ کي هو، اڄ بہ نڀائين ڏاڍي ناز،
رات سڄي ڪن ريجهہ رهاڻيون، الغوزن جا اُتِ آواز،
پيچ پنيءَ بوٽيندا پُون پُون، چنگ چُرن پيا سينديون ساز،
نيت، گُجهارت، هلي همرچو ۽ پيا ڏين ڏاها ڏور.

هِت تہ لايون لابارا ۽ چيٽ ڪتيءَ ۾ چوندا جام،
ڪاهڙ سارو کيٽ کَرا ۽ سهڻي ساوڪ صبح شام،
چوندي ميڙي چوڙيليون ڪن گگدامن لئہ گاهہ گدام،
ٻاجهر، ساريون، جَوَ ۽ جُوئر، ڪڻڪ مَٽر هِتِ مهر مدام،
ڪُونجن وانگي ڪري قطارون وچينءَ وريون گوريون گام،
چال چگِّيءَ سان چالون ميڙيو، چونئريون پرين البت عام،
پُٽيون ٽپرين پيار منجهان سي پٽيان تن جي لاهور لور.

اجرڪ، پَٽڪو، سُٿڻ ۽ صدري، آهي وڙائو وانگين ويس،
گج ۽ گربيون، لاڪيون، لويون، ڪاهڙ وارن ڪٽيون ڪيس،
پرت پريو هت پوريون پائن، چولن تي چِٽ لايو ليس،
قابل هت ڪرڙاٽ قرب مان، ڏاڍ ڏاڙهين ڪن ٿا ڪيس،
هر هنڌ ٻُڌندين هاڪ هنن جي، دنيا ۾ تون ديسان ديس،
هن ۾ گهوڙن گهوٽ چڙهيو، ڪن راڻا رِيس منجهان ٿا ريس،
هن ۾ ٻيلا، ميلا هن ۾، منڇر مياڻي ڪاڪ پنيور.

Gul Hayat Institute

چندبہ ڏسي آڪاڙ جو اُپ ۾، هارين هُرلا چاڙهيا نار،
ٻَنا ٻڌيو ڪن ٻُروٽيون، ڳاڌين ويٺا ٻُڌڙا ٻار،
ٻاڙو ڏاڪي ٻوڙ وهن، ڪو ٽانگر مالهہ گسي مالهار،
پارچ پلٽي، نمندا نيسر، پاڻي اُڇلين پرئين پار،
جوڳن ۾ اُت جنُگ وهن جي ٽلها ڏاگها ٿوهيدار،
چم چم چيرون چٽڪارون ڪن، منهان مارن مزيدار،
راتو ڏينهان ريج ڪريو سي، چَٽيو چڏين ڍنڍون ڍور.

ساَنوڻ ۾ هت دريا دهشت، ٻيلا ٻوڙي ٻيٽ،
پاڻي پَسندي ڪنڌيءَ ڪناري، تُم ترايون ڪيٽيون ڪيٽ،
اَسُو، آيو اُتر سعيو، پاڻي وٽندو دريا پيٽ،
ريج اچي ۽ رنگ مچي اُت، رانيل ساوڪ سارو ريٽ،
ڪاهڙ واري ڪيڙي تنهن ۾ چوڌاري ڪن چگڙا چيٽ،
چانهيون، گدرا، مگُ، مڪائي، پلو تنهن ۾ پيندو پيٽ،
ڪُونجون ڪٽڪن ڪيٽن تي ۽ جهانگين جهنگل منجهہ جهڪور.

مصري ماڪيءَ کان ٻہ مٺي آ ”منشي“ سهڻي ساري سنڌ،
پوريءَ دنيا منجهہ پري روءَ آهي پنهنجي پياري سنڌ،
هن جي ٻولي ٻاجهاري ۽ جيجل جيءَ نياري سنڌ،
ظالم ڪئين ويا زور لڳائي، وانگين ور ڏئي واري سنڌ،
هر هڪ پنهور ساڻ هميشہ، پت هن پوري پاري سنڌ،
هن جي سڏ تي ماڻهو مرندا، لک هزارين مانجهي مور.

ڪارونجهر کان ڪينجهر تائين، ڪيٽي بندر کان ڪشمور،
موتين کاڻِ هي ملڪ سڄو آ، مارُن جو ۽ مارُو مورَ!

## تُنبينِ تي تارِ پيچاري

وچينءَ ويلي ولر واري، وڻاڻن ڏي وريا هوندا،
تُنبينِ تي تارِ پيچاري، تنوارينديُ تريا هوندا!

ڊهوڙن سان ڏُڪيو پهچن، اڳيان سيني کان الوڙيون،
ڏيئي ڦيرا ڦرن تي سي، مِڙي پريائون ماڻوڙيون،
ٻُري ڏيئي ٻاچڪو ڪانگهارين کي لاس تي لوڙهيئون،
وَٽيون هٿ ۾ پسون پاسي، جي ڪيرن جا ڪريا هوندا!

ڪنهن ٻاڳياڻيءَ گجر گوشي، ڪنهن ٻاڳياڻيءَ ڪُنڊي ڪاري،
ڀريون مٽرن جون ٻاڳياڻين، ڀٽارين لئہ آنديون ياري،
ڦريون ڦولهي هٽن سي ڦڪ، هُوندي گاهن جي گلزاري،
پَٽِيندي مٽر پوڄاڙي، سندن هٿ ٽيا هريا هوندا !

سونهن سِر سرتين جي، سينهڙن تي ٻيلهڙا ٻهہ ٻهہ،
ٿاهيون ٿوليون اچن ٿلنديون، ڪنديون ٿهڪن سندي ٿهہ ٿهہ،
چٽن سان چولڙا چمڪن، چُرن جي چَپَ تہ ٽئي ڇهہ ڇهہ،
ڀنيرڪي جي دلا ۽ مٽ، پرم وارين ڀريا هوندا!

چڙهيا چيٽي لڙهار، پٽن تي ڪيون پالوٽون،
صبوح ۽ شام هارين جون، هونديون جوڙن مٿي جوٽون،
سارين ڀيجا ٻہ ساماٽا، هونديون هر ڦل اندر ڦوٽون،
ڇُڪين ۾ ڇاھ مان ڇوڏس، ڇيها ڇالُن ڇريا هوندا!

وٿاڙن جي ڪو وٽ وٽ ۾، ڪنهن هوندو هر مُنيو هٿ ۾،
ڪو ڪاهوڙي کهي سان، هوندو ڪانڊيرن جي سٽ سٽ ۾،
ڪو ڪوڏر، ڪو ڪهاڙيءَ سان، هوندو ڪڙيي جي ڪٽ ڪٽ ۾،
ڪي ڪاڙهي ۾ ڪُهڙ ساڙي، نہ ٽاندن کان ٽريا هوندا!

Gul Hayat Institute

وني ۾ ورُ چڏي ٻئي گهر، ٻنيءَ تي ٻانگ سان آيا،
پورو ڏينهن پيٽ لئہ پورهيو، لڪن ۾ لڳ تن تايا،
ٻپهريءَ ٻوڙ ريءَ ماني، پُچائي ويا پسون چايا،
اُگهاڙا پير تن ٻارن جا، ڪاڙهي ۾ ٻريا هوندا!

مارو هن مُند ۾ "منشي" گنجي ۾ گوڏ ۾ گهارين،
هڙيئي ڪِين هڪ جهڙا، مون هت ڪئي ڳالهہ ڪِنِ هارين،
ڪُتيءَ جي ڪم ڪرڻ ڪارڻ، هُو ٽل سان ٽيم ڪي ٽارين،
سپيئي سرڪا متان سمجهين، سريا ڪي اَڻ سريا هوندا!

وچينءَ ويلي ولر واري، وٿاڻ ڏي وريا هوندا،
ٽُنبينِ تي تار پيچاري، تنواريندي ٽَريا هوندا !

Gul Hayat Institute

# نياڻيون ۽ مهراڻ جون

گوني، پيچاري نياڻيون، ۽ متي مهراڻ جون،
لاڙ سان لانئون لڏائون لهريون ڏئي لاڻ(1) جون.

ڄامشوري ۾ ڄميون هي، پينرون ۽ جاڙيون،
ڳهه وجهي ڳوڻن تان لاٿئون، ڳٽتيون ڳل ڳاڙهيون،
سانگين جي سرزمين کي، ڏيئي سايون ساڙهيون،
واهه واهه وک تي وڌايئون، وانگين جون واڙيون،
وانگين جي وات ۾ وايون، سندن واکاڻ جون!

ياءُ تن جو پر ۾ جهلو، چينل چگو وچ ۾ وهي،
هي ننديو نينگر ڀنهين کان، رات ڏينهن رڙهندو رهي،
تڇ امڙ جي، تر رسائڻ لئہ سوين سختيون سهي،
۽ پڪا پاسا سندس، هو ٿو ڪٽان جو ڪٽ وهي،
پُڳڙا ميمڻ واري پونءَ کي، ڏي پريون ٿو پاڻ جون!

گس وٺي گوني، ٺندي ۽ ماتليءَ وچ مان مٿي،
ڪجهه ڏندي کي ڏند ڏيکاري، پهرين پوڻن ڏي پٺي،
نانگ وارا وَرَ وجهي، وهندي وچي وارن وٺي،
کن ڪمي تي ڪين، کاهڙ سندس کٽيو کٽي،
سُو بسُو سانگين رسائي، سوکڙيون سرهاڻ جون!

Gul Hayat Institute

پٽ پٽيهر پائي پيچاري، پکن پنهنجن پُري،
پيڻ کان پاکر چڙهائي، سهٽي سيريءَ کان سُري،
گس وٺندي گجندي گنجي کان، پانهن ڀلالن ڏي ڀُري،
دل دڙي جي ۾ داخل، چاهه ڏاڍي مان چُري،
چئوطرف ڇهري سندس، چمڪن ڏچون پانداڻ جون!

دمہ دڙي ۾ ڀُيو، جر جال ڪئين جاتي اندر،

چوھ مان چوليون ھٽيو، چُلڪائي جر چاتي اندر،
اُڄ اباڻن جي اُجھائڻ لئہ اصل آتي اندر،
جھنگ جھر جھالار جھم ڪيا، تنھن تہ ھڪ جھاتي اندر،
جابجا جرڪي اُٺيون ڪئين جلوتون تنھن جواڻ جون!

چال چورين جا ڏسي، آيا ڪَھي ڪارا فرنگ،
دل اندر دولاپ تن جي ۽ ضميرن زھر زنگ،
ترت تاڙي تن طمع ڪيئڙو تڏي وارن کي تنگ،
جلد ڪيو جاڳو جوانو جابرن سان آھي جنگ،
مُنھن مترڪن ڏيئي ڪريو پوريون سڏون ساندڻ جون

اڄ وڳھ رُوپا بہ آھي، رت گھريو راڻا وري،
آھي ميران پُور متي، ۽ گھريا ڏُبي داڻا وري،
ڏيھ جا ڏاھر ۽ دودا، گھوٽ وجھ گھاڻا وري،
نہ تہ سوين ٿي سال ويندئي سندَ سَندَ ساڻا وري،
ٿيو چڙڪُ چورا چڏي، ڳالھيون سيئي چڪتان جون.

وانگين کي روڪڻ کي ويا وروڪي، ھُلُ ڪري ھٿ جون ھٽي،
ڏوڙ ڏارين کي ڪرڻ لئہ، ڏگ اُٿُ ڏرتيءَ ڏٽي،
پاڪ پنھنجي سرزمين تان، ڪر تون پاپين کي پٽي،
ڪيسن ڪوٽن منجھ ”منشي“ ڪنھن جي ڪُٽڪي ڪاٽي،
راڪ جون رڪڙيون ڀڏو، آيون رُتون رت چاڻ جون.

Gul Hayat Institute

لاڻ: پوتي وجھڻ مھل ڳڙ ورھائڻ

# ٿر جي ڏڪار تي

نہ وسڪارو وچڙين، نہ ٿڌڪار ٿر ۾،
اُجايل اکيون آس وَنديون اَبر ۾.

لڳي لُڪ ڪيا سُڪ مرُن مال ماڻهو،
ويڙهيچن تي ويلا، نہ ڪو ڳاهہ داڻو،
نہ پاڻي پُساڻو، نہ ڪو تن کي ناڻو،
وتي هر ڪو وانگي ويڳاڻو ويڳاڻو،
ڏڪاريل ڏکن ۾ ڏسي ڏيهہ ڏاڏاڻو،
ڪِجان پَسيو ڪاهڙ هي ڪاڻو ئي ڪاڻو،
اُتن ٿا ادا ڙي اوپار اندر ۾،
وسڪار وچڙين نہ ٿڌڪار ٿر ۾!

نہ يون يون بوٽيندن، نہ پُٽڪو پَليرو،
نہ ڦوڳن ڦلهارون، نہ ڪنهن ڦر جو ڦيرو،
نہ ڇيها نہ چالون، نہ چيرن جو چيرو،
پِٽون پانگ پلجي، ڪيو ڪنهن نہ پيرو،
اَندر هر ڪنهين جو اُجيرو اُجيرو،
پلر ڪٽ نہ پسجي، ڪو پاڻيءَ جو پيرو،
ڏکي ڏِيل ڏک کان تو ڏوتين ڏُکر ۾،
نہ وسڪار وچڙين، نہ ٿڌڪار ٿر ۾!

نہ ڪا بوند برسي، نہ بر ۾ بهاري،
وسي وانگين جي وطن ۾ پيئي واري،
جياپي جو تن تي ٿيو جر نہ جاري،
تباهہ ٿونس ۾ ٿيا هرڻ، هر ۽ هاري،
ٿيا چَٽ چُرڻ کان چوپايا چوڏاري،
نہ ليکو لکڻ جو، زبون حال زاري،
اچن رُج نِپٽ جا نظارا نظر ۾،

Gul Hayat Institute

نہ وسڪار وچڙين، نہ ٽڏڪار ٽر ۾!

پسي ڏُوڙ ڏرتيءَ، ڏُبڻ ڏڻ ڏٽولي،
نہ چوراڙ چر تي، ٿهڪڻ سان ٿولي،
نہ گُرگالون گس تي، نہ ڪنهن گول ڳولي،
نہ ڪٽ ڪئي ڪچهري ويئي وَهي وچولي،
نہ هونگر همرچي جي ٻولي ڪنهن ٻولي،
سُڪا مُنهن سندن، ڪنهن کُلي، کِلَ نہ کولي،
وٺي ريءَ ويچارا ويڙهيچا وَيَر ۾،
نہ وسڪار وچڙين، نہ ٽڏڪاڙ ٽر ۾!

ڪٿي ويون ڪوهيون، نہ ڇيڪار ڇيلن،
سڙن سيٺ پيا ۽ نہ سينگار سرتين،
اَسر ڏيو اُٿن پنڌ پاڻي آ ميلن،
پري هيڙ هر ڪنهن وڏن ڪن وسيلن،
سڄو ڳهر، سڄو ڏينهن گهڙي پاڻي گهارين،
سُڪل سائون سُڪُ ٻُڙ مان سانجهاڻ سارين،
جيئڻ هي پسي، جل جاڳيا جگر ۾،
نہ وسڪار وچڙين، نہ ٽڏڪاڙ ٽر ۾!

هي جيئرا جنازا، گُنگا ڪن نہ گُڻ مُڻ،
نہ ڪنهن چپ چوري ڪئي چؤنرن ۾ چُڻ چُڻ،
نہ ساڏوهين تي ڪا سُٽجي ٿي سُڻ سڻ،
نہ ڪي پر پٽن جي ڪا ياڳين جي پُڻ پُڻ،
نهارين ڪٽيو نيڻ ڪنوٽين لئہ ڪُڻ ڪُڻ،
ڪاٺونبا ڪُٺي ويا، اندر تن جي اُڻ ٽُڻ،
مرن مور ماندا ڪارونجهر جي ڪر ۾،
نہ وسڪار وچڙين، نہ ٽڏڪاڙ ٽر ۾!

ٿهن چند ٽڳن لئہ ڪروڙن جا ڪوٽا،
لُچن لال لک جت، اُتي مُنهن آڱوٺا،

Gul Hayat Institute

نہ پرسايا پاپين پنوهارن جا پوٽا،
ڏئي مُنهن مارُن ٽِڪر ٽلها ٽوٽا،
ڪنيا ڪنهن نہ سانگين جي سورن جا سوٽا،
لکين پيٽ پرين جا ٽڪر چند جُوٽا،
ترقي پيئي ترڪي، چورن جي چڪر ۾،
نہ وسڪار وچڙين، نہ ٽڏڪاڙ ٽر ۾!

چني حق ورتا ڏيئي راڻن جتي رت،
ڪري راڄ پورهيت ۽ هاري حڪومت،
هزارين ٽنين ميل پوٽا جي پربت،
بنائي ڇڏيا باغ جنتَ ئي جنتَ،
ملي هت نہ "منشي" ٽي مارُن کي محنت،
پوري رت چوسيندڙ لغورن تي لعنت،
جيئڻ جن جهنم ڪيو سانگين جي سر ۾،
نہ وسڪار وچڙين، نہ ٽڏڪاڙ ٽر ۾،
اُجايل اکيون آس ونديون آبر ۾

(1974 ۾ ٽر ۾ ڏڪار آيو جنهن تي سينني اخبارن ۽ رسالن گهڻو ڪجهہ لکيو هو، ان کان متاثر ٿي، سينٽرل جيل ڪراچي ۾ هيءُ شعر لکيم. منشي)

Gul Hayat Institute

## ٻاٻاڻن جا ٻار ٻري ۾

ٻاٻاڻن جا ٻار ٻري ۾، ڪير ٻُڌائي ٻَرندا ڪيسين،
جوتِ مٿي هن جيجل جا هي، ڳاڙها ڳوڙها ڳڙندا ڪيسين.

پورهتين جو پگهريل پگهريل ڏِيل ڏسي ٿو ڏِيل ڏري،
ڪاسي وارو ماسي مان هي پورهيت پوري ڪيئن ڪري،
سارو مهينو سٺ روپيا هو انگ ڍڪي يا پيٽ ڀري،
ڳالهيون ڳٽيو ڳيرن جون هي ڳٽين ۾ پيو روز ڳري،
سنڌ امڙ جا سانگيئڙا هي سور پلا چئو چرندا ڪيسين.

ليڙ لَٽن ۾ لڱ لڪائي، لڄ پري ڪيئن لال پري،
وار سُڪي جنهن ويندا ٿي ويا، ناهي طاقت تيل ٽَري،
وِهر منجهان ٿي اُٿي واندي، گهري وڏيرو گاه پَري،
هي ٻه ته ڪنهن جي ڇائي آهي، سوچي ظالم ته ڏس زَري،
پاهُ ٻُکن پنهوار ڪيا، سي پاروٿن تي پرندا ڪيسين.

جهانگيئڙن جو جهوپو خالي، آيو وِهرَڻ سڀ عيال،
ڪارا گورا ٻار اگهاڙا، وينگس ويڙهيل هڪڙي وال،
گوڏن تائين گپ ۾ پريل، ٻار ٻُڌا سڀ هيٺي حال،
ڪاوڙ مان ڪمدار اچي پيو، ڪانڌر سان ڪندو قيل مقال،
جهُور جهُڪيل هي جهانگيئڙا، هن جهُوپن ۾ پيا جُهرندا ڪيسين.

چانب اٿر ۾ چنڙي هيٺيان، چورن جي ڏس چانگ الا،
واءُ اٿر جي ائين سي ويڙهيا، ويڙهيل ڇڻ ڪي نانگ الا،
ڪاڙهن ڪاڙهيا سرديءَ ساڙيا، سانگين سُورن سانگ الا،
حال هنجن جو هيٺو هت ۾ ڪوڏ پيا ڪن ڪانگ الا،
مام انهيءَ ۾ ماروئڙا هي مارون ڪائي مَرندا ڪيسين.

سارو ڏينهن تغاري سر تي، پيءُ پُٽ شام جو روپيا چار،

پيٽ ٻُڪيا ۽ انگ اُگھاڙا، گھر جا ڀاتي ٻارهن ٻار،
تن مان ڪي معصوم مُدي ۾، ڪن ڪي ٻُڪ ڪيو بيمار،
حال ڏسي تن حيرت پريو، آيل روئي ڏئي اوچنگار،
دوزخ جھڙي ان دنيا ۾، سانگي سادا سڙندا ڪيسين.

ٻارهي تي ڏس ٻاٻاڻن جا ٻارهن سالن وارا ٻار،
پيٽ گندي ۽ پنج روپيا، هٽ آهي ماڻهوءَ جو ماهوار،
ڪنهن جون عيدون ڪنهن جون شاديون، هي تہ هميشہ ڍورن پار،
سٽ روپين ۾ سال سڄو هن گروي پٽ تي گار جي وار،
ڪوس اهڙي ۾ ”منشي“ آخر گَلها ڪنهن جا ڪڙهندا ڪيسين.

Gul Hayat Institute

## دنيا جو دستور

عجب ڏٺوسون اچي ادا ڙي، دنيا جو دستور هتي،
راهه رهڻ جي ڪائي ڪانهي، مسڪينن لئہ مُور هتي.

سُڪل ماني سيمنٽ جهڙي صبوح منجهان هن ڪئي قندوري،
سر تي ڏلها شام صبح هي، پيٽ ڪٽي ڪيئن پوري،
ٻچڙا جنهن جا انگ اُگهاڙا، پيٽ پِٽئي جي ناهي پوري،
سونهن وڃائي سورن ساري، پوءِ بہ سر تي سوري سوري،
لپ لسيءَ لئہ هي لاڪيٽي، مفت مري مجبور هتي،
پيٽ ٻڪئي جي لاءِ پلپل پيئي پچاري پُور هتي.

هفتي ۾ هزار مٽيءَ جو، سورنهن روپيا ست چٽان،
اڌ مُنو اٽو گهرجي، تيل ڪريان يا ميٽ ڪريان،
ڳنڍ جي ڪارڻ ڳڙ بہ گهرجي، ڪيئن ڪريان چئو ڪيئن ڪريان،
سيءَ سُڪائي سوڙها ڪيا، تن ٻچڙن جي ٻاڪار پَريان،
پيڻ ويچاري لڄ جي ماري، هڏ چم ڏيئي ٿي چُور هتي،
اهيئي ڏلها اهي ئي ڪوڏر، سهسين آهن سُور هتي.

سِرَ تي ڏَلها سانجهي تي ويئي، جهِڄندي پهتي جهوپي جهل،
ٻارن ڏسندي ئي ٻاڪاريو، اچي امان پيئي جيجل،
سُڪل ڇهرا ساوا ٿياڪجهہ جيجل آٽِ جلائي چُل،
ساڳي ماني سيمنٽ جهڙي ڳُڙ سان ڳڙڪي هر مهل،
ڏرتي هنڌ ۾ اوڇڻ اُپ جو، ڪيڏا ڪيس ڪلور هتي،
مسڪينن جي ماس منجهان ٿا موجون ڪن مغرور هتي.

سومر گذريو آيو اڱارو، اربع ڏينهن ويو اَٿو ڪُٽي،
فڪر لڳي ويو فاقي جو، پر پاڻ ٻَڌائين پيٽ پَٽي،
ڪُلهن ڪر ڳل سر تي سارو، ٻُک مچائي ونجهہ وٽي،
لوڻ ۾ پاٽي چلهہ تي چاڙهي، پاءُ منجهان ڪيئين پٽي چٽي،
آس اڙايو ڏينهن جمع تي، نِير وهائي نُور هتي،

Gul Hayat Institute

پاڻ پچائي، لڄ لٽائي، جهُڳي ۾ جهُور هتي.

ڪير ڪمائي، ڪير ٿو کائي، هتي ادا حالات ڏسو،
ڪن لئہ قائم ڏينهن سدائين، ڪن لئہ ڪاري رات ڏسو،
ڪن جا پيٽ پلائن پريل، ڪن جي واري وات ڏسو،
سچ چوڻ لئہ سِڪن سياسي، ليڊرشپ جي لات ڏسو،
اکين هوندي انڌا آهن، نابينا بي نُور هتي،
رشوت خور ريائي رهزن آفيسر منظور هتي.

اڌ ۾ اي سي چيف برابر، اڌ ۾ ايسڊيو ۽ انجنير،
داروغي کي ڏار کپي ۽ ڏار گهري ٿو پيو سروير،
ايسٽيمنٽ اڍائي لک جي، خرچ ٿيا ڪي ڏوڪڙ خير،
گڏيا جواري ٺيڪداري، ٽري چَڪي جو آهي ڦير،
آفيسن ۾ عام کلي آ رشوت اورا اور هِتي،
ڏيڍ روپئي ۾ ڏينهن سڄو ڏلها ڪٽي مزدور هتي.

ظاهر ظلم زميندارن جا هارين تي هر بار هزار،
پاڻ پتوڙي لُنديون لتاڙي، اَنُ اُپائي ٿو جو اَنبار،
دل تي ڌاڪو، فڪر ۽ فاقو ٻچڙا بُک ڪيا بيمار،
سال سڄو جنهن سُور سَٺا، سو سير اَٽي لئہ لاچار،
مرض ماريل مارۇئڙن جو، ڪريان ڇا مذڪور هتي،
سُورن جو سنسار هتي ۽ سُورن پٺيان سُور هتي.

سيءَ سيارو پاڙي پارو، گوڏ گنجيءَ ۾ ڪري گُذارو،
ڪاٺيون ٽيڪي، هٿڙا سيڪي، سال گذاري سارو سارو،
هَرُ هلائي، ڪيڙ لڳائي، تاهي ٻنيءَ جو ٻارو ٻارو،
وڏي وڏيري جو تہ ٻہ تنهن تي، گار مٿي ڏس گار جو وارو،
مزدور ادا مجبور هتي ، ڪري عَيش وڏيرو نُور هتي،
ڪانگ کائي انگُور هتي ۽ حور ماڻي لنگُور هتي.

منهنجن مارن مسڪينن جو، حيرت پريو حال ٻُڌو،

Gul Hayat Institute

لاڙئون لڏيو اُتر اچي پيو، پورهئي ڪارڻ ڳالھ ٻُڌو،
پنج ٻَچا ۽ پوڙهو پيءُ هي اڪين ڏٺو احوال ٻُڌو،
طفل ويچارا پنڌ جا ماريا، تن جي قيل مقال ٻُڌو،
جتي تہ پيئي اُتي وهائي، سردي گرمي سُور هتي،
سُورن سهندي سانگين ڪي ٿيا ، نَس نَس ۾ ناسُور هتي.

گهر گڏه تي، ڪَلها ڪُلهي تي، انگ بہ اوڇڻ ڏارا ڙي،
پير اُگهاڙا، تتل ڪاڙها، ڪلر ڪوسا ڪارا ڙي،
ڇهن ورهين جا چوڪرڙا ٿو، ٻارهي بيهاري ٻارا ڙي،
سوچي ڏس تون ايئرڪنديشنڊ ڪار ۽ بنگلي وارا ڙي،
اهڙو "مشي" ماروئڙن تي مڙهيل آ منشور هتي،
گُڏ ڪڏي ۽ گاھ بہ وڪٽي، غمن ڪيو غرقور هتي.

Gul Hayat Institute

# پٺائي سان مخاطب

ٻلاري ٻونءَ جي مٿان تہ ٻاڳين ٻنيٺ، پيا پڙڪن ٻَلا پٺائي،
مرن پيا مارُو ڪُسن پيا ڳُوندر قَهرَ پيا ڪڙڪن ٻلا پٺائي.

ڇَپَن تي ڇَتيون، زبان تي مُهرون، ڪُچون تہ ڪاتيون، ڇنن ٽيون ڇاتيون،
سهم ۾ صدما، اندر ۾ اُڌما، ڏکن ۾ ڏينهن ۽ روئڻ ۾ راتيون،
لڪايان ڪهڙيون لطيف توکان، ٻُڌايان ڪهڙيون برهہ جون باتيون،
سون جون ڪانئي ڇڏيون ڙي سائين، ڪلون تہ ڪولين ٻلا پٺائي.

اُميدون آخر ويون ٿي آسون، اسان ئي ڦُرجون، اسان ئي ڦاسون،
اسان جا ليڊر اسيمبلي لئہ، هزارين ٻاسيو اچن ٿا ٻاسُون،
اندر ۽ ٻاهر ڪُچن تہ ڪافر، وٺيو وزارت ڏين اوٻاسيون،
هتي تہ باغي هتي تہ ڏوهي، سچا ٿا سڏجن ٻَلا پٺائي.

اڃا عمر جو جبر آ جاري، اڃان مارئي نہ ماڳ موٽي،
وڏا واعدا هئا ورڻ جا، مگر عمر جي نيت آ کوٽي،
ڪڙهي ڪڏهن ڪان اندر تہ ڪوٽن، پيئي پنوهارن سندي هي ٽوپي،
هزارين هاڃان سٺا تہ سر تي، سدائين سانگين ٻَلا پٺائي.

سَسُئيءَ جي سر تي اُهيئي ساڙا، اُهيئي حَب ۽ اهيئي هاڙا،
اُهي لُڪون ۽ اُهيئي ڪاڙها، اُهيئي ڏارين سندا تہ ڏاڙا،
پٽي ويا ڪئين پريٽ پاڙا، پنيور وارا اَنگن اُگهاڙا،
سوين سَسيئون ڇڏيون تہ ساڙي، ونڌر جي واٽن ٻلا پٺائي.

اڃان نہ موٽيو تماچي تڙ تي، هتي تہ نوري ڇڙهي پيئي سوري،
ويا سي وينجهر، ڪڙهي پئي ڪينجهر، ملي ملاحن نہ ٿي مزدوري،
سُڪي ويئي ڊِنڊ، سڙي ويا سنڌ، رليا رُهاڪي پٺونءَ نہ پُوري،
هتي تہ هاڃان ڪيا هنجن سان، ڪنگن ۽ ڪانگن ٻلا پٺائي.

گهٽائي گهاتو چڏيا گهمائي، مَئو نہ آهي مگر سو مانگر،
سُڪي سڙن سندي، ڦٽيون مياٽيون، مچي مدارن اندر ويو محشر،
پَچاڙَ پُڇ جي ڏِسيو ڏڪن پيا هتي جي ڏيکاءُ ڏين ڏهسير،
اجان تہ ميدان ۾ مورڙا ڪي، تتا پيا ڏِسجن يَلا يتائي.

اجان بہ مون ڪي مدي آ من ۾، زهر پياري متارا ماري،
ڏسي پيئي اَوت اڇن پيا راوت، نہ ٿي هوءِ پنهنجي بٽي بهاري،
ڏسي خزانا ڪري بهانا، ڪوٺيو سان قاتل ڪُهي ڪناري،
ملهايو مانجهين، هتي هزارن، مري متارن يَلا يتائي.

سوين تہ سُهٽيون هتي سڪي ٿي، سڙن مَرن ڪي جهڄن جهُرن ٿيون،
سندو سُڪي ويئي، ميهر مري ويا، چَڙيون نہ چالن سندن چُرن ٿيون،
ڏهاڙي ڏم جو ڏسيو سي ڏهڪا، هزارين آسون هنئين هُرن ٿيون،
گهڙا ڪٽيو سي مٽي تي گهيڙن، اڇيو اوسارين يَلا يتائي.

ٺُٽو نہ طلسم، رُلن پيا راڻا، نوان تہ ناٽڪ ڪري پيئي ناتر،
سوين تہ سودا ڪُتا ڪنديءَ ٿي، نہ ٿيو ڪو راجپوت اجان تہ رهبر،
ڪُوپ ڪُسڻ جو وهي ورهين ڪان، ويا نہ وَريا محل جا ماهر،
ڪو ماٽي مومل فريب ٽوڙي، چڏائي چورن يَلا يتائي.

سندوءَ تہ سانديا سدائين سيني، سوين هزارين ڏيا چ، ڏهر،
دلير دودا، درياءَ خان ۽ ڪنڌار ڪوپا ننگر ۽ پُونگر،
نئون نياپو ديس ۾ ڪٽي اوهين جي اڇو تہ هيڪر،
ڪيون ڪُڙم مان ملي تہ "منشي" ڏڪاري ڏارين يَلا يتائي.

Gul Hayat Institute

## سڙي سورن ۾ تي ساٽي

ڏٽين ڪان ڏار ڏڳ ڏڱندي، رُني رَتُ رات تي راٽي،
سدا ساري سنگھارن ڪي، سڙي سُورن ۾ تي ساٽي.

مَتي مِٿَ ويا منڊ جا، مُدت ڪان مامرن ماري،
ڳلن تان ڳوڙها ڳاڙها، ڳاڙيندي ڳٽين ڳاري،
ڪاڻ ڪارا بنا ڪاهڻ، پريءَ چڏيو پيئڻ پاٽي.

جا هر موسم اندر مهڪي، سا اڄ ٽاندڻ پيئي ٽهڪي،
سچو ڏينهن ساهَ ۾ سونڪو، سڙيو سُورن اندر سهڪي،
ڪسر ڪُل ڪان ڪُماري، ڪڙهي ڏس ڪيئن نہ ڪو ماٽي!

ڏيو وَر سا وجهي واهون، جنهن جا پنهنجا رهيا پاهون،
برهہ ٻاريون اچي ٻاهونءَ، ڪٽيو ٻانهون ڪري دانهون،
جگر جيرا جليا جنهن جا، آهي ڪوريءَ مِثل ڪاٽي.

جي "منشي" مئي جا مَٽ موٽن، رهي سا ڪيئن منجھ ڪوٽن،
گھٽا پيرا اڳي آجي، ڪتي گھيرن منجھان گھوٽن،
اجان پُڻ آسرو آهي، سگھا سانگي ٽيندا ساٽي.

Gul Hayat Institute

## گونگي ٻوڙي

گدلي گدلي گونگي ٻوڙي، ڪنهن جي آهي نينگري،
ڪنهن جي آهي نينگري،

مُنهن مُرجهايل گهايل گهايل، نار ننڍڙڪي پيٽ ٻُڪايل،
تڪجي پيئي آ ٻوڙي ٻوڙي، ڪنهن جي آهي نينگري.

ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڪٽي ٿي، پنهنجو چڪن سان ماس پٽي ٿي،
ٻالاپڻ ۾ پسجي پوڙهي، ڪنهن جي آهي نينگري.

ڇُڙيل ڇَتڙا، هنجون هاري،ڳاڙها ڳاڙها ڳوڙها ڳاڙهي،
يرجهل ناهي پيچي ڏوڙي، ڪنهن جي آهي نينگري،

مائٽ مُنڊ منهن مَٿي ويا، ويچاريءَ لئہ وِره وٽي ويا،
سُورن "منشي" ڪئي آ سوڙي، ڪنهن جي آهي نينگري.

Gul Hayat Institute

# توکي کهڙا گيت ٻُڌايان

توکي کهڙا گيت ٻُڌايان، توکي کهڙا گيت ٻُڌايان،
پنهنجا ڏاهيان، پنهنجا ڳايان، پنهنجو من پرِچايان.

سُورن ساريل سانگيئڙن جي، منهنجي گيتن ۾ گُونجار،
مرضن ماريل ماروئڙن، تن هارين نارين جي هُونگار،
تن سورن جون سنگهرون ڏاهي، پاڻ ڪچيءَ ۾ پايان-
توکي کهڙا گيت ٻُڌايان.

لوڏ ٻير ۾ ٻڌي ٻانهياري، لاڏ منجهان ڏئي لوڏا،
ٻُک ۾ ڏاوڪ ڏيءَ رڙي ٿي، چاڙيون مادر چوڏا،
مون کي روئي جنن روئاريو، تن جون ڳاهون ڳايان-
توکي کهڙا گيت ٻڌايان.

ڪالهونڪر ڏس ڪورن آندن، هاري هو هارياڻيءَ،
پيٽ پُٽن لڳ پاهُ ٻُکن ۾، ڌرتيءَ جي ڌيياڻي،
پنهنجي وطن ۾ ويڳاڻا جي، تن سان ورهه ورهايان-
توکي کهڙا گيت ٻڌايان.

”منشي“ مور نہ ٻئي ڪنهن ماريو، ماريو ماروئڙن جي ماٺ،
ڏيهہ سڄي ۾ ڏوڙين ڪي ڏس، ڪيئن نہ ڏاري ڏاڍ جي ڏاٺ،
تن جي ڪارڻ جوڳي بنجي، ڳايان جڳ جڳايان-
توکي کهڙا گيت ٻڌايان.

Gul Hayat Institute

## ڪاراين ۾ ڪَڙيون جڙيون

ٻنهي ٽنگن ٻيڙيون جڪڙيل، ڪاراين ۾ ڪڙيون جڙيون
ڏوهي باغي ڪافر سڏجان، دانهون ڪُوڪون واڪا رڙيون.

ٽرٽل ٽرٽل ڪورٽ ٽاٽان، پاڻ کي ڏوهي پاڻ ٿو ڄاڻان،
شعر لکي مون انڌا ڪاٽا، ڪنهن جي ننڊ ڦِٽائي پاٽا،
ذات ٻه منهنجي انڌي ڪاٽي ڪِريل ڪنهن اکھ ڪِين وڪاٽي،
ڪالھ وڪي نہ ڪا اڄ سياٽي، ڄاٽي واٽي تند مون تاٽي،
اهڙيون گُهٽيون گهتجي وييون، خوني هٿ جي نهن سان نِڙيون.

هر هڪ دل ۾ دردن ديرو، ماروئڙن من مور نہ ميرو،
گهر گهر تي اڄ پهرو گهيرو، چپ چُرڻ سان ڇر ۽ ڇيرو،
گولي، سوري، ڦاهي ڦيرو، وقت ڪري پيو نينهن نبيرو،
سُورھ پائين سوپ سويرو، مُور نہ پانءِ مٺو مٺيرو،
آزادي لئہ اڄ اڏيءَ تي، گهارڻ ڪارڻ ڪڙيون گهڙيون.

هر هڪ ساسي وينو سهڪي، ڪينجهر جو پيو پاڻي ٽهڪي،
ڌرتي ساري ڏڳ ڏڳي پيئي، ڪيڏي ڪوسي لُوھ لڳي پيئي،
مارو تاءَ ڪان ويٺا تڙپن، پونءَ سڄي تي پنيٺ پڙڪن،
ڇڏ ڪٽي تون موھ مڏيءَ جو، اڄ وڏائي مان اڏيءَ جو،
“منشي” ڪيڏيون محبت پَريون، دردن ۾ ڏس دليون سڙيون.

Gul Hayat Institute

## سورهن ايڪڙ چندب تي

سنڌ وارن لئہ ڪيو سرڪار ٽيڪڙ چندب تي،
هر ڪنهن هاري لئہ زمين آ، سورهن ايڪڙ چندب تي.

پنهنجي ڪائي پنهنجي ڪيڙي، پنهنجي پوڪي پنهنجي ميڙي،
ناهي ڪو ناڪاستو يا باب سيڪڙ چندب تي.

ڏؤ اٿيئي ڏل معاف ۽ ٻي ڪانہ ڪا ٻورن تي ڏڪ،
ناهي صوبيدارن جي سونٽن جي سڙ سڙ چندب تي.

اُتِ نہ ڪو انجنيئر ايسي ۽ نہ پاٽي تي وزير،
ناهي ٻي ميرن جي يا پيرن جي ڪا گڙ ٻڙ چندب تي.

اُت نہ ڪو اسلام خطري ۾، نہ ڪو مرڪز جو موت،
عام هلندي اُتِ فقط سنڌيءَ ۾ لکپڙھ چندب تي.

ڊوميسائيل اُتِ نہ ڪوڙو ۽ نہ ڪو ڪوڙو ڪليم،
ڪو نواب اُت ناهي يا پيو ڪو بہ ڪاڪڙ چند تي.

هر مزو "منشي" اُتي آباديون آزاريون،
ناهي رشوت ۾ ڪو ڏيئڻو پئسو ڏوڪڙ چندب تي.

Gul Hayat Institute

# ڪٽڇي ڪُوڪارون

ٻُڌي هنج هليا ويا، ڪانگن جا ڪانگيرا،
ڳِجهن ڪي ڏسي ويا، ڇڏي ڳوٺ ڳيرا.

نہ ڪوئل ڪيسو ڦُل جي ٽاريءَ تي ٽپڪي،
نہ اندلٺ رنگن ساڻ جهرڪي ڪا جهپڪي،
نہ ڪونجن جا ڪيٽن تي وسندڙ واهيرا.

آئي مُند موتي نہ ٽاڙي تنوارون،
نہ ٻولي ٻاٻيهي، نہ ڪٽڇيءَ ڪُوڪارون،
نہ اڄ نيرڳين جا پَسان پاڙيءَ پيرا.

نہ چارين نمن ۾ چتونئڙن جي چُون چُون،
نہ قُمري ڪبوتر جي، ڪن تي پيئي ڪُون ڪُون،
پَسِي پهہ پارهيڙن اُڪوڙيئون آڪيرا.

ولر مان ونجهين ڪيئن وڇوڙيا وڪوڙي،
باقي ڏيهہ ڏوراهين وينا جاءِ جوڙي،
ڏسي ماڳ "منشي" جلن جانِ جيرا.

Gul Hayat Institute

# جانب سندي جُدائي

اڄ چؤطرف چمن ۾، آهي بهار آئي،
جيءَ جيل ۾ جلائي، جانب سندي جُدائي.

پيريون ۽ انب پُوکيا، جهليون نمن نِموريون،
ڏيئي هير اڄ هلورا، هلچل هيئين مچائي.

چيٽن ۾ چُون چُون چُوڏس، لس لوڪ ۾ لابارا،
ڪنهن دل هوندي يقينن، منهنجي وات بہ وائي.

پنهنجي ئي باغ ۾ اڄ، باغي پيو سڏجان مان،
تنهنجي عجب خدايا، واهہ خوب هي خدائي.

"منشي" مُڪو نہ مون ڏي، سڄڻ ڪوئي سنهيو،
شايد آهي مون ڪان، ڪا قرب ۾ ڪچائي.

Gul Hayat Institute

# وڏيرن جو وريو وارو

وڏيرن جو وريو وارو ۽ خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو،
وري ماڻن متي مارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

جمهوريت راڄ ٿيو جاري، ڇڳا چالان چوڌاري،
هزارين جيل ۾ هاري، ظلم ساڳئي ۾ نر ناري،
وري سُورن ۾ سنڌ ساري، نئين سر قيام تي ڪاري،
وري مظلوم ويچارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

وري رهبر بڻيا باطل، اهي ئي قوم جا قاتل،
سدا غم ڪُرم ڪان غافل، پوڄاري پيٽ جا پاليل،
نئين نعري ۾ تي شامل، نئين ليبل اُها بوتل،
اُها بُڪري اُهو ڏارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

وري ڳُنگا صنم ساڳيا، وٺي آيا جنم ساڳيا،
اسم ساڳيا جسم ساڳيا، وري سنگين ستم ساڳيا،
وري پاڳين پرم ساڳيا، وري ڪُوڙا قسم ساڳيا،
وري قانون اهو ڪارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

وٺي وئي مارشل موڪل، هنگامي آئي هٿ ٺوڪيل،
سنڌي ۽ سنڌ ٽاڻي ۾، هميشه جيئڻ رهيا روڪيل،
اهي ئي چور ٿيا اڄ چور دروازي ڪنان داخل،
نه آهي ڪو ڇوڙ چارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

هتي جهڙي ٻڙڪ سچ ٻولي، لڳي تي ترت تنهن گولي،
ٺڳن جي ٺاهي نئين ٽولي، خدا جي خلق تن رولي،
هلي هر هنڌ پيئي هولي، لڳي گولي سنڌي لولي،
ڪائي ميمبر پيو ڪڳمارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

ويون انصاف جون واهون، پيا مسڪين ڪن دانهون،
ڪيا جن قول تي ڪيڏا، ٻئي هر هر ڪٽي ٻانهون،
وزارت جون وٺي ڪُرسيون، ڪري ويا پير سڀ پاهون،
ٽيو پڌرو اچو ڪارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

اُهي قُربون اُهي ڏاڙا، پوليس ڪئين پَٽيا پاڙا،
سفارش جا اُهي ساڙا، اهي رشوت سَندا راڙا،
وزيرن جا پري وارا، لُڇن لالچ تي ڪيا لاڙا،
وَهي واهڙ پيو اوپارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

لڳي ڪُرسي مِٺي مصري ، ويا سڀ واعدا وسري،
ٻُڌايون حال ڇئو ڪنهن کي، سڀ ئي نانگا ٿيا نِسري،
سيئي سلطان هي ڪسري، سڏائن پاڻ کي پُسري،
ڪيو تن عيش ڏي آرو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

جهنگن جا ساڳيا جهانگي، سيئي سُورن اندر سانگي،
ٻُکن بيحال ڪيا "منشي" ، نه تن جو ڪو رويو وانگي،
اڳوڻي کان ظلم آ ڳرو، مَلِي سون مُنهن تي دانگي،
ڪيوسون پنهنجو مُنهن ڪارو، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو.

Gul Hayat Institute

## مون پڪ سُڃاتا

مون پڪ سڃُاتا پنهنجا هئا، ڪي ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾،
ٿي وات ڏسيائون ويرين ڪي، ويهي وانگيئڙن جي واڙي ۾.

تن ڳاهي ڳاهي ڳاهُ ڪيا، ڪيئن ڳيرو ڳاڙها ڳوناٽا،
تن گونج مچائي گولين جي، ٿيا وانگي وطن ۾ ويڳاٽا،
تن ڀاڳ ڀليرن ڀاڳين جا، سڀ ڀينگ ڪيا آهن ڀون ڀاٽا،
تن ساهُ سڪايو سانگين جو، هر سانگي سِينو ساڙي ۾.

جِت چالون چِنيون چاهَ منجهان ۽ چؤڏس هئي چُونگار چرڻ،
جت چورن چيلا چاچر ۾، ٿي چوڙي چڏيا چيڪ چڻ،
اڄ ماڳ پَسيو سي ماُرن جا، ٿا من ۾ منهنجي مچ مچڻ،
اڄ پوتن جا اُت پنيٺ پائو، ناهي پنوهر ڪو پاڙي ۾.

جِت چرچا چارئي پهر چمن ۾، چوڙيلين جا چاڳ هئا،
۽ مال وندن مهياڳ متارا، ماروئڙن جا ماڳ هئا،
جت لاکين لوئين وارين لائق، لوئيارين جا لاڳ هئا،
اُت چبرن جا چيخار تہ چوڏس هيبتناڪي هاڙي ۾.

سي ماروئڙن ڪي ماري ماري، مال مَڏيون سڀ ميڙي ويا،
۽ ڪيٽ ڪڙا سڀ ڪاهڻ جا هو ڪوٺا ڪوٺي ڪيڙي ويا،
سي وقت ڪان اڳ ۾ وانگيئڙن ڪي، واڇوڙي جيئن ويڙهي ويا،
سي رهزن راتو رات اچي، ڪيئن راڄ وجهي ويا راڙي ۾.

اڄ ڏارين ڪي ڏس ڏار ڪرڻ لئہ، ڏرتي ڏوٽي ڏڳ اُٿيا،

اڄ لال لکين لڄ پال ڪٽي، ڪي لوهن جهڙا لڳ اُٿيا،
اڄ سورهيہ ساري سنڌ منجهان، ڪٽي سانن جهڙا سڳ اُٿيا،
سي مُرڪي مرندا ماريندا، ايندو مهندان جو ٻہ مُهاڙي ۾.

اڄ غدارن کي غرق ڪبو، ۽ ڪريون چو غلامي غيرن جي،
پر پهرين پٽٽي پاڙ اٿئون، هن گهر جي چور وڏيرن جي،
جن ڪُڙم سڄي سان ڪيس ڪري، آهي خاڪ بنائيو پيرن جي،
اڄ پسجي "منشي" پُهچ پيئي، هر پنهور پير اُڪهاڙي ۾.

Gul Hayat Institute

## بلوچن جون باهيون

بيٺا جنگ جوٽي، جبل جن جون جايون،
پنيٺ ڪن ٽيون پڙڪا، بلوچن جون باهيون.

ٻڌي بيٺ بيٺا نہ ڪن نندڻ نانگا،
لڙن سي لَڪن ۾ چڙهي ساهَ سانگا،
اصل کان اهي مڙس ارڏا اڙانگا،
سٽا تن سلامن کهي چيٺ ڪانگا،
وطن لئہ وڙهڻ جون جنين وات وايون،
پنيٺ ڪن ٽيون پڙڪا ...

ٻمن سان بلورن جيئن ڪيڏن ڪيڏاري،
بندوقن ۽ توپن سان تن نِت تياري،
وطن جي حقن لئہ سندن جنگ جاري،
بياهت (1) بياهت ٻولي ڪن ٻاجهاري،
سڏي سات سورهيہ سوپون ڪن سوايون،
پنيٺ ڪن ٽيون پڙڪا ...

ڏيئي ريت ڪي ريج رت جا ريڳاڙا،
ٽڪر منجهہ ٽاڙيا ٽا مارين مُهاڙا،
مرين مارين(2)، پر نہ ڏين پنهنجا پاڙا،
جنين(3) مان جنين، ڪن ڳالهيون وات ڳاڙها،
بلوچن بُٺين سان سچا سڱ سڳايون،
پنيٺ ڪن ٽيون پڙڪا ...

Gul Hayat Institute

روان(4) مان روان، بس پڏن پي نہ پولي،
هو پادا(5) ۽ خلبو(6) ڪڏين لب مان لولي،
وٺن حق همت سان، جهلين ڪِين جهولي،
ڏٺي پنهنجي ڌرتيءَ سندا ڌڻ ڏٺولي،
دليون ظالمن جون، تن ڏونگر ۾ ڏڪايون،
پنيٺ ڪن ٽيون پڙڪا ...

گذارين، گدانن(7) ۾ ٽڏيون ۽ ٽَتيون،
سواسون (8) پيرن ۾، ۽ چوغن ۾ چَتيون،
وطن لئہ وڙهڻ ۽ مرڻ لاءِ مَتيون،
پُٽن کي پينگهن ۾، سُتيون ڏِين سَتيون،
گهوريان تن گهِگهيرين مٿان لک پايون،
پنيٺ ڪن ٽيون پڙڪا ...

هي بي دير(9) اِرغ(10) ۽ پُڇن کونہ پاٽي،
گُذر ڪن ڏوري ڏٺ ڏونگر ۾ ڏهاٽي،
هي چلتن جا چِيتا، چَريا چاڪراٽي،
محافظ وطن جا مَزن(11) دل ڪوهاٽي،
پرن ديم(12) خيس(13) سخن ۾ سچايون،
پنيٺ ڪن ٽيون پڙڪا ...

چون بشبو بشبو(14) نہ جهلجن ڪنهن جهل،
ڏسي جنگ جزن(15) سي چڱي آرا انگل،
گروڪ(16) ۽ گرند جيئن پُڇن پڙ تنهن پل،
هو نئلين(17) ۽ نئلين، هاڪارين هل هل،
چڱي "منشي" خاچگ(18) هو ڪن سر صفايون،
پنيٺ ڪن ٽيون پڙڪا، بلوچن جون باهيون.

Gul Hayat Institute

---

1.اچو اچو
2.مرندا

3.نہ ڏيندا‌سين
4.وڃان مان وڃان
5. اُٺو
6. هٿو بروهي ٻولي
7. ڏاس جون جُهڳيون
8. ڦڙهن جون چمپلون
9. ٻوڙ
10. ماني
11. وڏي دل وارا
12. مُنهن
13. ڳاڙها
14. اُٺوءِ بروهي
15. هانءِ بلوچي
16. وڄ ۾ گوڙ وانگر
17. نہ ڇڏيندا‌سون
18. سُمهڻ

Gul Hayat Institute

# مان غدار آهيان

مان غدار آهيان ، مان غدار آهيان
چيم سچ، سوريءَ سزاوار آهيان

مان پورهيت پنوهارن کي پچندي پسان ٿو،
مان مارُن مٿي مچ مچندي ڏسان ٿو،
بگهاڙن کان تن کي نہ بچندي ڏسان ٿو،
نشي ۾ نگهبان نچندي ڏسان ٿو،
جلان ٿو پچان ٿو، تڏهن ڪجھ لکان ٿو،
ڪري مان چڪو پاڻ اقرار آهيان،
مان غدار آهيان، مان غدار آهيان.

جڏهن انگ اُگهاڙا اباڻا ڏسان ٿو،
وطن منجھ وانگي ويڳاڻا ڏسان ٿو،
ڏُکن ۾ ڏريل ڏاڏاڻا ڏسان ٿو،
سچي سنڌ جا سَنڌ ساڻا ڏسان ٿو،
مان لئون لئون لُچان ٿو، تڏهن ڪجھ لکان ٿو،
حقيقت ۾ قاسيءَ جو حقدار آهيان،
مان غدار آهيان، مان غدار آهيان.

مان مورن ۽ ملوڪن کي مرندي ڏسان ٿو،
مان ڪنگن ۽ ڪانگن کي ڪُڏندي ڏسان ٿو،
مان ڏارين کان ڌرتي کي ڏُڏندي ڏسان ٿو،
مان ٻيڙي ڪا منجھ ٻارِ ٻُڏندي ڏسان ٿو،
سڙان ٿو ڪڙهان ٿو، تڏهن ڪجھ لکان ٿو،
مان پنهنجي ئي چڻ چاڻ جو چار آهيان،
مان غدار آهيان، مان غدار آهيان.

Gul Hayat Institute

مان جيئري جوانيون، ڪئين جلندي ڏسان ٿو،
مان رزاق جو روح رڙندي ڏسان ٿو،
مان ڪُونڌر ڪلها ڪنهن جا ڪڙهندي ڏسان ٿو،
سڄي سنڌ سُورن ۾ سڙندي ڏسان ٿو،
پران ٿو مران ٿو ، تڏهن تہ ڪجهہ لکان ٿو،
گنگهار آهيان، گرفتار آهيان،
مان غدار آهيان، مان غدار آهيان.

ڪٽي ڪو شرابن شبابن ۾ راتيون،
سڄي رات بک ۾، ڪنهن جهاتيون ٿي پاتيون،
ڏسي ڪنهن امڙ جون سُڪل ٿوٽ ڇاتيون،
ٻَران ٻارڙن جون ٻُڏي ٻوليون ٻاتيون،
جهُران ٿو جهڄان ٿو، تڏهن ڪجهہ لکان ٿو،
مان پنهنجن پنوهارن جو پرچار آهيان،
مان غدار آهيان، مان غدار آهيان.

مان حاڪم جي هٿ هيري ڦيري ڏسان ٿو،
وطن منجهہ وانگين جا ويري ڏسان ٿو،
مان اڪ سامراجين جي ميري ڏسان ٿو،
مان بازن جي گهيري ۾ ڳيري ڏسان ٿو،
مڇن ۾ مڇان ٿو، تڏهن ڪجهہ لکان ٿو،
مان ”منشي“ مرڻ لاءِ تيار آهيان،
مان غدار آهيان، مان غدار آهيان.

Gul Hayat Institute

## اي سنڌ امان، اي سنڌ امان

تو قدمن تان قربان وڃان، اي سنڌ امان، اي سنڌ امان!
تو پير پٽي تان گهور وڃان، اي سنڌ امان، اي سنڌ امان!

تو ٻُڌ ڌرم جا پار ڏٺا، تو ڏاهر جا ڏهڪار ڏٺا،
تو پنهنجن جا هٽ پار ڏٺا، تو ڌارين جا ڌڌڪار ڏٺا،
تو ڪوپا ڪلنگيدار ڏٺا، تو سورهيہ ڪئين سالار ڏٺا،
مان پيار مان تنهنجا پيار چُمان، اي سنڌ امان، اي سنڌ امان!

تو عرب ڏٺا، ارغون ڏٺا، تو پنهنجا تيندي خون ڏٺا،
تو وحشي مدد معلون ڏٺا، تو مانجهي ڪئين مدفون ڏٺا،
تو غازي گوناگون ڏٺا، تو محبت جا مجنون ڏٺا،
مان صدقي تنهنجي جيئڻ مٿان، اي سنڌ امان، اي سنڌ امان!

تو بيگ ڏٺا ترخان ڏٺا، تو خون پياسا خان ڏٺا،
تو گهوڙن جا گهمسان ڏٺا، تو ميري من مهمان ڏٺا،
تو جوانن جا جولان ڏٺا، تو شهزادا ذيشان ڏٺا،
تو سانديا سيني سُور نهان، اي سنڌ امان، اي سنڌ امان!

تو دودا دنگ دلير ڏٺا، تو ننگر پارا شير ڏٺا،
تو خلجي تيندي ڍير ڏٺا، تو پُوچا چنيسر پير ڏٺا،
تو طلوع، تو اندير ڏٺا، تو ظالم تيندي زير ڏٺا،
تو روپ ڏٺا ڪيئن روان دوان، اي سنڌ امان، اي سنڌ امان!

تو سمان ڪيئن سلطان ڏٺا، تو دولهہَ درياهہ خان ڏٺا،
تو حاڪم ڪئين حيران ڏٺا، تو وسندڙ ڪئين ويران ڏٺا،
تو ارڏا ڪئين افغان ڏٺا، تو قدرت جا ڪئين شان ڏٺا،
تو ڏٺا تماچي، سپڙ سمان، اي سنڌ امان ، اي سنڌ امان!

Gul Hayat Institute

تو مغلن جا معياد ڏٺا، تو بابر ڪئين برباد ڏٺا،
تو اڪبر دين ايجاد ڏٺا، تو اورنگزيب آزاد ڏٺا،
تو شاهجان ڪي شاد ڏٺا، تو ڪُسندي ظفر اولاد ڏٺا،
تو سرمد سوريءَ ڏٺو عيان، اي سنڌ امان، اي سنڌ امان!

تو ڪلهوڙا ۽ مير ڏٺا، تو مدد جهڙا نخچير ڏٺا،
تو پنهنجا پرايا پير ڏٺا، تو فتح جهڙا فقير ڏٺا،
تو وڏا وڏا ڪئين وير ڏٺا، تو دانا ڪئين دلگير ڏٺا،
تو سُورن شاهد زمين زمان، اي سنڌ امان، اي سنڌ امان!

تو فن فرعوني فرنگ ڏٺا، تو دل پليت سي دنگ ڏٺا،
تو آڙيڪاپ اڙٻنگ ڏٺا، تو وانگين پوندي ونگ ڏٺا،
تو هنج ڏٺا، تو ڪنگ ڏٺا، تو دنيا جا ڪئين رنگ ڏٺا،
چا تنهنجو زبان هي ڪري بيان، اي سنڌ امان، اي سنڌ امان!

تو پنهنجن کي مجبور ڪري، ۽ ڌارين ڌاريو نُور ڪري،
تن وانگين سان وهلور ڪري چڏيو آهي جيئڻ هِتِ سُور ڪري،
تن گهاءَ ڏنا ڪئين گهُورَ ڪري، سڀ احسان ويا اک پُور ڪري،
ڪٽيو ڪات ڪهاڙا وڍين زبان، اي سنڌ امان، اي سنڌ امان!

هي "منشي" آخر مرڻو آ، ۽ ويس مٽائي ورڻو آ،
هڪ پير نہ پُٺتي پرڻو آ، سو چٽبو جيڪي چوڻو آ،
هو سُور نہ هاڻي سَهڻو آ، جو بيٺو آ سو ڊَهڻو آ،
تو مٽيءَ کي من مانُ ڏيان، اي سنڌ امان، اي سنڌ امان!

Gul Hayat Institute

## تون ۽ آئون

تون ڪالهه بہ هئين ارغونن سان، ترخانن سان غدارن سان،
مون ڪالهه بہ سوريءَ سينگاري هئي هوشوءَ هيمونءَ پارن سان.

تو حاصل هئا القاب ڪيا، ڪيئن ڪالهه بہ پاڙيا پاڙي تي،
تون ڪالهه بہ تن سان گڏ هُئين، جي ڌاريان آيا ڌاڙي تي،
مون ڪالهه بہ ساٿ ڏنو هو سوچي، سنڌوءَ جي تہ سچارن سان.

تون ڪالهه بہ ڳاڙها لال اسان جا، ڪونڌر ڪيئي ڪُهايا ها،
تون ڪالهه بہ جيجل جا تہ جگر، ڪيئن ٽاندن تي ٽِهڪايا ها،
مون ڪالهه بہ توسان جهيڙو جهيڙيو، نيزن سان تلوارن سان.

تون روڳي روپ وٽي هِت آئين، ڪالهه بہ قاضي قاضن جو،
۽ بابو نائون مل، چنيسر، چام فيروزتہ پارن جو،
مون ڪالهه بہ روپا، دپي، مياڻي، جهيڙيو گڏ جهُونجهارن سان.

تو اڄ بہ توکي چورن سان گڏ، چوڪيءَ تي چوبند ڏسان،
۽ جيجل جي جلادن سان تو، حاضر تو هر هنڌ ڏسان،
۽ اڄ بہ منهنجي جنگ آ جاري، غدارن تو پارن سان.

تون اڄ بہ قومي غيرت کي، پيو عام هتي نيلام ڪرين،
۽ جيجل جي جهوليءَ ۾ ٽاندا، اڄ بہ پيو تون جام پرين،
مون ڪالهه وڙهيو هو گورن سان، ۽ اڄ وڙهان پيو ڪارن سان.

اڄ بہ ڏوتين ڏنپ ڏيڻ ۾، تنهنجو رهزن ساڳيو رنگ،
"منشي" وقت وصولي وٺندو، پوندا ويرين واجهن ونگ،
مان اڄ بہ آزاديءَ لئہ ٻيڙيون، پائي بيٺس يارن سان.

Gul Hayat Institute

# ڦٽن تي هڻ ڦري ڦٽڪا

ڪبار ڪارا نہ ڪوٽن ۾، پنوهارن جا اڇا پٽڪا،
ڦوهارا ڏي يا ڏي ڦاسي، ڦَٽن تي هَڻ ڦِري ڦٽڪا.

سندم ساٿيهہ سندا سانگي، سهن جي سُور سوريءَ جا،
مون ڳايا گيت تن هارين، مزدورن جي مزوريءَ جا،
ڪيا پڌرا وڪا آهن، مون جابر تو جمهوريءَ جا،
سزا سچ جي صبح سانجهي، پيو سهندس سر مٿي سَٽڪا.

ٻہ تي ڏينهڙا ڦٻي تو ڦُرِ، ٻلي ڌرتيءَ تي هڻ ڌاڙا،
ٻلي پيلاءِ ياڳين ۾ تون وانگيئڙن سَندا واڙا،
مون سانگين ڪي سلايا سنڌ جا سڀ سُور ۾ ساڙا،
اصل ۾ ان ڪري آئون، آهيان تنهنجي اکيان اٽڪا.

ٻلي ڪر قيد ۾ تون قيد، ڪوڙا هڻ ڪشي ڪيڏا،
نہ جُهڪندا سي اکيان جابر، جگر جن جا جبل جيڏا،
نہ سَهندا هاڻ سانگيئڙا ڪنهن رهزن جون رڏيون ريڏا،
ڪري پل جُهور جهوري وجهہ ڏيئي جهٽڪن مٿي جهٽڪا.

مُندون مينهن سَنديون "منشي" آيون مارُن مٿان موٽي،
ابر ۾ وچ اُتر ڪان اچ، ڪنوڻ ڪُڻ جي نہ ٿئي ڪوٽي،
سي ظالم ٿي زبون ويندا، اسان سان جنگ جن جوٽي،
ڪٽي ڏينهن قيد جي پيئندس وچي مارُن سان مَئي مٽڪا.

Gul Hayat Institute

# دوڪي جي ڏپ

نيئر ٽوڙي نڪري ويندي، ٽاريلي تو ٽاٽي مان،
دوڪي جي اڄ ڏپ اچي ٿي، تنهنجي داٽي داٽي مان.

تون رهزن ڪيڏا رنگ ڪرين ۽ ڀارن، ڦالن ڏنگ ڪرين،
تو تاتاري ٿي تنگ پرين، يا جابر بنجي جنگ ڪرين،
پر وانگياڻيءَ ڪي نيٽ نه ويندا، گهوٽ ڪڍي تو گهاٽي مان.

ڀاڳيا جاڳيا، پونءَ ڀلاريءَ جا اڄ ڀائو ڀاڳ وندا،
تنهنجي ڦهري ڪوٽ ڪيرائڻ ڪارڻ گڏجي ڪاهه ڪندا،
آس نه لاٿي آهي اجان مون، سنڌ جي سوڍي راٽي مان.

حق وٺنداسون هاڪاري، مون هارين ڪان هُونڪار ٻُڌي،
جهيڙو جهيڙو جهانگين ڪان مون، جهر جهنگ ۾ جهُونگار ٻُڌي،
مون ڪي پاتا ڏينهن گهٽا تو نيئر منهنجي ناٽي مان.

مون ڪي ماڙين مور نه ماريو، ماريو ماروئڙن جي مام،
درد ڏُکن ٿا دل تي دائم، ديس وندن تي ڏسندي دام،
لک لڏايا لوڙائن ڏس، ڀاڳيا پنهنجي ڀاٽي مان.

وير وٺڻ جون وايون ٻُڌيون، وانگين جي وات منجهان،
ڪُونتر ڳولي ڳولي ڪڍندا، ڪُرم جا قاتل ڪات منجهان،
”منشي“ چاڻ نه نڪتو نڪتو، ڪاهڙو سارو ڪاٽي مان.

Gul Hayat Institute

# سهي سٽ ڪر سانگين جي

جي جاڳن هي جيئڻ ڪارڻ، سهي سٽ ڪر سانگين جي،
اُٿي جيڪر ٻڌن آرڻ، سهي سٽ ڪر سانگين جي.

هي پورهيت پاڻ خود پارس، اُٿن جيڪر چڙهي آرس،
وطن پنهنجي سندا وارث، ٻارين ٻلواڻ تي ٻارڻ،
سهي سٽ ڪر سانگين جي

نہ ڪنهن جي سي جهلڻ جهلجهن، نہ ڪنهن جي سي پلڻ پلجڻ،
دليون دشمن سَنديون ڏڙڪن، زهر تي پئي گهڙي گهارڻ،
سهي سٽ ڪر سانگين جي

هٽي هوڪا اُٿڻ جي هڙ، ٿماڙن ۾ ٿئي تڙ تڙ،
پٽي پاڙئون جبر جي جڙ، سِڪن واڳون وطن وارڻ،
سهي سٽ ڪر سانگين جي

پنڻ واري چڙهي هي پَر، چنڻ حق جي سِڪن هيڪر،
ڏِسن ڏکيو نہ ڏينهن جيڪر، اچي جي پنڌ تن پارڻ،
سهي سٽ ڪر سانگين جي

مِڙي مارُو جي ڪن ميلا، وهي دشمن جو رت ريلا،
ٻرن ٻرڙاٽ سان ٻيلا، سِڪن "منشي" مرڻ مارڻ،
سهي سٽ ڪر سانگين جي

Gul Hayat Institute

# ڪڙيءَ ۾ زندگي ڪڙهندي

ڪڙيءَ ۾ زندگي ڪڙهندي، ڪٽم ڏاڍي ڪڙي گذري،
ٽنگيل ڀالن ۾ ڀانيم سان، گهڙي جيڪا گهڙي گُذري.

چِٽي ڇڇري جيئن چاڪُن سان ڇُهرو ڇم ڇوپائي،
حياتي تيئن سچي سُورن جي ساڙي ۾ سڙي گذري.

پُڪي پيئي جا پينگهي کان، سُتي سُرن سا سِر پنهنجي،
اڙي آهي اڃا تائين، جا گذري سا اڙي گذري.

اِڃها ايندي هوءَ آزادي، منهنجي خوابن هي شهزادي،
عمر جنهن ڪاڻ لوڙهيندي، مون لوهن سان لڙي گذري.

سوين سانگين جي سيني ۾، مون سان گڏ گوندرن گاڏا،
متان ڀانئين "منشي" جي، حياتي ايئن ڇَڙي گُذري.

Gul Hayat Institute

## سج اڇي ويو نيزي پاند

ور ڙي سوڍا مومل ڪاندِ، سج اڇي ويو نيزي پاند

نٿهڻ اُس ۾ جو ٻه اُڏاٽو، تنهن جو سَندِ سَندِ ساٽُو ساٽُو،
ڦَٽڪي ڦَٽڪي ڦاهي ڦاٽو، پر ڪٿائي پڇري ناتو،
جيئن ڪارڻ ويٺو جوڙي، پڇري اڳيان پر پکيڙي،
اندر ساڳي آنڌ ۽ مانڌ، سج اڇي ويو نيزي پاند.

پيرن چلڙا، چلڙون ڏورون، هينئڙي هُرڪُر اُڏرڻ هورون،
ويٺا وڻ وڻ واس وساري، ڦٽڪڻ تان تو مارِي ماري،
ڪيئن گُذارين جيئرا جيئڙا، موت قبولين ڇو نہ پکيئڙا،
ڪانگ ۽ ڪوئل ڪهڙي راند، سج اڇي ويو نيزي پاند.

"منشي" ماري مرڻو آهي، واءُ سٽائو ورڻو آهي،
پاڻ جا سڀ پڇرا ٽُٽندا، مور، ڪبوتر، تتر ڇُٽندا،
وڻ وڻ هوندو ويس نرالو، ڪنهن جي هٿ ۾ تير نہ ڀالو،
هوندي هر ڪنهن هنڌ هيڪاند، سج اڇي ويو نيزي پاند.

Gul Hayat Institute

# پورب وارا

پاڻ پچائي پوُرب وارا، پٽ تہ پنهنجي پاري ويا،
ٻاڙي ٻاڙي مشعل مشعل، ٻارڻ ڏيئي ٻاري ويا.

پَٽ هٽي سي پَٽ متي ۽ آزادي جي سين سکيا،
جڳ ۾ جيئندا جُڳ جُڳ جوڳي، جَڳ جي جوت جياري ويا.

مُشڪ ڪٿوري ساڻ وري ڏئي واس وطن کي واسيو تن،
هر هڪ انسان لاءِ هزارين هيرا موتي هاري ويا.

هُو مانجهي ها، ۽ وانجهي هئا، سانجهي ڪان اڳ سِر مٿان،
تيز تکي طوفان منجهان سي، تارُو ٻيڙيون تاري ويا.

عزت وارو موت قبولي، ذلت جا زنجير پنجي،
حُب وٺي سي واءُ سٽائي واڳ وطن جي واري ويا.

پوين ڪارڻ پاڻ پتوڙي، لال لهوءَ ۾ ليٽڙجي،
حُب وطن ايمان نشاني، مرندي ويا پر ماري ويا.

ڪنهن پينوءَ وانگر پَٽ ڪٽي، هو در در بَکيا ڪين گهُرن،
هو سامي سر جو سانگو لاهي، سموريون رات سنواري ويا.

اهڙا مانجهي مرڻا ناهن، ويس مٽائي ورڻا آهن،
سون پري چڻ ساموندي ڪي، ڪيپ ڪٽي هن ڪاري ويا.

سِسيون ساسي، وڻ ٽِڻ واسي، پُورب پاسي پرين ڪاڻ،
جلندي پچندي، ٻرندي سڙندي، سهٽا سبق سيکاري ويا.

آزاديءَ جي آس رکي هو "منشي" مانجهي مرد مٽير،
گهاٽي نينهن سان گهوٽ گهڙيون، گهمسان وڏي ۾ گهاري ويا.

Gul Hayat Institute

## جھڙو ماڻھو تھڙو ناڻو

جھڙو ماڻھو تھڙو ناڻو، ھر ڪو پنھنجي اگھہ اَگھاڻو،
جيڪو ماڻھو ڪونہ وڪاڻو، سو ئي ماڻھو موتيءَ داڻو.

ڪنھن جي ٿي ھِت ذات وڪامي، ڪنھن جي ٿي ھِتِ ڏات وڪامي،
ڪنھن جي ٿي ھِتِ مَتِ وڪامي، ڪنھن جي ٿي ھِتِ رات وڪامي،
ھيڏي وڪري جو نہ وڪاڻو، تنھن ڪي مليو جيل ۾ ٺاڻو.

ڪنھن جو ٿو ھت رَتُ وڪامي، ڪنھن جو ٿو ھِت سَتُ وڪامي،
ڪنھن جي ٿي ھِتَ وڪامي، ڪنھن جي ٿي ھَت پَتِ وڪامي،
ڪيڏا ڪلنگيدار وڪاڻا، ڏسندي ڏسندي چاڙھو سُجاڻو.

ڪنھن جو رنگ ۾ روپ وڪامي، ڪنھن جو ننگ ۾ نام وڪامي،
ڪنھن جي چوريل چنگ وڪامي، ڪنھن جو تنگ تي انگ وڪامي،
لاش لکين ھت روز وڪامن ، ناھي ڪوئي ٽائم ٽاڻو.

صبح ۾ سانجھي پيئندي ڪانجھي، "منشي" مور نہ وڪيا مانجھي،
مصريءَ ماڪيءَ ڪان بہ مٺا مون، اھڙا ڪي انسان ڏٺا مون،
قول عزم تي قائم رھندي، گھوٽ قبولي ھليا گھاڻو!
جھڙو ماڻھو تھڙو ناڻو!

Gul Hayat Institute

## آهي پت پارڻ ڏکي

تو ڪنا جيجل جدا، گهوڙا گهڙي گهارڻ ڏکي،
واعدا ويئس ڪري، پر آهي پَتِ پارڻ ڏکي.

ڦُوڪ سان ڦلهيار، جتُ اکين اُڏاميو تو پوي،
ٻاڦرن جي ٻُرڪ تنهن ٻارڻ ڏيئي ٻارڻ ڏکي.

وقت ڪان ويرين جي ور، چڙهي وانگين جي ويءَ،
وات مان ويرين جي سا اڳ وقت ڪان وارڻ ڏکي.

جنگ هي جاري ئي رهندي، جان جيسين جان ۾،
ڪنڌ، اڏيءَ ڪاتيءَ ڪنان، مون لئہ سسي ٽارڻ ڏکي.

لهرين لوڙهي چڏي، ٻيڙي پُراڻي سِير ۾،
آهي "منشي" اڄ پري، سا تار مان تارڻ تکي.

Gul Hayat Institute

# قلم

قلم جيڏا گرم هئا، ڏِس وري اوڏا نرم ٿي ويا،
قلم اگهه ۾ اگهامي ويا، قلم تي ڪئين ڪرم ٿي ويا.

قلم ڪي قوم کان ڪاٽي، ڪيئون ڪارا پنا ڪيڏا،
قلم جن قوم سان ڳنڍيا، قلم تن جا الم ٿي ويا.

جڏهن تاريخ مُنهن کولي، پنهنجي ٻوليءَ ۾ ايئن ٻولي،
تہ ڪهڙا قاضي قاضن، دؤر هن ۾ بي شرم ٿي ويا.

قلمڪارن ڪپايا هٿَ، ڪي ڪِريا ڪُل قلم ڪُن ۾،
يا راتو رات ياڳين جي، سڄي يون تي ڀرم ٿي ويا.

قلم ڪي قوم جا قاتل ٿي، سينو سنڌ ويا ساڙي،
قلم "منشي" ڪي سيني سنڌ سڙيل جا ملم ٿي ويا.

Gul Hayat Institute

## مُنهن موڙي هليا ويا

هليا ويا ڪيئي مُنهن موڙي هليا ويا،
سنڌوءَ سان ڏس سنگت ٽوڙي هليا ويا.

پنا پينون ڪپاٽن ۾ ڪڙي ڪئين،
وٽي لاڇو پڳهه ڇوڙي هليا ويا.

ٽي اُٽيا قوم جا قاتل قلم ڪي،
جيجل جيءَ ۾ خنجر کوڙي هليا ويا.

ڪي ويا مڙهه تار مان تارُو ٽي تاري،
ٻُجهي سمجهي ڪي مڙهه ٻُوڙي هليا ويا.

ڪي ڪارڻ قوم قاتل زهر پيئندي،
ٹُتل جيجل جگر جوڙي هليا ويا.

جنين کي سڪ سسئي واري سي "منشي"
جبل جهاڳي وندر ووڙي هليا ويا.

Gul Hayat Institute

# ڪُونج ورني ڪامڻي

او ڪامڻي او ڪامڻي! او ڪونج ورني ڪامڻي!
ڇا ڪان ٿيئي مُنهن ٿامڻي، او ڪامڻي او ڪامڻي!

مان گيت تنهنجا ڳائيان، تو روح کي ريجهائيان،
ڇئو رَتُ ڏيان ڇئو ستُ ڏيان، ڪنهن ريت تو آتت ڏيان،
ڇئو ڪنڌ پنهنجو ڪوريان، ۽ گهور توتان گهوريان،
اي پياري پرت واري، مان تو پيرن جي پڙي-
او ڪامڻي اوڪامڻي!

تنهنجي نصل جو هي فصل، آهي اصل موتي امل،
ڪاريون پنيون ڏس ڏاڙهيون، رت ۾ ڪُهاڙيون ڳاڙهيون،
ويرين سان ڏس وڙهندا اچن، تو راهَ ڏي رڙهندا اچن،
تون چور چپ او چاڳلي، هيڪر خوشي مان کل ڪٽي-
او ڪامڻي او ڪامڻي!

تنهنجي حُسن جي هاڪ تي، آيا ڪَهي ڪئين ڪاڪ تي،
ٻيرو ڪئين اوچي ٻاڙ سان، هر گهاٽ پنهنجي گهاٽ سان،
راڻن سَندا ڏس روپ اڄ، وهندو ڪُسڻ جو ڪُوپ اڄ،
سو ڪيئن بچائي بت وڃي، جنهن تو ڏٺي اک جي اُٽي-
او ڪامڻي او ڪامڻي!

سهڻي پياري سُرڪ تو، ڪيو مست "منشي" مُرڪ تو،
جنهن مُرڪ ۾ ساڃاهَ هئي، ڪنهن پتڪيل لئہ راهَ هئي،
هڪ پل نہ شل پاسي ٿيان، جيسين حياتي دم جيئان،
تو سا ڪئي الماس دل، جيڪا هئي ڪائي جي ڪَٽي-
او ڪامڻي او ڪامڻي . . . ! !

Gul Hayat Institute

# ٻُڍي ٻانهن پيئي

موتو مل مهاڻا، ٻُڍي ٻانهن پيئي،
ٻُڍي ٻانهن پيئي، ڪٿو سڙھ سياڻا، ٻُڍي ٻانهن پيئي.

چولو ٻگ(1) چٽڻ سان، ڳتيل لڳ ڳهن سان،
هٿ ٻہ مهندي هاڻا،
ٻُڍي ٻانهن پيئي .

ڳوري ڳل ٻئي ڳاڙها، پڙون جنهن جا جاڙا،
اکيون موتي داڻا،
ٻُڍي ٻانهن پيئي.

ڪُنديا وار ڪارا، عجب نڪ نظارا،
سيني ڳل ساماڻا،
ٻُڍي ٻانهن پيئي.

مِڙيا "منشي" ماري، آ وَهَ ۾ ويچاري،
ٽيس سَند ساڻا،
ٻُڍي ٻانهن پيئي

---

ٻگ: اڇي رنگ جي چنيءَ کي چئبو آهي.

Gul Hayat Institute

## نئين ڳالهه ناهي

چڙهڻ سچ جو سوري، نئين ڳالهه ناهي،
پنهين جي آ پوري، نئين ڳالهه ناهي.

ڪٿي سچ انا الحق چئي جُڳ جيئي ٿو،
ڪٿي سچ زهر جا پيالا پيئي ٿو،
ڪٿي سچ سرنهن جيئن گهاٽي گهُمي ٿو،
سٽاءَ اي سموري، نئين ڳالهه ناهي.

جڏهن دار جي دل گرم رت گهُري ٿي،
پنهنجي اُڄ اُجهائڻ لئه چالون چُري ٿي،
سڏي ڪنهن کي باغي جيئڻ جو حق ڦُري ٿي،
وڃائي دنبورِي، نئين ڳالهه ناهي.

ڪري لومبا، ڪڏهن فيوچڪ تياري،
ڪڏهن وانتروئي، ڪڏهن پبلو واري،
ڪڏهن رت جگر ڏئي جميله بوهاري،
ڪڏهن رت هاري ڏئي صادق مزاري،
سوريءَ اُڄ اڏوري، نئين ڳالهه ناهي.

ڪڏهن دودو، ڏاهر پنهنجو رت پياري،
ڪڏهن دار بختيار هيمون جياري،
بلو ڪڏهن رزاق اهو روپ ڌاري،
ڪُسڻ بي قصوري، نئين ڳالهه ناهي.

لکڻ ناهي ليکو، لکين سر لهي ويا،
ڏيئي سر سوريءَ تي سچا سچ چئي ويا،
نه جُهڪيا نه وِڪيا، وڏي وهَ وهي ويا،
اِها جنگ جهموري، نئين ڳالهه ناهي.

ويندي رات ظلمات جي مات ڪائي،
ٿيندي دار جي دل دهلجي تباهي،
۽ رهندي هميشه سندي سچ سوائي،
ٿيڻ ائين ضروري، نئين ڳالهه ناهي.

نه سوريءَ جي "منشي" اجا اُڃ اُجهاڻي،
نه مانجهي مُڙن، سڏ سوريءَ سُڃاڻي،
ٻئي هڪ ٻئي جي ويا چاڻ چاڻي،
جيئن گل پنيوري، نئين ڳالهه ناهي.

Gul Hayat Institute

# پليت پير ڪر پري

جنگ جنگ جنگ آ، منهنجي توسان جنگ آ،
پليت پير ڪر پري، هيءَ ڌرتي منهنجو ننگ آ،
جنگ جنگ جنگ آ

جڏهن ٻه جنگ طبل وڳا، ته ڌاريان پونءَ ڇڏي ڀڳا،
ڪئين سوڍا سنڌوءَ پيٽ مان، ٿيا پار انهيءَ پيٽ مان،
جڏهن ٻه هٿ ٿا کِهنڊ ڳُڙن، مرڻ ڪان مانجهي نا مُڙن،
اڇو اڇو اڇو، ٿيو وقت ڏاڍو تنگ آ،
جنگ جنگ جنگ آ.

جڏهن ٻه سنڌ سڏ ڪيو، ته پهچي پٽڪي وَرُ ويو،
۽ جوڙي سي جٿا جٿا، ٿي گهورئيون ڌَر مٿان مٿا،
نه هِچڪيا نه هَٻڪيا، نه دم دلير ديڪيا،
اجائي تو اچي هتي، اڙائي تن سان ٿنگ آ،
جنگ جنگ جنگ آ.

ڪِلي سندا هي ڪوڏيا، جبل جيئن ڪنهن نه لوڏيا،
۽ جن جون مائون شينهڻيون، آ موٽ تن لئہ مينهڻون،
نه تو هنن جي تاءُ جي، خبر آ ورتي گهاءُ جي،
هنن سندو ٻچو ٻچو، سو تير جڻ تُفنگ آ،
جنگ جنگ جنگ آ.

هي ديس پنهنجي جا ڏٽي ٿا رُڪ روهي ڪن پٽي،
جي ميري اک سان آيا، مٿان سي پونءِ پڇائيا،
مرن هي "منشي" ماڳ تي، ۽ پنهنجي پونءِ جي ياڳ تي،
جيئڻ مرڻ جوو جُوءَ ۾، هنن جو پنهنجو ڍنگ آ،
جنگ جنگ جنگ آ.

Gul Hayat Institute

# دودي ڏاهر جو اولاد

دودي ڏاهر جو اولاد، دودي ڏاهر جو اولاد،
مان ئي آهيان، مان ئي آهيان، منهنجو عزم فولاد،
دودي ڏاهر جو اولاد.

سُکي ستابي سَوَ ڳُڻَ جنهن ۾، سا مون سنڌو ماءُ،
هوشو هيمون دريا خان ۽ پونگر منهنجا ڀاءُ،
جن جي رت سان جيجل جيئري آهي سدا آباد-
دودي ڏاهر جو اولاد.

ڪين قبوليا ڪوٽ عمر جنهن، سان مون مارئي ڀيڻ،
پٽ پٽولا پٽ هٽي جنهن، لاٿا وانگين ويڻ،
اسان ٻاڪيهن ٻار، اسان ڪيا دشمن ڪئين برباد-
دودي ڏاهر جو اولاد.

رني ڪوٽ جو رهواسي مان، موهن دڙي جو واسي،
سج چنڊ تارا شاهد، منهنجي ڌرتي نہ ڪنهن جي داسي،
منهنجا سانگي جهانگي وانگي، مارو زندھ آباد-
دودي ڏاهر جو اولاد.

منهنجي گونج گنجي ۾ گونجي، پلبل ۾ پڙلاءُ،
نيرن ڪوٽ ۽ ديبل بندر ۾ پڻ منهنجو ساءُ،
گار غلامي آهي اسان لئہ سدا آزاد-
دودي ڏاهر جو اولاد.

ڏُٻي مياڻي ميراڻ پور ۾ ”منشي“ مان خود پاڻ،
مان تہ وڳهہ جو والي، منهنجي روپا منجهہ رهاڻ،
ڪيتي کان ڪشمور وچي، مون نگري نگري ناد-
دودي ڏاهر جو اولاد.

Gul Hayat Institute

# ڪي ڪي ماڻهو

ڪي ڪي ماڻهو مارين موت، موت چون ٿا ماري آهي،
موت کي مارڻ وارڻ ماڻهن، جڳ جي جوت جياري آهي.

دنيا ساري ماڻهو ماڻهو، ڪو ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو،
ڪنهن ڪنهن سيني جوهر جرڪي، باقي سيني واري آهي.

هر ماڻهو جي مائٽ مٽي، مٽي جو پر مائٽ سو،
رت ڏيئي جنهن ريجُ مٽيءَ کي، مٽيءَ سان پت پاري آهي.

”منشي“ ماڻهو روز مرن ٿا، پر سي ماڻهو مرڻا ناهن،
سر ڏئي سوغات ۾ جن هٿ، سنڌ جي سِينڌ سنواري آهي.

Gul Hayat Institute

# ڊي. پي. آر

ڊچ نہ ڊي پي آر کان ساٿي، ڏيڍ ڏکن جو ڏينهن اٿئي،
ٿا ڏينهن تپن جنهن ڏيهہ مٿي، اُتي موتي وسندا مينهن اٿئي.

ڪا هوندي حياتي موت اٿيئي، ڪو موت حياتي هوندو آ،
ڪو جهيڙو قوم جي ڪاڻ هجي، ڪو جهيڙو ذاتي هوندو آ،
۽ قومي جهيڙي ڪنڌ سدائين، هيٺان ڪاتيءَ هوندو آ،
تان اڄ اوچي ڳاٽ اڏيءَ تي، جي ڪو ناتو نينهن اٿيئي.

جنهن ڪِين سري سا گهيڙ گهڙي، هي تار انهيءَ کي ترڻو آ،
جنهن ميهر ڪارڻ جيئڻو آ، جنهن ميهر ڪارڻ مرڻو آ،
سو ڏيان ڏُريائين ڪِين ڏري، ڪو پاڙي مرڻو پَرڻو آ،
۽ عشق نہ پڇندو آهي ڪڏهن، تان ڪهڙي گس تي شينهن اٿيئي.

جت سيٺ وڏيرا سيئي گڏجي، پورهيت پوتر رت پيئن،
۽ ننگ پريون نيرانيون ناريون، ڳيي ڳيي لئہ ڳاهُ تين،
جتي هڪڙو حب لئہ مورن جهڙا، مارو سُڏڪي ساهه ڏين،
سو "منشي" پنهنجي قوم مٿان، اڄ آيا اهڙا ڏينهن اٿيئي.

Gul Hayat Institute

# چؤواٽي تي

هت هر هڪ ماڻهو بيٺل آهي، دنيا جي چؤواٽي تي،
ڪو ماڻهو پاڻ ملهائي ٿو، ڪو ڇهتل آهي چاٽي تي.

ڪو قوم جي ڪارڻ قيد ڪٽي، ڪو قوم جي وينو پاڙ پٽي،
ڪو قوم لئہ پاڻ پتوڙي ٿو، ڪو قوم جي ٻيڙي ٻوڙي ٿو،
ڪنهن قوم جو ڪيڏو بار ڳرو، آ چايو پنهنجي ڳاٽي تي.

ڪو قوم جي ڪارڻ جنگ ڪري، ڪو قوم کي وينو تنگ ڪري،
ڪو ڪُرسيءَ ڪارڻ قوم جي سيني، روز هٽي بندوق ڀري،
ڪو مُورک مورهين آهي رهيو، مست سدا مڌ ماٽي تي.

ڪو ڪو ماڻهو قلب ۾ ڪيڏا، قوم لئہ وينو ڪاڄ ڪري،
و چ و چ وونڪا، گج گج گنجا، واڇن وڇيو واچ ڪري،
سڌ ڪري پيو سنڌ ڏٺين کي، سورهيہ اُت اَڄُ ساٽي تي.

جو جو ماڻهو قاتل آ، سو چاتل قوم سُڃاتل آ،
"منشي" مورهين معاف نہ ٿيندو، جيڪو قوم سان باطل آ،
پنهنجا پرايا قوم جا قاتل، چور رهيا چيڙاٽي تي.

Gul Hayat Institute

# جهنڊا ڪٿو

جهنڊا ڪٿو، نعرا هٿو، وڙهندا هلو، رڙهندا هلو.

هي رات جو پويون پهر، جهاڳي چڙهيا آهيو جهڳر،
ڪڏيا هو سج ڪرڻا ڏسو، ۽ جهڙ اندر جهرڻا ڏسو،
ڏاڻ، حويلين ٽرٽلو، آهي زمين ۾ زلزلو،
رهزن ۾ جيسين رت ڦُڙو، مارڻ مرڻ کان نا مُڙو،
ساٿي سنڀاريندا هلو ۽ ڏاڍ ڏاريندا هلو، جهنڊا ڪٿو.

سنسار جا سرواڻ ٿيئي، پورهيت ۽ هاري پاڻ ٿيئي،
هڪ تي وڙهو هاڻ ٿيئي، ڇاڻو وڙهڻ جي ڇاڻ ٿيئي،
هت سامراجين ساڻ ٿيئي، ڪنهن جي ڪيو ڇو ڪاڻ ٿيئي،
تقدير کي موڙي ڇڏيو، ڳاڙها جهنڊا کوڙي ڇڏيو،
اُجيا پياريندا هلو، جڏڙا جياريندا هلو، جهنڊا ڪٿو.

بندوق بم خود بن تون، تي توپ ٽئنڪ ۽ گن تون،
تنهنجا اڳي فولاد هڏ، تن ۾ پري بارود ڇڏ،
ويريءَ تي اهڙو وار ٿئي، ڏڪ ساڻ ٽُڪرا چار ٿئي،
ماڙين اندر ٽڙڪاٽ ٿئي، ۽ پونءَ اندر پڙڪاٽ ٿئي،
وڪ کي وڌائيندا هلو، جڳ کي جتائيندا هلو، جهنڊا ڪٿو.

"منشي" مَرُون ۽ مارِيُون، سڀ وير پنهنجا واريون،
سر سامراجيت جو سٽي، ڪڏجي ڇڏيو پاڙئون پٽي،
سِر تي اوهان سڀ ڪجهه سَنو، هاڻي اُٿي واڳون وٺو،
ڪو نئون نظام هت آڻيون، موجون نئين سر ماڻيون،
شمعون جلائيندا هلو، ڪونتل ڪُڏائيندا هلو،
جهنڊا ڪٿو، وڙهندا هلو، وڙهندا هلو.

Gul Hayat Institute

# باغي آهيان

باغي آهيان، باغي آهيان، گيت بغاوت جا ٿو ڳايان،
باغي آهيان باغي آهيان.

مون بم ڀريا ڪئين بيتن ۾، تن گوريلن جي گيتن ۾،
هر گيت هي منهنجو گولي آ، ۽ گولي منهنجي ٻولي آ،
مون جنگ جبر سان جوڙي آ، هر ڳالهه ۾ مون وٺ ڪوڙي آ،
غدار وطن مان ناهيان ناهيان، باغي آهيان باغي آهيان.

جن ڀيليا سانگين سيڙها ويڙها، تن سان منهنجا جنگ ۽ جهيڙا،
خوب هنيئي ڌرتيءَ تي ڌاڙا، مون ڪنيا اڄ ڪات ڪُهاڙا،
مان ديس پنهنجي جو دوداڻي، مان لاکو آهيان ڦولاڻي،
مان چورن سان ٿو چڪري چاهيان، باغي آهيان باغي آهيان.

مان وڙهي وطن لئه ڄاڻان ٿو، مان دشمن سنڌ سُڃاڻان ٿو،
مان ڪيئي وڏا ڏنگ ڍير ڪيا، مون ظالم ڪيئي زير ڪيا،
مان واهي دڙي ۽ دنگ سَندو، هر ٻوڙي گل ۽ سنگ سَندو،
مان رهزن سان رت راند رچايان، باغي آهيان باغي آهيان.

مان جهانگين جي جهُونگا ڪريان، مان هارين جي هُونگار ڪريان،
مان پورهيتن جي پرچار ڪريان، مان مزدورن اُپٽار ڪريان،
مان بيتن ۾ بارود ڀري، ٿو ڳايان وچولي لاڙ سِري،
مان "منشي" ڳايان جڳ جاڳايان، باغي آهيان باغي آهيان

Gul Hayat Institute

## لکان ڪجهہ لهوءَ سان

پاريھر پيارا پکن جهل پکوڙي،
لکان ڪجهہ لهُو مان ۽ ٽي قلم ٻوڙي.

لِکي لوڪ کان تون، ويهي هُت حبيبن،
پارانيا کولي پر، پڙهائيج پرين،
جگر جل، جن جي ڇڏيو نينهن نِهوڙي.

مٿان مُندا آ مينهن جي مٿان پَرَ پُسائين،
پکي پت پارج، مٿان گت گُسائين،
بچي تون بازن کان، وچج واٽ ووڙي.

پکي پار پرين جا پوُرا ڏيان تو،
مان "منشي" جنين جي سهاري جيان تو،
حُسن جنهن اڳيان چند، جهُڪي ٿيو جهڪو ڙي.

Gul Hayat Institute

## موت کي ڏي تون مات

ڪات هٿي ڪٽ رات،
روٽ زمين کي ريج ڏئي رت جو، موت کي ڏي تون مات.

ڏکيا ڏک جا ڏينهن ڏهاڙا، ڇا ڪان ڳاڙين ڳوڙها ڳاڙها،
سُک جي ڪارڻ سر تي سوڊِل، سُور سمجهہ سوغات،
ڪات هٿي ڪٽ رات.

ڏوران ڏس هو ڏيئڙا ڏيئڙا، اڇن جلايو جند جو ڳيئڙا،
ڏيهہ کي ڏينهن ڏيکارڻ ڪارڻ، ڏک سندن آهي ڏات،
ڪات هٿي ڪٽ رات.

من ۾ جن جي مچ مچن ٿا، تي پتنگ سي آڳ اڇن ٿا،
آزاديءَ جي آهي انهن کي، وائي سدائين وات،
ڪات هٿي ڪٽ رات.

ظلم جبر جو وڻ مروڙي، پاڙان پٽي چڏ تنهن کي اُکوڙي،
هر جابر سان جنگ آ ڪرڻي، جنهن ۾ ذات نہ پات،
ڪات هٿي ڪٽ رات.

جيل تہ هِت هُت جيل سدائين، وانگين ويل تي ويل سدائين،
"منشي" تي کي مات ڪرڻ لئہ اک نہ ڏي جهپ جهات،
ڪات هٿي ڪٽ رات.

Gul Hayat Institute

## هتي هزارين همير سوڍا

پنهنجي ٻنيءَ ۾ پوک پيا پوکيون، ٻولائي ڏيئي ٻوليون ٻوليون،
چٽ چِٽيون پيا سيهي چيرا، جنهن مان ڦٽنديون گوليون گوليون.

گولين مان بم گولا ٿيندا، قومي ڪاڄ ۾ ڪم سي ايندا،
ريج ٻنيءَ کي رت ڏيون پيا، سوچي سمجهي ست ڏيون پيا،
مڙي ڪيو اڄ مانجهين ميڙو، سيا اسان جو ڏاڍ سان جهيڙو،
بم بندوقون هٿ هٿ هونديون ۽ ٽاندڻ جهڙيون ٽوليون ٽوليون.

ياڳيا پونءَ جا اُڀندا پڙڪي، دشمن تي پوندا ڪڙڪي،
اها ڪريون پيا اڄ آبادي، جنهن ۾ نسلن جي آزادي،
جُنبي وياسون جوڙا جوٽي، خبر لهون پيا ڪري ۽ ڪوٽي،
هر ڪا جيجل لال پنهنجي کي، اهڙيون ڏئي لوليون لوليون.

سنڌوءَ درياءَ ڳاڙهو پاڻي، جنهن مان وهنجي ايندي راڻي،
اِجهي اُٺي پيا ست لک هاري، ڀڪي ٻنيءَ جي ٻاري ٻاري،
ڪُهلي ڪوڏر ڪَها ڪُهاڙيون، هر هڪ هاري اکيون ڳاڙهيون،
ڪِين جهليندا ڪنهن جي اڳيان ۽ هاڻ هي هاري جهوليون جهوليون.

بيهي رهياسون جوٽي جڙا، ”منشي“ پاڻ وطن جي وڙا،
پنهنجا نيٺ ته پنهنجا ٿيندا، ڌرتيءَ ڌاريان ڪم نه ايندا،
سنڌ جي ڌرتيءَ ڏوچ پلي آ، فصل نسل کان ڪجهه نه جهلي آ،
هتي هزاري همير سوڍا، هلي هلائي ويا هوليون هوليون.

Gul Hayat Institute

## سوريون جتي سينگاريون

پوندي اُتي پڙ ۾ پَرک، سُوريون جتي سينگاريبون،
پيا لتڪندا ڪئين لاش لک، سُوريون جتي سينگاريبون.

جن سپ چڙيون مايا مَڏيون، ڪنڌ اُتِ جتي ڪات ۾ اَڏيون،
بيهندا اُتي بس ڪي برک، سُوريون جتي سينگاريبون.

آزادي جت انسانيت جي لئہ گهُرڻ غداريت،
چٽڪا اتي چڪبا جا چڪ، سُوريون جتي سينگاريبون.

جن جا جبل جيڏا عزم، سر تي سهن بارود بم،
آزادي ڏسندي سائي اک، سُوريون جتي سينگاريبون.

"منشي" مرڻ توڙي جيئڻ، آزاديءَ ڪارڻ جن هئڻ،
سيئي بندوقن ٿيندا بَک، سُوريون جتي سينگاريبون.

Gul Hayat Institute

# سي چارڻ نہ چئجن

سي چارڻ نہ چئجن جي چارڻ چپاتا،
نہ ويهي وڃائن، اڳيان ان داتا.

جنين ساز سانديءِ، رکيا روپ ڪارڻ،
مري بُک نہ چو تنهن، ميراثي جي ماتا.

چڱا چِٽ ٿيا چَٽ، تندن زنگ زهري،
ورهيہ ٿيا وڄڻ ريَ، نہ سي سُرَ سُراتا.

ڪٽي ساز ساڄهہ، سپڙ در جي سهڙيا،
ويهي جن وڃايا، سي وريا وڙاتا.

سُتا جي سري ۾ انهن ڏيئي سنجهيئي،
انهن کي ڏنا رات آيل اوراتا.

رکي سِرَ ترِيءَ تي، هڻن سِرَ صدائون،
انهن جائي "منشي" کُلن روز ڪاتا.

Gul Hayat Institute

# پاڳياٽي

او پاڳياٽي او پاڳياٽي! مينهن ڏاريون ڦر پيو ڏائي،
توکي آرس کهڙي آهي.

پَس، پسون پيا پاسارون ڪن، سيڙهون ڪڍ اُٿ ساهي،
ڏارين کي ڪر ڏار ڏڪا ڏيئي، پنهنجن کي پرچائي،
توکي آرس کهڙي آهي.

ڳُڏيءَ ڳُجر لئہ ڳڏو جو آندئي، ڳاهہ ڳڏهُ سو ڪائي،
جهڻ ڦُڙيءَ لئہ جهوتون ڏيندئي، پاڙو صبح پُڇائي،
توکي آرس کهڙي آهي.

اٽين آندن عيال چڏيئہ، ڪٿو پين ڪارائي،
وجهي رکيئي سانياڻُ صبح لئہ، ڪير ٻلو سو ڪائي،
توکي آرس کهڙي آهي.

اوڳي تنهنجي اِجلس چڏيو، ”منشي“ من منجهائي،
مُڙسالوءَ جي ماني مَک لئہ، ڦتي تہ رک ڦڙڪائي،
توکي آرس کهڙي آهي.

Gul Hayat Institute

# خواب

مون ڳاڙهي رت ۾ وهندي سارو ديوانو درياهه ڏٺو،
مون صدين کان پوءِ سانگين کي اڄ، سوکو کٽندي ساهه ڏٺو.

جتي جهنگل جهر بر بحر تي تي جهوميا، جهانگين ۾ جهُونگار نئين،
جتي هر هڪ ناري ناز نئون، هئي هارين ۾ هونگار نئين،
جتي سانگين سر ڏئي سنڌ وطن لئه، سَر ڪئي سرڪار نئين،
اُتي پاپن کان هئي پاڪ زمين، اُفڪارن نوان اُپٽار نئين،
مون هاڻ توڙي لوڙائن اُت، پاپين ٿيندي پاهُ ڏٺو.

جِتَ پنيون پارا ڀِڪيا تي، هئا روپ نوان ۽ رنگ نوان،
جت چونئرن ۾ هئي چُڻ پڻُ چهري، چؤواٽن تي چنگ نوان،
جت سوني ڌرتي، سونا سونا سيني ساهيا سنگ نوان،
جِت گهوڙن چڙهيو گهوٽ گهُميا تي، تاٽيو تازين تنگ نوان،
اُتي ڌوڙ ۾ ڌڙ مون ڌاڙيلن جا، جا عضوو هر اوڙاهه ڏٺو.

مون ڪوڏي وانجهي ڀيلهاڙو اُت مانجهي ڪُڏندي مل ڏٺا،
مون سانگين وانگين سيڙها ويڙها، سَهنجا پاڳين پل ڏٺا،
مون وڏين چاڏين کان ٻـ وڏا اُتِ چالن ڪندين چل ڏٺا،
مون ڳهه ڳهه ڳتيل ڳوناٽين جا، ڳاڙها ڳاڙها ڳل ڏٺا،
مون هر ويري پنهنجي وطن جو، ڳوناٽن هٿ ڳاهه ڏٺا.

اُت پنهنجي پنهنجي چوڙي نبيري، پنهنجا پنهنجا رسم رواج،
پنهنجي ڏيتي پنهنجي نيتي، پنهنجي ڪيتي پنهنجا ڪاڄ،
پنهنجو اَن ۽ پنهنجو ڌن ۽ پاڻ ڏٺي خود ڌرتيءَ ڏاڄ،
پنهنجي پنهنجي ڪومل هر ڪنهن، پنهنجو راڻو، پنهنجو راڄ،
ڏک هو ڪوهين ڏور اُتي، مون ڪونه بندو بيواهه ڏٺو.

Gul Hayat Institute

ڪنهن ٻہ وڏيري رئيس نہ ڪو پوتار سندي ڪا جرئت هئي،
ڪنهن ميجر جرنل ڪرنل جي اُتِ، ڏپ نہ ڪا ڪا ڏورت هئي،
ڪنهن لوسي چور چڪار سندي اُت حشمت ڪاٿي نہ حرڪت هئي،
اُتي چَپ چَپ چشڪو چاش ڪان وڏ، مون چِتِ چِتِ چاهت چاهُ ڏنو.

اُت ڪير نہ ڪنهن جو نيچ نموني، ناٽي ورتل نوڪر هو،
سپ ٻار ٻُڍا ۽ جوان جتي، خوش چينپيل ڪوبہ نہ چوڪر هو،
اُت رهواسين جو رت پياڪو لُفنگ نڪو ڪو لوفر هو،
اُتِ مست مڙوئي مال ۽ ماڻهو مؤج ۾ سارو موهر هو،
۽ ڦر ڦريا ٿي ڦوٽاڙن تي، عام گسن مون گاهُ ڏنو.

اڪ ڪُلي تان اڳيان منهنجي، ساڳيا ڪٿا ڪوليون ڪيل،
ديهن جيڏيون ديوارن ۽ جڪڙيل پاتم اندر جيل،
ساڳيو صوبيدار سري ڪان، آيو ساجهر آهي سويل،
“منشي” من ۾ مانڌ مچي ويئي، ڏسندي وانگين ساڳيا ويل،
ڪانجهي وٽندي ڪل پيئي مون، ڪيڏو ٿهندي ٿاه ڏنو.

Gul Hayat Institute

# خواب

مون رات ۾ گنجي ۾ گجندي، ڪيڏا سنڌوءَ جا سرواڻ ڏٺا،
ٿي ڀڪيا مُنهن ۽ ٻانهن ٻَر، مون ٻلوائڻ هٿ ٻان ڏٺا.

جتي مانجهين ميڙو ميڙو هو، جهونجهارن مُنهن جهيڙو هو،
ٿي راڻن سان راند ڪئي، تن وڙهندي ڪِين ويساند ڪئي،
هو پاڪڙ پڙ ۾ پائي بيٺا، سينا پنهنجا ساهي بيٺا،
لاڳاپا سڀ لاهي بيٺا، چاڙهو پير ڄمائي بيٺا،
لاڪيٽان لڄدار لٿل مون، سورهيه پُٽ سرواڻ ڏٺا.

هُتِ پيچ پني جو پڙڪا ها ۽ ڪانن جا ڪيئن ڪڙڪا ها،
هت گونج متل هي گولين جي، ۽ ٽڪر ٽولين ٽولين جي،
ڏيئي مُنهان منهن مهاڏا، ٿي چڻ سانَ وڙهيا ڪي پاڏا ٿي،
هن پر جا پاڳيا پونيا ها، ۽ اڳيان چور اپونيا ها،
مون جنگ اندر ڪئين جوڌا جاني، سورهيه پٽ سڄاڻ ڏٺا.

هي آزاديءَ جو جهيڙو هو، ۽ پائر پائر پيڙو هو،
هڪ غدارن جو ٽولو هو، جنهن ننگ نسل ۾ رولو هو،
سو ڏاڙيلن سان هو ڌُر بنيو، ۽ سنڌ لئه سُورن سُر بنيو،
هئا لعنت سان مُنهن لال سندن، چا ويهي ڪريان مان ڳالهه سندن،
ان ڪُڙم جي قاتل ٽولي جا، مون پيلا منهن خود پاڻ ڏٺا.

هِتِي ڌڌڪا ها ڌُوپارن جا، ٿي ڪِريا ڪند قنڌارن جا،
۽ ڪُنبهي ويس ڪڙهي ٿي، جا جيجل پاڻ پٽن کي پرتي،
هئي جنگ دڙي ۽ دنگ سندي، لڄ لوءِ نازڪ ننگ سندي،
او آزادي او آزادي! او شهرن ڳوٺن شهزادي،
ان نعري هڻندي "منشي" ڪئين مون راڻا پُٽ رت چاڻ ڏٺا،
مون رات گنجي ۾ گُجندي ڪيڏا سنڌوءَ جا سرواڻ ڏٺا.

Gul Hayat Institute

# مان هوندس نہ هوندس

نہ هونديون حويليون، نہ هوندا هي ٺاٺا،
مان هوندس نہ هوندس ، سو پاٺا نہ ڇاٺا.

جڏهن ڏينهن تپندا، مٿان مينهن وسندا،
گسن گاهہ ڦٽندا ۽ چوپايا چرندا،
نوان ساز سُرندا، نوان چنگ چُرندا،
مارو مال مچندا ۽ ٻيلا ٻہ ٻُرندا،
نوان نينهن لڳندا، ڪئين رنگ رچندا،
ڊوهيا ديس ڊهندا، ڏُکر ڏيهہ لهندا،
نوان چام چمندا، نئين راهہ رمندا،
نئين ڪاڪ اڏبي، نوان ايندا راٺا،
مان هوندس نہ هوندس، سو پاڻ ڇاٺا.

سگر سات سڏبا ۽ مظلوم گڏبا،
نوان ڳاٽ اَڏبا، چوڙي چانگ چڙبا،
نہ ظالم ڪي رهندا، نہ مظلوم مرندا،
سياري نہ ٺرندا، اونهاري نہ ٻرندا،
نہ محڪوم حاڪم، نہ ظالم ٻہ بالم،
نہ ڪنهن گهر ۾ ماتم، سکيو سارو عالم،
نہ وانگي ويڳاٺا، نہ گهوٽن تي گهاٺا،
مان هوندس نہ هوندس، سو پاڻ ڇاٺا.

"منشي" مُنهن موچارا، وچن قول وارا،
هي هاري هاڪارا، سدائين سوڀارا،
کيڙيندا ۽ کيندا، نہ ڏيهڻين کي ڏيندا،
نہ ڪنهن ڊاءُ ڊڄندا، نہ جهوريءَ ۾ جهڄندا،
پنهنجو اَن پنهنجو ڏَن، پنهنجو ڪک پنهنجو پَن،
پنهنجو گاهہ پنهنجي ڊَن، پنهنجو رَڃ پنهنجو ٻَن،
ڪٿي ڪِين ڏسندس ، ڪُوڙي گل ڪوماٺا،
مان هوندس نہ هوندس ، سو پاڻ ڇاٺا

Gul Hayat Institute

# مارُن مهاندا ياد پيا

مينهن جي موسم ڏسي، مارُن مهاندا ياد پيا،
سانورا گورا پرندڙ، مُنهن ٽاندا ياد پيا.

اڄ پنوهارن پڪ پڪا، پوٽن مٿي هوندا اَڏيا،
سانگ جي سانگي سي سانگي، لاڙ کان هوندا لَڏيا،
۽ مچر مُئي کان مٿاهين لئہ گهٽن ئي گهر چڏيا،
پر، پٽن ويٺا پري پاڳيا، سي پاندا ياد پيا.

سرليون هڪڙيون ٻلاريون، مال ۾ مارُن ٻَڌيون،
وس چَرڻ جي لئہ ولر واري تہ وانگياٽيون وڌيون،
ماڙيون هونديون مٿن تي ۽ ڪُلهن سٽيون منڍيون،
پونءِ اندر پُٽڪاٽ پوٽنديون پُٽاندا ياد پيا.

ڪَي گُجرون گوشيون ڪُنديون، ڪاريون پَليون چالون پليون،
ڳانديا، ڳانيون ڳچين ۾، ڪِن ڳچين چيرون ٽليون،
پنهنجي مُنهن پهريو چرن، "منشي" نہ ڪنهن جهليون پليون،
جيڏين جوٽيان اسر سي، جنڊ ۽ جاندا ياد پيا.

Gul Hayat Institute

# اُميد

اُهو ڏينهن ايندو، پري ناهي پيارا،
اُهو ڏينهن ايندو.

ٽيندا پور تنهنجي پرم جا هي پاندا،
ڌرم دين دوڪا، مڪاريت جا ماندا،
ٽِڪاٽا تنهنجا ٽول تو لاءِ ٽاندا،
توکي ڏيهه ڏاتن سان ئي ڏنب ڏيندو،
اُهو ڏينهن ايندو.

نہ محلن ۾ محفل مچائي تون سگھندين،
نہ مظلوم نارين نچائي تون سگھندين،
نہ رنگين راتون رچائي تون سگھندين،
جڏهن رت پورهيت جو ٿهڪار ڪيندو،
اُهو ڏينهن ايندو.

ڪنبي ڪوٽ ڪنگرا ڪِري پَٽ پوندا،
نہ توکي زمين آسمان ساٿ ڏيندا،
تو جھڙا ڪئين چور چڪيا تي چڙهندا،
هي تولئہ سچو ترٽلو ٽاڪ ٽيندو،
اُهو ڏينهن ايندو.

اُهي چند چانديءَ ۽ سوني جي سِڪا،
ڪُٺا قوم جا جنهن سهاري تو ڪِڪا،
چوين ٿو انهن لئہ ڌرم جا هي ڏِڪا،
اُهو تنهنجو ناٽو نهوڙي تو نيندو،
اُهو ڏينهن ايندو.

جُڳن جي سُتل چاڙُ جنتا هيءَ جاڳي،

Gul Hayat Institute

ورهن کان ڏني وات ۾ جنهن تو واڳي،
گهڻو وقت دوکا ڏيئي تو ڏاڳي،
نہ هاڻي سندن رت بيڪار ٿيندو،
اُهو ڏينهن ايندو.

اجهي پونءِ ۾ "منشي" ڪي پڙڪات ٿيندا،
ءِ چورن لٽيرن جا پڙڪات ٿيندا،
حويلين ءِ ماڙين ۾ تِڙڪات ٿيندا،
نہ ظالم ڪو مظلوم جو ماس ڪيندو،
اُهو ڏينهن ايندو.

Gul Hayat Institute

# ڪتيون ڪئين قيد ۾ گُذريون

ڪَتيون ڪئين قيد ۾ گُذريون، چڱو چيٽن ۾ ملنداسون،
سرنهن پيلا جهلندي گُل، تڏهن ڪيتن ۾ ملنداسون.

اُتر جا واءُ جڏهن ورندا، اچا سر، ڪانهه سنگ ڪيندا،
لهنديون ڪُونجون جَتي ڪُٽڪي انهن ڪِيتن ۾ ملنداسون.

چڙي درياءُ ويندو دهشت، بنائي پيٽ پيلاٽيون،
چڙهي تڏهن ناءُ نديڙي تي، انهن پيٽن ۾ ملنداسون.

جڏهن آزاديءَ جهنڊا، پيا جهر جهنگ جهوليندا،
ڏٽي پونءِ پيٽ پيا چڙهندا، اُنهن پيٽن ۾ ملنداسون.

پرين جي پيار پنهنجي تي، لڳا پهرن متان پَهرا،
تہ لنگهہ لانگها جهلي "منشي" پيا اڪ ٽيٽن ۾ ملنداسون.

Gul Hayat Institute

# آزادي

اڄ رت سان لکيل خط مليو، هوءَ منهنجي اڱڻ تي اچڻي آ،
سو سورهن اڄ سينگار ڪري، ٻڌي چير هوءَ نازڪ نچڻي آ.

ڏنا سوڍن سر ڪئين سُوتيءَ ۾، هن پاڻ قبولي قيمت سا،
سا سوڍن سِر جي سانگي ساءِ، واءَ سٽائي ورڻي آ.

هن ڪيئي ولاتون واسي ڇڏيون، هر جاءِ حسن هيڪار سندس،
هو ڪيئي ڳاڙهن ڪنهبن ۾ تہ هميشہ ڳاڙهي ڪنوار تي پرڻي آ.

هوءَ محلن ماڙين مات ڏئي، ڪري جهرمر جهانگين جهوپن ۾،
هوءَ رت جو دريا جهاڳي اچي ٿي، ڊاءُ نہ ڪنهن جي ڊچڻي آ.

هوءَ ڳاڙهي ڪوسي رت ۾ وهنجي، پاپن ڪان بُت پاڪ ڪري،
ساز نئين، انداز نئين سان، راڄ منهنجي ۾ رهڻي آ.

هوءَ چوڏهينءَ جي چند وانگي چلڪي، نالو سندس آ آزادي،
اڱڻ اُجاريان ان لئہ "منشي" هُوءَ نچڻي ٽپڻي هرڻي آ.

Gul Hayat Institute

# انسان ازل کان آجو آ

اِجها رات ڪٽي ۽ باک ڦٽي، انسان ازل کان آجو آ،
ڪي غلام ڇٽا ڪي ويندا ڇٽي، انسان ازل کان آجو آ.

ڪو ڪيڏو ڊوهي ڊوه ڪري، زنجير وجهي ۽ جيل پري،
ٽي ڪڙيون ڪڙيون ويندا ٽُٽي، انسان ازل کان آجو آ.

حجاج هلاڪو هٽلر هئا، ڪري ڪيس ڪُتي جي موت مُئا،
آزادي گهُٽا ڏيندي نه گهُٽِي، انسان ازل کان آجو آ.

هي ٿورو غلاميءَ عرصو آ، آزادي آدم ورثو آ،
سو پاڻ لُٽيو، جنهن حُريت لُٽي، انسان ازل کان آجو آ.

ڪو زهر پيئي، ڪو ڦاهي چڙهي، ڪو تيل ڪڙهاين منجهه ڪڙهي،
وچ سمجهي "منشي" ڳالهه چٽي، انسان ازل کان آجو آ.

Gul Hayat Institute

# منهنجي ڏات ڏوهاري

منهنجي ڏات ڏوهاري پُٽڙا، منهنجي ڏات ڏوهاري،
اَرهي اک جي آس هئين، پر تنهنجي مٿي موچاري –
پُٽڙا منهنجي ڏات ڏوهاري.

تو جهڙا پُٽ ڪيئي مرن ٿا، روز هزارين رڙندي رڙندي،
سيءَ سياري سڙندي سڙندي، ڪاڙهن ۾ ڪي ڪڙهندي ڪڙهندي،
ڪنهن جي اک مان ڪِين ڏسان ٿو، ڳوڙهو هڪڙو ڪڏهن به ڳڙندي،
ڪنهن جي ڪنهن جي لاءِ روئي، منهنجي دل ڏُکياري-
پُٽڙا منهنجي ڏات ڏوهاري.

چڱو ٿيو جو سڙيل ڳريل، سماج هن جو نہ چکئي ساءُ،
گهارين ها نہ تہ گهُٽ ٻوسٽ ۾، سهندي گهاون پٺيان گهاءُ،
ڏسڪي ويٺي ڏاڏي تنهنجي، جيڪا منهنجي جيجل ماءُ،
پاهِ ٻُکن ۾ پُٽ ۽ پوٽا، جنهن جا هاري ناري –
پُٽڙا منهنجي ڏات ڏوهاري.

مُنهن ڏيکاري پوءِ تہ مرين ها، چئن پينرن پونگر پاءُ،
خوني چنبا ويا چوڙي، ڪنهن ڪي پيئي ڪَل نہ ڪا،
مون کان منهنجي چندِ ڪَسڻ ۾ ويري توکي ورجايو چا،
دردن ماريل دلين ۾ تو ڪيڏي آگ اُپاري-
پُٽڙا منهنجي ڏات ڏوهاري.

لکين پٽڙا لانگهي لانگهي، روز مرن ٿا هت تو وانگي،
تڙپي تڙپي هڪڙي حب لئہ، ڪيئي اَبهم مانيءَ ڳپ لئہ،
سهڪي سهڪي ساهہ ڏين ٿا، جيئري "منشي" زهر پين ٿا،
ساري حياتي سوچيندي مون گُوندر منجهہ گذاري-
پُٽڙا منهنجي ڏات ڏوهاري.

# قَسم نامون

سنڌڙي سيني سيباڻو، ساز آزاديءَ سنَڌو،
مون ٻُڌو زنجير مان، آواز آزاديءَ سنَڌو.

مون کي تنهنجي پاڪ پوتر آهي پاٽيءَ جو قسم،
مون کي بختاور بهادر، هارياڻيءَ جو قسم،
مون کي تنهنجي پاڪ پوتيءَ رت هاٽيءَ جو قسم،
ٿلتي، کرڙيءَ ۽ مون کي ڏُپي، مياٽيءَ جو قسم،
تنهنجي سڏ تي ڪَنڌ ڪُلهن کان ڪپي ڪوري ڏيان،
جي جُسو هي جان جيجل، گهُر ته گهوري ڏيان.

مون کي ڪارونجهر ۽ ڪينجهر ڪوهسارن جو قسم،
مون کي تنهنجي نُور سان ڀريل نظارن جو قسم،
مُند اونهاري، سياري ۽ بهارن جو قسم،
تو مٿان چمڪن ٿا جي، تن چنڊ تارن جو قسم،
تنهنجي ڪيران جي ڪران ۽ ويڙهه مان وچ تان وران،
ڪوڙهه ۾ ڪوڙهيو ٿيان، ۽ منهن ڪاري سان مران.

جي جهڄن جهُوپن اندر، تن جهانگاڻين جو قسم،
جي سماج هن ساڙيون تن سانگياڻين جو قسم،
جي ورهن کان وِره ۾، تن وانگياڻين جو قسم،
جي پرم پونءَ جو سدا، تن ڀاڳياڻين جو قسم،
ويرين سان ويڙهه رهنديس، ڏاڍ جيسين ڏيهه تي،
ڇَڪ اوڏي ڇَم ناهي، ڇُل منهنجي ڇيهه تي.

تنهنجي پورهيت جو ۽ مون کي تنهنجي هاريءَ جو قسم،
تِن ڪتيءَ ۽ چيٽ پوڪيل ٻاريءَ ٻاريءَ جو قسم،
تنهنجي سنڌو ننگ ڀريل، ناريءَ ناريءَ جو قسم،
تنهنجي ٻولي ماءُ جهولي، تنهنجي پياريءَ جو قسم،

تنهنجي آزاديءَ لاءِ مُرڪندي سوريءَ چڙهان،
ساهه سيني ۾ آ جيسين، تنهنجي لئہ لڙان.

مون کي مُرشد ڀرجهلي، ڀٽائيءَ جو قسم،
تنهنجي بيتن جو قسم ۽ تنهنجي وائيءَ جو قسم،
مارئيءَ مومل ۽ مون کي ڀاڳهي ڀائيءَ جو قسم،
هر سِميءَ سوڍيءَ سياڻيءَ سنڌ، ڄائيءَ جو قسم،
سر ڏيئي سنڌو سسيءَ مان ٽوڙٽي آهي سَنگهر،
تيسين رهندي جنگ جاري، جيسين گهاتن تي گهنگهر.

مون کي مارُن ٻيٽ ٻُڪين، انگ اُگهاڙن جو قسم،
ٻارڙن، جوڌن جوانن ۽ ڪُراڙن جو قسم،
تنهنجي ڊورن ۽ ڍنڍين، مون کي ڀهاڙن جو قسم،
تنهنجي چولين، چاچرن، ٻيٽن ۽ چاڙن جو قسم،
تنهنجي آزاديءَ لئہ لڙندس پيو جو دم جيئان،
قوم ڪاٽيارو ٽيان جي پير مان ٻنتي ڏيان.

مون کي تو ٻلواڻ ٻاٻاڻن جي ٻَنين جو قسم،
وِرهه ۾ ورتل ورهن کان، تن مون ونين جو قسم،
مون کي منڇر جو قسم، ڪينجهر جي ڪنين جو قسم،
چوسرِن چوٽن مٽان، اوڍيل مون چُنين جو قسم،
تنهنجي دامن ۾ امڙ هر درد منهنجي جي دوا،
ٻَن پوي جيجل جيئڻ، بس تنهنجي آزاديءَ سوا.

مون کي دريا خان دولهہ دودي، ڏاهر جو قسم،
تنهنجي ٻيلن، تنهنجي پوٽن پاٹر جو قسم،
توڪي سينگاري سدا جو تنهن مون سائر جو قسم،
تنهنجي عظمت لئہ وڙهيا جي، تن جي واهر جو قسم،
موت تن ماري نہ "منشي" مُئا جي مادر مان لئہ،
مون مرڻ توڙي جيئڻ، آهي امڙ تو آن لئہ.

Gul Hayat Institute

# بيت

Gul Hayat Institute

## ڪاندڙ جنين جا قيد ۾

بي ڏوهيا بند ٿيا، قيد جنين جا ڪاندڙ،
سيئي پوتين پاندڙ، روئي چو نہ رنگيندیون.

ڪاندڙ جنين جا قيد ۾، ڪارڻ قوم ڪڙهن،
مُنهن تنين جا مٺيرا، پين کان پاين،
رکيا جن سُور سهي، پرم پتارن،
مُرڪن، مارڪن، سدائين سي سات ۾.

ڪاندڙ جنين جا قيد ۾، بيٺا باسي ڏوهہ،
چون ڪنهن پر قوم سان ڪِين ڪنداسون ڊوهہ
اَديون اهڙين آهرين، ڪير مَٽيندي موهہ،
لؤن لؤن اندر لوهہ جيڏيون سي جڙي ويا.

ڪاندڙ جنين جا قيد ۾، مٺيا مهينا سال،
اُتن آڏيءَ تن جا، چرڪ پريو چال،
اکيون تن آسائتيون، لُڙڪ وهائڻ لال،
منهنجي ڇا مجال، جو روڪيان سندن راهَ کان.

اڄان ويس هانءَ جو، لڳان نہ لاٿم،
اَديون ڙي آيم، وڇوڙو ورهن سَندو.

ميندي‌ءَ رتا هٿڙا، اگر واسيل وار،
پري چرڪ چڙي ويو، جهيڙي ڏي جهُونجهار،
پينر مون پتارم جهلڻ ڪنهن نہ جهليو.

هڪ نہ پَليم سِڪَ، ٻي ڦٽيس قوڙائي،
دل کي ڊوڙائي، ٿَڪيس تا نہ ٿاڪ ٿيو.

پلا تنين پاڳ، جيڪي ڪاندڙن ڪچ ۾،

Gul Hayat Institute

سَرتيون مون سهاڳ، ڪيو سڳ سنڌوءَ سان.

سچو سڳ سنڌوءَ سان، جوڙي رڪيئين جي،
ڏُک ڏکيءَ ۾ پي، هتان مون ڪان هليو.

سچو سڳ سنڌوءَ سان، مون سان مٽيرا،
انهيءَ اپسرا، هورو هئن هِينئڙي.

سچو سڳ سنڌوءَ سان، جيءَ رڪيئين جوڙي،
مون ڪان منهن موڙي، پيچ ڪيائين پڌرا.

سُٽي سڌ سنڌوءَ جو هٽي، هٽي هليا هام،
ڪاهوڙين ڪي ڪام، اديون انقلاب جي.

سُٽي سڌ سنڌوءَ جو، ترڪ ڪيائون طعام،
اڪر عام عوام، اُچاريندي اُٿيا.

سُٽي سڌ سنڌوءَ جو، سَرتيون چڏي سيج،
ڏيئي ڏک مون ڏيج، هلڻ هارا هليا.

منهنجي روئڻ نہ روڪيا، ڪُڇ نہ ڪچيائون،
پلڪ نہ پچيائون، ڏيئي ڏولائو ڏور ٿيا.

ٿي ڪڙهه تي ڪُپ، روڪيم وَر وڃڻ ڪان،
ساڳي چپن چُپ، ڏکي مون ڪان ڏار ٿيو.

پنيءَ نڪري پاڪران، پينر ويم پتار،
سدا سُور سنڌوءَ جو، ڪاڙهو هئن ڪپار،
واسي ويڙهيان وار، اَديون ڪنهن پران ريَ.

پينر مون پتار ريَ، هڙيئي پڳل هڏ،

Gul Hayat Institute

ڏسي ڏک ڏوتين جا، لاڏن لاٽي لڏ،
سُٽي سنڌوءَ سڏ، تر نہ ترسيا تڙ تي.

ڪانڌ پيو سو پانڌ، جنهن عشق انقلاب سين،
مون من ڏيئي مانڌ، سر تي ساٿ سين.

ادي نہ پائيم اِئين، ستاڙي ئي سنيرندو،
جيڏيون جهليم جيئن تيئن تي ويو تڪڙو.

ڪهڙا قيدي ڪانڌ جا، سر تي سُور سَليان،
پل نہ پاسي رهي، پليو جيئن پَليان،
هاڻي هيڪر جي اچي، پائي جهول جهليان،
ويٺي ميٽ مَليان، پنهنجي قيدي ڪانڌ لئہ.

ڏيئي ڏوراپا، ڪهڙا مُنجان ڪانڌ کي،
هاڻي حقيقت جا ويو، چاتيءَ تي چاپا،
ميم ويهي ماريا، تہ محبت مٿو ناهي ڪو.

ڪوٺ ڪِرن، قيدي چُٽن، جلي منهنجو جي،
ساڙين سانوڻ ڏينهڙا، پيا سياري سي،
ٻولي مونکي پي، اَديون مور نہ آئڙي.

اديون اَڄُ اُهجاڻ، تو سٺايان تن جا،
سدا سي سُورن سان، ڪن راتو ڏينهن رهاڻ،
چاٽي پي سڀ چاڻ، ڪُل چڏيائون قوم لئہ.

ڪڏهن مليل مُشڪ، ڪڏهن پُٽن پيوت،
ڪڏهن منجهہ سڪوت، ڪڏهن شور سموند جان.

ڪڏهن ڪاڳر ڪچ ۾، ڪڏهن بم بندوق،
پينر مون ملوڪ، ڏونگر ڪان ڏاڍا گهڻو.

Gul Hayat Institute

انئي پهر اون، انهن آزاديءَ جي،
ڪن ڪيائون ڪونه، اکر ٻيو ڪو اُن ري.

سندن سخن سچ، ڪُوڙ نہ اوڏا ڪڏهن،
محبت سندا من ۾، ويا مچائي مچ.
ڳڻن پريون ڳچ، ڳالهيون تِن مون تن ۾.

ڪُوڙا نہ اوڏا ڪڏهن، نہ ڪو سچ سَلين،
پنهنجو پاڻ پلين، ٻيائي ٻوليءَ ڪنان.

اَديون اهڙا آتڙا، رهي ڪن نہ رهاڻ،
ساٿي هوندن ساڻ، تہ مون لئہ راتيون رُڪ جون.

هڪ تہ تازيان تيز ءِ ٻي جا مُنهن مٽيان،
لکين لائق تن جا، ڪهڙا ڳُڻ ڳايان،
منهنجو ڏار ڏٽيان، جيڏل جيئڻ جي ٿئي.

سا تنوارين ٽات، جنهن ۾ سرهو سيڪو،
ڏسيو ڏرن ڏُک ۾، اصل آدم ذات،
لکين لات منات، ٻيجي تِن پورا ڪيا.

ڪڏهن رهن رُڃَ ۾، ڪڏهن جهاڳن جر،
ڪڏهن قيدن قيد ٿيا، ڪڏهن ڏيهہ ڏونگر،
ڪڏهن ٻينر ٻر، اچيو رهن راتڙيون.

ادي سندن اگهہ، ڪٿي ڪنهن نہ ڪٿيو،
سرتي سندن سگهہ، ڦهاڙن ڀُرزا ڪري.

ٻُڪون باسيائون، سُکن ڪارڻ ساهيڙي،
واڙو واسيائون، آزاديءَ خوشبوءَ سان.

Gul Hayat Institute

ڪلي ڪنيئون ڪريا ڪري ڏک سموري ڏيهه،
ويهڻ ڪري ويهه، قيد قبولي هليا.

سارا سانگيئڙن، سُور ڪنيائون سِرَ تي،
جهوري جهانگيئڙن، پيڙا هئن پاڻ سين.

ڪولين ڪٿن هيريا، سُوريون سمجهن سيج،
ڏک ڏکوين ڏيج، ڪنيئون سِرَ تي.

ڪُلهن قومي جنگ جا، ڪنيئون ڪُل ڪتاب،
ادي هو اصل ڪان، هلڻ سان حساب،
جوڙي ڏين جواب، هڪيو هر ڪنهن هٿ ۾.

ڪاڙهو رُڳو قوم جو، ٻولي ٻي نہ ٻُجهن،
وڃن ڪُوڪون ڪندا، جيسين سڏ سُجهن،
پانچاريا پهچيو وڃن، ڪيرا جت مُنجهن،
سڏيو ساٿ ڪڏين، پينر پنهنجي پونءَ تي.

جاڳن تان جلن، سُرن سمهڻ تن جو،
هميشہ ان حال ۾ ڪارڻ قوم ڪڙهن،
اهڙو اهڃاڻن، مهنديرا مٿي ويا.

پُڇيم پائي پاند، ڪنهن لئہ ڪَٽين قيد ٿو؟
ڪنڌ ورائي ڪاند، ڪئي ڳالهہ ڪُڙم جي.

اهڙو ور وساريان، سو نہ مُنهنجي وس،
ڦوڙائي ڦٽيو هنيئون، پوءِ بہ ڪونهي ڪس،
جيڏل تِن ڪي جس، جي قيدي ٿيا قوم لئہ.

اهڙا ور وڙائتا، پينر پاڳين پُون،

حق سدائين حاڪمين، چٽين اڪرين چُون،
هيٺان ڪاتيءَ هُون، ته به اکر ڀيو نه اُڪلي.

انهن جون اَدي، ڳُٽن پريون ڳالهڙيون،
آئون آهيان ان جي، ٻانهي ٻول ٻڌي،
موران جن مدي، سانديي ڪانه سرير ۾.

بيٺا قومي جنگ ۾، جوٽيون جوٽي،
پڪون پون پڙ ۾، ڪري ۽ ڪوٽي،
ماناتو موٽي، شل ڪانڌ منهنجو ڪر ڪٽي.

سوپارا ٽي سُپرين، منهنجا موٽن شال،
ڏک سموري ڏيهه جا، ڪٽي کهيا ڪالهه،
ويٺي تن لئه فال، وجهان ۽ واجهائيان.

پنهنجي قوم ڪروڙ جا، سر ٽي ساٿن سور،
پينر ٻڌي پريون ڪري، ويا ڏورينڌا ڏور،
هئن مُنهن مذڪور، ته آزادي اکيين ڏسون.

پينر پنڌ تان ڪريون، جي گهوٽ ڏسون گهاٽي،
هو ته ويٺا قوم لئه، ڪڏهن ڪنڌ ڪاٽي،
سندن ئي ساٿي، آزاديءَ جو آسرو.

جيڏل جن جاٽي، گهوڙا گهڙي تن سين،
ٻڙي ٻِواٽي، ڪڏهن ٿئي سا ڪانه ڪا.

سڏي سُورائتن ڪي، سات ڪيائون ساڻ،
ارادا انهن جا، جي چڙي چاڻ،
پاڻ وجائي، پاڻ ٿئين گهوري اهڙي گهوٽ جي.

هو واپاري ولات جا، سوداگر سُورن،

Gul Hayat Institute

پاڻ پڌاري هليا، پائي مون پُورن،
ڪامان تي ڪُورن، ساريون قيدي ڪاند ڪي.

سودي سوديائون، سور سموري سنڌ جا،
ٻڌي سي ڪُلهن ڪري، ڪِرڙيا ڪنيائون،
آهيون ڇيائون، واپاري ورهاست جا.

سانگين ٽيئڙا سال، سهندي سُور سماج جا،
ڏسي ڏک ڏري پيا، هيٺن هارين حال،
پينر مُنهن مقال، هُين هميشہ تن جي.

وجهي وڏيرن ونگ، وانگيئڙا ونگي ڇڏيا،
لُڪن تِن لوساڻيا، اڌ اُگهاڙا انگ،
رهي اُتي راتڙيون، رچايئون رنگ،
جيڏل جوٽيئون جنگ، پاران پنوهارن جي.

ويري ڪن ڊيري، جتي ڏسن ڏيهہ ۾،
نہ سي سهن ساٽيهہ ۾، جن جي اک ميري،
ڇُرن ڇورن پُٽِ ۾، پاڻ ٽيو پيري،
اَديون اُڪيري، آئون انهن لئہ آهيان.

جتي ظلم زور، اتي اڏيئون نِجهرا،
ڪٽي پير پيرائتا، ڇتا ڪئون ڇور،
گهورا ڪري گهور، تن ويل ڇاڻ ورائيا.

ٻاگيا ٻانئين ٻاڳ، هاڻو هڻن هتڙيون،
ادي هي اتي وجبو، سانگي ڪن سجاڳ،
تڏهن موٽن ماڳ، جڏهن جوءِ جاڳي پوي.

اِنهن آکيرا اُپ ۾، نظر تائين ناٿ،
سر تي سارو سات، گڏي آٽين گس تي.

Gul Hayat Institute

جڏهن گڏي گس، ڪندا پنهنجي قوم کي،
تڏهن هاڻوءَ هڪڙي، ڏيهه نہ پوندو ڏس،
ٽيندي وطن وس، ڪِرڻندا سج سُکن جا.

ويا ٽي واقف واٽ جا، هلي هلي هاڻ،
پينر قومي جنگ جي، چاڙي چڙيئون چاڻ،
اَديون اهڙن ساڻ، لڳيون سي لال ٽيون.

چٽي وجهو چَر ۾، تنهن کان ڪيم چٽيو،
پهرين ڳالهہ ڳٽيو، تہ چم بچي ڪيئن چر کان.

چون عورت ذات، آهي ڪاچ پتين جو،
ڪيڏو وڏو ڪوڙ آ، ڏينهن کي چون رات،
هٿ هٿن جهڙا، واتن جهڙا وات،
ڪٽو ڪاتيون ڪات، اچو ڏيهہ ڏيکاريون.

نکري اچو نجهران، پيٽون ڏٽي پون،
ڪسابن کان ڪوس ۾، جيڪي چٽياسون،
هاڻي تونهين تون، تکي تند تنواريو.

ڳائي وڃائي، اچو قومي جنگ ۾،
سرتيون سر سهائيو، پاڻ پُرين لائي،
ڏاريون ڦر ڏائي، چوريءَ تنهنجي چال پيو.

Gul Hayat Institute

ڪوهہ ڪري تون ڪوهہ، ڏمرئين ساري ڏيهہ تي،
وچ وسامي ويهين رهين، چڏي منزل موهہ،
ڏر ۾ وانگي ڳوهہ لڪيو لباڙون هٽين.

نہ ڪو بم بندوق تو، نہ نيزا نہ ڀالا،
هنيا تو نہ هٿن سين، نہ سٽئي سنوالا،
البت اوڀالا، ڏيڻ مليئہ ڏاج ۾.

ڪيڏي دعويٰ عزم جي، ڪيڏو پٽر پور،
ماڻهو هن مخلوق ۾، مڙئي ناهن مور،
زرهہ ڪنان زور، ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ هينئڙو.

تو جي چيٽا چٽڙا، ماڙهو ماڙهو من،
عمل عقل وچ ۾، اُگهاڙا آهن،
ڏيئي پڙهن تن، توئي پرهڻ ڪسيا.

عمل ري انسان آ، نپٽ اُگهاڙو،
عقل جو چاڙهو، اُتي آهي ڪِين ڪي.

نيندي نسل نند مان، پاڻ گسائين گس،
هڪڙا ڏيئي ڏس، وچي ڀيو ڀي واٽ تي.

سيا تنهنجي سڌ تي، ايندو ڀُلا ڪير،
پُوچا ڏيئي پير، توليءَ ڪان ٽُتو وچين.

جڏهن تنهنجي ڏيهہ تي، ڏکن ڀريا ڏينهن،
تڏهن تنهنجو نينهن، ڏمريو پاران ڏاڍ جي.

Gul Hayat Institute

وجهي ٻج ٻنيءَ ۾، سلن ڏنئي سوڪ،
جي نہ مليئي موڪ، تہ هُرلو هٿان چو ڇڏيئي.

هلٿ هيٺو ئي سهي، هو تہ اريجان ريج،
پر تو هينئڙي هيج، پيلائڻ تي پاڙيو.

ڪڏهن منهنجا گيت، ڌرتيءَ تي ايئن گونجندا،
سلا جهڙيءَ ريت، اُپرن اُني مينهڙي.

Gul Hayat Institute

## شهيد عبدالرزاق سومرو جي عقيدت ۾

سنڌوءَ سينڌ سُڪلَ، رت گهُريو راڻن ڪنان،
بهادر ڏيئي بُلَ، سِر سَهايو سومري.

سنڌ صدا هنئي سِرَ جي، چوري چاڙهي چنگ ۾،
ثابت قدم سومري، آڇيا پنهنجي ننگ،
مٿو ڏيئي ملنگ، ڏٽي ويو ڏياچ ڪي.

سَٽا سنڌ لئہ سومريَ، ڇاتيءَ منجهہ ڇُرا،
ڪُونڌر تو ڪُرا، ڪائر ٿيو ڪونہ ڪو.

ڪُسي ڪوسو رَت، سورهيہ ڏنو سنڌ کي،
جلنڌڙ نگر جيجل ۾، سوڍا پريئي سَت،
پوري پاريئي پت، ڪاٽي ڪنڌ ڪُڙم سان.

تون گهُريو هن گهوريو، سڏ سان ڏيئي سڏ،
صدقي ڪيئن سنڌ تان، هڪل سان ئي هڏ،
اهڙن پُٽن پَڌ، سدا پل تون سنڌڙي.

تو گهُريو هن گهوريو، وڏا ڏيئي واڪ،
بهادر بيباڪ، سِرَ ڏيئي ٿيو سُرخرو.

جنين سَٽا سِرتيِ، ڦاسيون ۾ ڦٽڪا،
مُور نہ ٽِن مورن ۾ مانجهين مٿ ڪا،
پُسائي پٽڪا، مون جها ڪئين موٽيا.

ڪيڏو ڏونگر ڏوريو، ڏکيو ڏکوين،
ڌرتيءَ جي ڌيان تي، ڪا جا ڪل پين،
جلن ۾ جيئن ، ڏسيو وارو ويسرا.



Gul Hayat Institute

جيڪي رهيا جيل، سي سڀ منهنجا سنگتي،
هاءِ مونکي هيل، ڪيئن نياڳ نهوڙيو.

پورهيت پير پدم، جوڻو پيو سڀ جڳ هي،
سندن دم قدم، آهي ڪارن ڪُلَ جو.

وڏا هاري وڙ، ساري هن سنسار تي،
حاتم ۽ سپڙ، تنهنجي اڳيان تِر جيئن.

سنگ سنگ ڏيئي ساهه، ڪري ۾ ڪوڙيون ڪرين،
تو نہ سريو ڳاهه اَن ارهندن ميڙيو.

لوڪ سڄو ٽيو موڪ، تون هاري پُڇين هُرلا،
رَتَ جي رُتِ نہ روڪ، تہ تون پڻ موجون ماڻيئين.

ڏينهن ڏينهن سارو ڏيهه تون ڪيئن رهين رات ۾،
ڪُتي ڪارو ديهه، ڪدين ڪوهه نہ ڪُڙم مان.

ڏوري لهه سو ڏينهن، جنهن ۾ رات نالو ناهي ڪو،
ناتو تنهن سان نينهن، ڏيئي رت رچاءِ تون.

ڪيرو ڪائي ڪريا، سمهڻ نہ ڏيئندئي سک سان،
ڪڻ ڪاهيون، پڌ ڪوڙڪيون ويهہ نہ وڳ وريا،
چلا مَنگڻ چيڪ اڳ، پُونڊڻ پير پريا،
سوئر سنگ چريا، تون سُتو ساهين هڏڙا.

اُتي ڇَڙوچاٽ، پَڌ کَڙهَ تي ڪُڏٽان،
رکي ٽپ ٽارن جا، ويهہ جهلي تون واٽ،
تون خود آهين توبچي، ڪر ڪُلهي ٽِري ناٽ،
گولي ٽئي گهوگهاٽ، جيئن پير چوري پٽ تان.

Gul Hayat Institute

ڪريو ڪو ڪوندو، ڪُڙمي ڪُونڌر گڏجي،
سوئر سنگ چري ويا، پوءِ چٽيندا چوندو،
پوندي تي پُوندو، سدا سَهندا سنڌ ۾.

رڪ، پنهنجي رڪ، واڙي واڙي واڙسين،
جي پنيرڪي پيلي ويا، ٻُڪ جو ٽيندين ٻَڪ،
پتا ءِ پن ڪڪ، سانڍ سدائين ساهَ سان.

جاڳيو سارو جڳ، تون سُتين سري ٻانهن ڏئي،
هاڻو رات هٽي ويا، واري ڪيئي وڳ،
اُتو قِرون اڳ، لوڙائن ڪي لنگهه تان.

ڪنو آهي ڪٺم، جهيرن جهانگيئڙن جي،
ڪارون بنگلا ڪُرٽي ويا، هيٺن هڏا چم،
هاري اُتو هڪ تي، ڪريو هم نہ تم،
برسائي ڪي بم، ونون واڳ وطن جي.

لٽ تي ڏيئي لٽ، ڏارين ڌِڪي ڏار ڪر،
ويهه نہ هڪ پل ويسرو، وٺ ڪري وٺ وٺ،
تُرت هڪالي تن جا، هوڏ پيچي چڏ هٽ،
ڪهڙا ڪندين ڪٽ، جي وڏا وڳ وري ويا.

جهوتون ڏين جهنگل، چورن رسا چيلهه تي،
ٻڌئون مينهن وڇ ٻڪري، ٽِرڪائي سان ٽل،
پير لڪائي پُريا، ماري ويا منزل،
ڪڙون ڪڙي ڪاهي پيئي، پويان تہ پاڳين گهل،
جي لڪائيون ڪنهن لل، تہ پاڳين پُنگ پري ڏنو.

چور ٻہ چٽا چار، پتي پنجاهُ سؤ ملي،
پر جي پٽرا تي پيا، پاڳين ڪئي پرمار،

Gul Hayat Institute

ٽاٽا پُليسون ٽرٽلو، سڪمون صوبيدار،
پنجھا سؤ مان نہ پرچي، ھر ھڪ کان ھزار،
وٺيندو سڀ وھنوار، ويھي وڏيرن وچ ۾.

چور بہ اُھي زور، جي وڏيري وھاريا،
اشاري تي اُن جي، ڪاھين ڏڱا ڏور،
اُھي ڪتا ٻچ جا، وجھن جھانگين جھور،
اھڙا بہ ٿي چور، ھر وڏيري ھٿ ۾.

ڪاٽڙيا، ڏاڙيل، رسمي رساگير ٻيا،
ٻِشني، ٺڳ بدمعاشيون، اھي نندا ڪيل،
وڏا ڪن سي ويل، جي صاحب ھن سنسار ۾،
ھن جي پيٽ پلاھ تون رُڪيءَ تي راضي رھين،
سنگ سنگ ڏيئي ساھ عيش ڪرائين اُنَ کي.

ڇَٽَ اھڙي ڇَٽ، جيئن سَلا مورن سيرا،
پورو پاٽيءَ پاڻ پريون، گھوٽ نہ ڪجئين گھٽ،
ويئي ڏرتيءَ وٽ، تہ سِڪندين سدا سنگ لئہ.

تڙ تان چورا تڙ ھي گورم ڪنھن جا گڏيا،
لوٽن لگ ليڙا ڪيا، ڏُٻي پيو ڏڙ،
مون پنھنجا ڪِين پيارا، تون ڪرين ويرين تي وڙ،
ھڪل ٻيا ھڙ، آئون پنھنجا پياري وٽان.

چوري ويا چري، ساري سيڙھا سانگ جا،
ويئي پونءِ پڙيانگ تي، جا ھميشہ ھَري،
تڙي ڪيون تر مان ، نہ تہ ٿيندي ٻالھ ڪِري،
پئو ماڳ مري، پر ڦر نہ ڦِرڻ ڇڏيو.

مِڙ ڏيئي ڪڍ مڙ ڪا پونچاٽيل پاسي نہ رھي،
ڪائي، ڪل سائي ڪندي، پوءِ نہ ڇڏيندي پڙ.

ٺُلهه تي ٽيندي ٽِڙ هي آهي ذات حرامڙي.

وڏيري جو وير، قائم پنهنجي قوم سان،
ڏارين جا هن ڌرتيءَ تي پُختا ڪن جي پير،
اهڙا پاڙين پير، ڏٺاسون ڪئين ڏيهه ۾.

ڌرتيءَ جا ڏاڙيل، پريان ئي سي پڌرا،
ور ور ڏيئي وانگين سان، تن وڏا ڪيا ويل،
مانجهي ڪريو ميل، ته ڏاڍُ لاهيون ڏيهه تان.

چاڙيم ٻڪ، لٻاڙ آهي وڏيري ورٿو،
پنهنجي هٽي، پنهنجي ڪٽي، پنهنجي وات ولاڙ
جي سانگين سيني ساڙ سي ٻڌڻ ڪان ٻرو چڙهي.

صبح، سانجهي، شام، پيٽ ٻکيا ڪن پورهيو،
بگهڙ ميڙي ڪن ٻيٽ ۾، هٽن روز حرام،
اهو جي اسلام، ته ٻيلي پنهنجي بس آ.

پيتو رت پورهيت، درندن دوکو ڪري،
آڙ وٺيو اسلام جي، پاڻ بچائڻ پَت،
تن لُٽيرن لعنت، جن آهي ڏيهه ڏڪاريو.

اوڏانهن اَڏين نِجهرا، جيڏانهن وسي وس،
وڏيرا هن وطن جا، ڪنهن پر سهن نه ڪس،
وارث والي قوم جا، هي پُرين ڪان پس،
ناهي سگهي نس، ڪميڻن جي قوم لئه.

ويهه، وڏيرا ويهه، تولئه ماڙي مالڪ موڪلي،
هارين مڪئين هر ۾ ٻيو بُک جو ديهه،
تون اُڏا، عيش ڪر، تو ڏي ڪمائي ڏيهه،
ڪاءُ تون ڪندون گيهه، اسين رُڪيءَ تي راضي رهون.

ڪارو هي قانون، جيئي ڪيئن نہ جڳ ۾،
پيئي رَتُ پورهيت جو، خوراڪ آهس خون،
هٿن ان هٿيار سان، ڏاڍا گونان گون،
چوري ڪريو چُون، ملڪيت مالڪ موڪلي.

ڪاتا مِڙئي ڪاتا، ڪهڙا ڪاتا ڪوليان،
وزير ڪان سوار سڀ، پرڪيم پنج واتا،
سين جا اِن سودي ۾، نينهن پريا ناتا،
سپيئي ساڪاتا، ڏٺا ڏيهہَ اکين سان.

ڦبي تن ڪان ڦر، سدائين سماج جي،
بيڪارن جي ٻُر، هاري پرين هٿ سان.

آهي ڪينسر قوم ۾، وڏيرڪو وجود،
ڪيا جنهن قوم جا، نسل ڪئين نابود،
شاهد ۽ شهود، آهن هارين حالتون.

وڏو آهي وِيھُہ، وڏيرڪي وجود ۾،
ڏنگي ساري ڏيهہ کي، تن سِڪايو ساٽيهہ،
منجهان گولپ گيهہ، پيئو تو پوريون ڪري.

ڏينيُو ڏينيُو ڏيھُہ، چِڪين چارئي ڏِسيون،
چِٽ، چِپر چڙيا وتن، ناهي چَٽن چيهُہ،
ور ور پري وِيھُہ، ڪرڙيئون ساري قوم کي.

اصل آهي ڪرٽو، انهيءَ جو علاج،
هر ڪا ٻي پوءِ هاج، سولي آهي سنڌ ۾.

اهي اُت پڪي، نہ اُڏار ۽ نہ بار جا،
انهن ڪارن گورن ڪان، گولپ گپ مڪي،

انهن کانئ چکي، انبي آزاديءَ جي.

سمجهي رڙا راڄ، تو ڪلوڙن ۾ قيد ڪيا،
ڪڳمارا ڪاهڙ ۾، تو ڪاڏا ڪئين ڪاڄ،
پکين پکڙجي وئي، وڏيرا تو واڄ،
ڪنهن ڏينهن چني چاڄ، هاري حويليون هٽ ڪندا.

هتي لوڪ لنگهڻ، تون پٽ پٽين تان اُچلين،
ڏيهي مرن ڏُڪار ۾، تن ڏاريان مڙهيا ڏڻ،
وڏيرا وڻ وڻ، واڪو تنهنجي وقت جو.

اُتيا افلاطون، هاڻ نہ بچندئي بنگلا،
ليکو ليکي سان ناهي، خون بدلو خون،
گُڙيا گوناگون، هارين جهندا هٽ ۾.

گولپ ڪندي گُذريون، توکي سن صديون،
اجا ميٽيون ڪِين ڪِي، تنهنجي باب بَديون،
تنهنجي مُنهن مَديون، پاڪُ وڏيرو پاپ ڪان.

سِڪن ۽ سَهڪن، ڪاٽائون ڪاهڙ سَندا،
ڏارين ڏاڙيلن، ڏوٽين ڏِلُ ڏنجها ڪيو.

ڏيئي ڏيئي ڏَڏا، مارين مارُو ماريا،
وتن پنهنجي وطن ۾، پاپاٽا پڏا،
لاڪيٽن لڏا، آزاديءَ جا اولڙا.

ويرين واري ونگُ،وڏا ويڙهيچن کي،
نہ ڪا چُون پچار تي، نہ ڪي چُريا چنگ،
گهوتي گهاٽي يَنگ، ڪنهن پياري قوم کي.

ڏتم ڏيها ڏيهہ، ڏوتي ڏکن ڏُپرا،

ڌارين ڌرتيءَ تي ڪيو، وِهن ويچارن ويه،
گُرگ پيئنِ، گيه، ڏٽي ڏوڙن پُلڪيا.

جن نہ پلجي جوءِ، سي بہ اسان تي آڪرا،
هِتي هرڪو چوءِ، هيرن ڪاٽيون هُتِ مون.

اهڙن سان اُهجاڻَ، ڏسان جڏهن ڏيہ ۾،
اندر منهنجو ائين جلي، جيئن باھ پُراٽي ياڻَ،
ڄرون ڏيئي ڄاڻَ، منهنجو تَن تپائيو.

ڇِتا ڪُتا ڇيڪ، ڀُچر وتن ڀُونڪندا،
جيئن وڏيرا قوم ۾، نالي سندا نيڪ،
مُنهن سبيا ڏئي ماڙُهين، ڪُتن ڏنئون ڪيڪ،
انهن ئي انيڪ، سوئر سانديا سنڌ ۾.

ماڙُن مڱيا ڏينهن، پر ڳڙن ڳوٺ ڳڱاٽيا،
ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ، آيا اباڻن تي.

ٻڌٽي ڪونہ ٻاولا، گنجو پيو گُڙي،
جڻو جوانن جو، مرڻ کان نہ ٿو مُڙي،
هي راڪا رت ڦُڙي، پلئو وٺن پاءَ سان.

کهوڳن کهاڙيئين، جهنگ جنين جو ننگ،
پاڻ متارو پڌرو ڪرين، جوتي تن سان جنگ،
انگ انگ اندر انگ، هي سرِجنديئي سڪيا.

سنڌوءَ سدا سانديا، سوڍا پُٽ سڌير،
اندر ٻاهر اُجرا، اڇا جهڙا کير،
مِٽن سان ماڪيان مٺا، ڪڙن لئہ وھ وير،
پاڻ ئي ڌرتيءَ ڌير، پاڻ ئي ڌرتيءَ جا ڌٽي.

Gul Hayat Institute

ڦورن هٿ ۾ ڦاندِ، ڌرتي ڏسي ڏک ڇڪيا،
جيئن سُئي مڇي ڪانڊِ، لڳي ڦٽڪي نه مري.

جيئن ڇوي ڇم ۾ ڇم، تيئن ڪارا فرنگ سنڌ ۾،
پنهين ساڳيو ڪم، راتو ڏينهان رت سين.

جلان ڏسي جلان، ڏاڙيلا ڌرتيءَ مٿي،
هيڏي آهي هلان، ته به ڪاهڙ سچو ڪونگهرا.

ڌرتيءَ مٿي ڌم، ڌارين ڏاڙيلن جي،
انئي پهر اندر ۾، غلاميءَ جا غم،
صدين ڪان سهم، سانگين سٺا سنڌ ۾.

سنڌ سڄي آ جيل، جڪڙ جِت ڪِت جهانگين ،
وانگين مٿي ويل، چارين چوڌاري ڪيا.

ٻَرن ۽ ٻَڙڪن، مارُو هر ڪنهن مُند ۾،
ڪوسيءَ منجھ ڪُپاٽيا، ٿڌيءَ منجھ ٺڙڪن،
ويڙهيچا وڙڪن، سدا گُوندر گڏيا.

نيٺن نظارا، ڏٺم ڏکوين جا،
سدا گڏيل گوندريون، مارُو موچارا،
پسي انگ انهن جا، اُٿن اوپارا،
وانگي ويچارا، ڌاريان اڄ ڏٺي ٿيا.

Gul Hayat Institute

مون کان ٿا پُڇو، ته ڪيئن تو ڪاٽين جيل ۾،
جي سرئان سُور سرير ۾، ته ڪر ڪِين ڪُڇو،
لئون لئون هوند لُڇو، جي سمجھو سُورَ سنڌوءَ جا.

مون کان مارن ماءُ، جهيرن آهي جهِنجهوڙيو،
گهنگهر گهارين سهنديءِ، گهاون مٿان گهاءُ،

جيئن جنين لاءِ جهنم جهڙو جڳ ۾.

سنگهارن کي سيڪ، اَلا اچي مَ ڪڏهن،
بيدي رهن بند هي، ڇُتي رهن ڇيڪ،
هو نسورا نيڪ، ويساهه وِسهي وڪوڙيا.

جبل جيڏا جل، جيڏا مون جگر ۾،
ڪريان وس وساڻ جا، پيٽا ٻرن ٻَل،
گهوڙا هيڏي گهل، سر تي سانگيئڙن جي.

جيڏا، جيڏا وڍ، آهن مون اندر ۾،
شال نہ ڪنهن جي ڪڍ، ايڏا هُونِ اڻ ميا.

ٻارڻ ائين ٻَرڻ، اندر منهنجي آڪرا،
جيئن باهه جهوني جهنگ کي، لڳي سر سڙن،
ينيٽ ڪيو پڙڪن، سيني سُرَ سنڌوءَ جا.

پراين، پنهنجن ڏنا سُورَ سنڌوءَ کي،
ڇَڪن ڏسي چاڳلي، منهنجا چاڪ چِڪن،
ٽِڳن ٽڳيو ٽل تي، سدا سانگيئڙن،
وارو جي ورن، تہ هاڻو رهي نہ هڪڙو.

مگر منهنجي من، ٻرن ٽاندا ٻاٻرا،
مون کي چاڻ چرون ڏنيون، سنڌوءَ جي سُورن،
جيئن منجهہ جيلن "منشي" وڏو مامرو.

پوڇيو پنوهارن پوڇيان، جن سان جڙيو جيءَ،
ڪوسيون لُڪون قوم تي، ٻيا پارا سيءَ،
اچي ويرن ور ۾ ويئي وانگين ويءَ،
تن کي لڄ نہ ليهہ، جي ڏُڙا ڏاڙيلن سين.

Gul Hayat Institute

هٿين هٿ ڪڙيون، منجهن سٽيون سنگهرون،
آزاديءَ جي آسري، اٿم جان جڙيون،
ڪندي رات رڙيون، جڏهن ايندو ڏينهن اُهاءِ سان.

لڙهيون اڄ لڙيون، ارتي سنديون اڪين مان،
ڦري ڦٽ ڦاٽي پيا، پسي قوم ڪڙيون،
ڏٺم تن تڙيون، تہ بہ رهيون نہ روئڻ ڪان.

اَلا منهنجا انگ، ڏُہڻ ڇو ڏرتيءَ مٿي،
سُٽان سر وڃڻ جا، چوڏاري پيو چنگ،
جوڏا وڏي جنگ، ڪڙڪي آئي ڪنڌ تي.

ڪٽن ڪانئي ڪل، ڪولين ڪامان ڪيئن ڪُڇان،
ٻاهر ٻاٻاڻن تي، ڪَڙا قيد ڪُفل،
ڪُل ڪي ڪهڙي ڪَلَ، ٻنهين پارين ڇا ٻري.

وهڻ مون لئہ وِهہ، سُمهڻ هلڻ سُور ٻئي،
جيئن سوراخون بهہ، سِينو تيئن سيِ سَل ٿيو.

نِير وهائي نيڻ، ڦلٽان تي ڦاٽي پيا،
جيئن ڪر ٻتي ميڻ، پگهري پڇاڙي ڪري.

جيجل مون جيءَ جل، ٻاڦون نڪري ٻڙڪيو،
سُورن تنهنجي سنڌڙي، سيني ڪيا سل،
جيئن پکي اڌ ڪٽُل، ڦاسي ڦٿڪي نہ مري.

سوين سنڌوءَ سُور، ڏنا مون کي ڏيج ۾،
پارڻ پيا ضرور، ڪنهن پر ڪنڌ ڪدائيان.

مٿي سان مِٿي آهي جن ازل ڪان،
ڪن سي ڪيئن ڪِتي، ٻارن جيان ٻار تي.

ڌرتيءَ سندي ڌُوڙ سرس مون لئہ سون کان،
پرکي ڇا پروڙ ، مٽيءَ سندي مان کي.

سا مون ڌرتيءَ ڌڄ، مهڪ جنهن جي مُشڪ جي،
مادر مٽيءَ اڄ، ڪيئن ولاتون واسي ڇڏيون.

جيڪو جيجل ڏسيو، سو نہ پروڙيم پنڌ،
کھڙو کٽان کنڌ، مُرڪي مهندان ماءُ جي.

نہ ڪانگي نہ وانگي، نہ وارُو ڪو وِلهيءَ جو،
پُٽڪو سُٽان نہ پونءَ ۾، سُتا سڀ سانگي،
جاڳيا هُلَ جگر ۾، جيءَ گهمي جانگي،
ٻولينڊڙ ٻانگي، ٻُوٽ ٻَڌي ٻوڙا ٿيا.

ڪنن ڪپهہ اکين ڪوپا، ٻوٽن ٻُوتاڙا،
جهڙا ڪر اٿ جوڳ جا، سدا ستاڙا،
سيني ۾ ساڙا، پر ڪيبائين ڪُڇڻ ڪان.

سڪ منجهاران سڏ، ڪيم ڪونڌر قوم جا،
اڇو ويهي ورهائيون، گُوندر سندوءَ گڏ،
هڙئي آهيون هڏ، جي گڏجون تہ ڪو گس ٿئي.

جهانگيئڙن جهيرون، جهُرن جهڄن منجهہ جهوپڙين،
متان ”منشي“ سمجهين، تن جون تقصيرون،
ڪاسائن هٿ ڪات ٿا وجهن تڪبيرون،
جنين جون ڏيرون، تن ئي ڪُٺو قوم کي.

ڇڪليون ڇڪي، ماڙهو لاهيو مُنهن تان،
ساٿي ساٿي سڏ کي، ڪيسين سند سڪي،
جو اندر ڇهڪ ڇڪي، سو وڏي وات وتاڙيو.

Gul Hayat Institute

اندر آ ڪيڙا، پائي پيچ پريت جا،
لاهي سڀ ليڙا، اُٿيا سي آجا ٿيا.

بڪ بڪ، بڪ نہ بڪ، هتي راند آ رت جي،
جي وڙهين تان ويھ تون، نہ تہ ڪر ٻين ڪڪ،
نڪر وڃائج نڪ، تہ سُڄاڻ سولو ٿئين.

سُور سدائين سنڌ، سَتا ڌارئين سگ ۾،
سُڪائي ساڻا ڪيا، سُورن جنهن جا سنڌ،
ٻريو، ٻڙڪيو، ٻاڦون ڪڍي، هيٺي هر ڪنهن هنڌ،
ڪڏهن ڪٽندا ڪنڌ، ويرين مٿان واهرو.

ڌارين ڪي ڌوئي، جنهن ڏنا سڄائي سانگ،
تن پيلي ڪيا پڙپانگ، پُنگا پيٽيون پاڳيين.

سنڌ ۽ فلسطين، اکر ٻئي هيڪڙي،
هُت يهودي پڌرا، هِت مُنهن ۾ مسلمان،
دل ۾ ٻنهي دين، هڪڙو آهي هوُبهُو.

ساڳي صورتحال، سنڌ ۽ فلسطين جي،
ٿانڊي ڪٽندي بورچي، دنيا جي جنجال،
وانگين تي وبال، ٻنهين پارين ٻريا.

سوگهي سنڌ سَنگهر ۾، ماُرن تي مارُون،
ٻُڌئي ڪين ٻيڙين ۾، ٻر ٻر ٻاڪارون،
ڪُٺل ڪُوڪارون، پيئي ڪري پُٽن ڪي.

سوگهي سنڌ سنگهر ۾، ڏڪيا مٿس ڏينهن،
جالي جيجل جل۾، سُک اڇي ٿو ڪيئن،
اُتِ نياءِ نينهن، سوڊا، سر ڏئي سنڌ تان.

رات بہ ٻُڌم رڙ، سنڌوءَ سوڊِن سڏ ڪيا،
ورو ڪري وڙَ، چِڪيا چاڙهين چور پيا.

سوگهي سنڌ سنگهر ۾، سوين ٽيئڙا سال،
وچي پيئي ويرين جي، ڌرتيءَ تي ڌمال،
ڇورا ڏيئي ڪو ڇال، امڙ کي آجو ڪريو.

سوگهي سنڌ سنگهر ۾، لکين لڳن لوهه،
اُتي پنهنجي امڙ تان، ڊاهيو ڊوهين ڊوهه،
ڪنهن کي ڏيندا ڏوهه جي سڙي مُئي سَنگهرين.

سوگهي سنڌ سنگهر ۾، ٻيڙين ۾ ٻڙڪي،
ڦورن ڦڦڙ ڦٽيا، ڦٽڪي ۽ ڦڙڪي،
سُورن ۾ سڙڪي، وارو ڪو ور ڪجا.

ڪيو سنڌ سنگهر مان، مان سورهيہ ٽي سُجان،
رکي سر ساندڻ، مُترڪن کي ماڻُ ڏيو.

ڪيو سنڌ سنگهر مان، ڪٽي بم بندوق،
هر هنڌ پوري هاڪ، وونڪا اهنجي ويڙهه جي.

ڪيو سنڌ سنگهر مان، ترت پڇي تاڙا،
وانگين جا واڙا، اُپونين اکائيا.

ڪيو سنڌ سنگهر مان، چڏيو ننڊ نياڳ،
ويرين هٿان واڳ، وٺو پاڻ وطن جي.

ڪيو سنڌ سنگهر مان، هٽي اڄ هوڪا،
ڌارين جا ڌوڪا، ڌرتيءَ تان ڌوئي ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

ڪيو سنڌ سنگهر مان، چورا ڪٽي چيٽيون،
ڀُنگا ۽ پيٽيون، پرم پاڳيئڙن جو.

لاهو ڪتي، لوھ ڪيو سنڌ سنگهر مان،
ڪري وارو ويرين تي، چورا چَنديو چوھ،
ڪنهن کي ڏيندا ڏوھ جي پير ڪَڙيون پئجي ويون.

باغي ڪڻ بندوق، بم بہ ٻڌج بيٺ سان،
ويرين اهڙو وارو ٿئي، جو هر هنڌ پوي هاڪ،
مانجهي سو ملوڪ، جو سنگهرون لاهي سنڌ تان.

هل حلالي پٽ، ميران پور معرڪو،
آيا پُٽَ، اکٽ، سُٽي سڌ سنڌوءَ جا.

چري اڄ چُري، ڏُک سٽايل ڏِيل جا،
حلالي هوڪا هٽي، ساڻي ٿيا سُري،
تن ڇپڳيرن ڇُري، ڪنڌ قبولي پانهنجي.

چوري جنهن چاتي، پيتي پنهنجي ماءُ جي،
مٽي ڪنڌ ڪاتي، سوئي سهندو سنڌ لئہ.

ٺُڪي مادر تج، ڇُوپي ڇُسڪا چار جو،
مُور نہ تنهن کي مَڇ، جو ڪريو امڙ کير ڪان.

نئين نسل جا نينگرا، ڄامشوري پُل،
مُنهن ٽاندباٽا هوڪرا، ڳاڙها جهڙا گُل،
اصل سي بي مُل، آزادي لئہ آتڙا.

نڌر نڌڙڪا نينگرا، وات اڇي ويا واڳھ،
گهوري جنهن گهاگھ، ڳيت ڏيئي ڳڙڪائبا.

نئين ٿهي نڪتا، قليلي جي قاتَ،
گهاڙيتو ۽ گهاتَ، جهڙا پُٽ هڪ پيءُ جا.

نڌر نڌڻڪا نينگرا، ڪيسين نڌڻڪا،
مروڙي مَٽڪا، يَجي چُتندا پُوت مان.

نڌر نڌڻڪا نينگرا، مٿان جهولا جهڪ،
پوري اٿم پڪ، جهاڳي چڙهندا جهريون.

پونءَ پلاري پيٽ، چڙهيا جيڪي چاهه مان،
تن جي رت رِجائيا، ڪئين ڪيٽيون ڪيٽ،
تهان پوءِ ڪتيون چيٽ، آجا ٿيا انهن جا.

نونڌيين چاڙهيا نينگرا، جنهن پنهنجا قوم ڪالهه،
اچو پُڇون انهن کان، آزاديءَ احوال،
لاٽي پِيڙ پُرين تان، جن ڏيئي لهو لال،
اڻ ڳڻ ڳُڻن ڳالهه، آهي سدا تن جي.

ڪوپا تئين منجهه ڪُوپ، جيئن پاڏا سانَ پِڙ ۾،
سوني روپي رُوپ، منهن چڻ ٽاندا پاپرا.

جن جا ويا جنگ، سي مَر مَرڪن مائرون،
تن جا مُنهن منجهه مارڪي، ڪڙهن ڪُنهنبي رنگ،
ڏيهه سچي تان ڏنگ، جن ڏُور ڪرڻ لاءِ ڏوريو.

اُتي الله توهار، متو آ ميدان اڄ،
مائن ڪيئي موڪليا، ڪوُپا پُٽ قنڌار،
آهي آزاديءَ جو، جهيڙو هي جهوُنجهار،
سنڌڙي جا سينگار، ڌرتي پرتي آهِ تو.

ڏيئي تنگ تٽي، وجهه، تون سَنج سنجاف تي،

Gul Hayat Institute

هاڻُو تنهنجيي حد ۾، آيا هوڏ هٽي.

ڏُر گڏيا اڄ ڌرتيءَ تي، ڏاريان ۽ ڏٽي،
ٽجئين پير پٽي، متان ماءُ لڄائيين.

پٽم تو پاليم، اصل انهيءَ آسري،
اڇين شال ڪُڙم ڪي، ڪِلي ويلي ڪم،
جيسين پاڇو پت جو، جاني موٽين جم،
متان سنڌ سهم، لاهج رت جي راند سان.

وڙهه ۽ تون رِڙهه جيسين سگهه سَرير ۾،
ساجهر ڪٽي سِڙهه ساندارو ڏي سِير مان.

ڪارا فرنگ ڪڙڪيا، متي مياٽي،
پٽڪي ور پهچي وجو، تي رت گهري راٽي،
لوڙائن جي لشڪر ۾، گهوٽ وجهو گهاٽي،
متان سياٽي، هونئان ڳٽ ٻچيءَ ۾.

ڪَپ ڪٽي تون ڪَپ، جڙون جابر جڳ مان،
رتو تنهنجو رت پيو، ساماٽا جي سَپ،
ڌرتيءَ مٿان ڌَپ، ڇڏ ڌوئي ڏاڙيلن جي.

اڏيا اُڏوهي، ڪائي تو ڪوڪا ڪيا،
تون تِتر تي تنهن ڪي، ڇڏ ڌرتيءَ تان ڌوئي،
ڪِٿِ نہ ڇڏ ڪوئي، نسل نياڳيءَ جو.

هوندي ٻل نہ ٻر، تڙڪو تيز اڄ تڙ تي،
پُڇين ڪهڙا پاٽي، چورا اُيو چر.

تُرها تن ترڪ ڪئا، جن جي جوش جگر،
پسي جر نہ ڏر، هتڙيا ڪئين هُن پار ويا.

Gul Hayat Institute

هلو هلو جهوڪ، مَتو پيو ميدان آ،
نہ ڪي رندِ نہ روڪ، جيڪو هٽي سو ڪٽي.

ڪُتل ٽيو ڪَتا، اُهڪا ڏينهن اڳي اجان،
هي تان ڪونہ حساب ۾، جي آن سهم سَتا،
ٽيندو ٻت ٻتا، جي ڇورا رهيا ڇيڳرا.

جاڳي جڳ ۾ جيءَ، سُتن سَريون سَنگهرون،
جُڳ جُڳ جيئڻ جنهن ۾، سو پيالو پيءَ،
تن کي لڄ نہ ليہ، جن چينن اندر چين ڪيو.

چينن اندر چين، ڪيئن تو اچي ڪوٺ ۾،
ساهي ڪڍ سگين مان، سِر ڏيڻ جي سين،
رت گهُري ٽي رين، اچي ڏينهن آزاد لئہ.

پري ڪان ڏس پڌري، پره ڪنئي باڪ،
ڏئي ٽي ڏيهين کي، سون ورني ساڪ،
اُٿي اڪيين آڪ، سُتن سور پرائيا.

امڙ مُڪيون اڄ، گاڏيون پري گوندرين،
سَهي ڪَرت ڪنڌ تي، لوئي رکج لڄ،
واجي وانگر وڄ، ماڻ گهٽا ئي ماريا.

ماڻ گهٽا ماريا، متان ڪرين ماڻ،
هاڻن هيري ڏاٽ، وانگي ويرين وات ۾.

ڪُندڙ قابو ڪاٽ، پر ڪُڇڻ نہ ڇڏجئن ڪڌهن،
ڳهر ڳالهائو ڳاهيا، اڳي آهي اٽاٽ،
سِڪ مان سنوڻ ساٽ، سانگين لئہ ساڳاه تون.

Gul Hayat Institute

ڪوُندر ڪُڇ نہ ڪُڇ، پس قوم ڪند تي ڪاتيون،
پورهئي پيٽ پلا ڪيا، پير پري تن پُڇ،
لوھ لوساٽيا لِڱڙا، ساري لوئڙ لُڇ،
ويريءَ وَٽي مُڇ، ڪوس وڏو آ قوم ۾.

پوڳ نہ پانئيو پاڳيا، ڌرتيءَ ڏاج ڏٽي،
آنڪي نندبِ نِهوڙيو، آهي ڳهر گهٽي،
پر جي، پير پِٽي، سُپا ٽيندا سنڌ ۾.

پر پيا ڪن پَر ۾، پنهنجا پڪا پير،
رکيو اڇن راڪن سان، من سدائين مير،
ساڳيان سسئيءَ ڏيرَ، دوکو ڪندا دام ۾.

جي وڍين تان وڍِ، هينئر جهنگ جهَڪو اٿئي،
ڪڻ ڪُهاڙي ڪچيءَ ئي، ڪپي پاڙون ڪڍ،
ڏيئي هنئين ڏڍ، ويٺين تان ورسئين.

جان تو سَريا سُور، سيني سهم سانگيين،
تان تان سَهٽيون سوڍڙا، زنجيرون ضرور،
جيسين نکري نُور، سج نئون ڪو سنڌ تي.

سدا ڪج سچي، ڪوڙو مرض آ ڪوڙھ جو،
چئي سچ سوريءَ تي، نانگا چڙھ نچي،
پڪي پار پريتڙي، ڪجئين ڪِينَ ڪچي،
راهو رنگ رچي، هل تہ هِتِ هڪ ٿئين.

هي تان ڏُکن ڏک، سيج نہ آهي سُکَ جي،
ساٿي پهرين سنڌ لئہ، سِرُ ڏيڻ تون سِکُ،
پوءِ وڏائي وک، وونڪا واھر ويڙھ ڏي.

آزاديءَ جي آس تون، رکين تان ڏي رت،

Gul Hayat Institute

سوڍا سِر ترِيءُ تي، وڙڪائيندو وت،
پوري پارج پت، وارث دودي ديس جا.

سنڌوءَ ڪاڻ سنڌي، سڌون سوڍا چڏ تون،
ڏس نہ حوس ڏس ۾، اصل جيئڻ انڌي،
ڪاهڙ جي ڪنڌي، سر ڏيئي نياءِ تون.

سوڪڙي ڏي سِرُ سوڍا پُٽ سنڌوءَ ڪي،
سانڍي سَڌون ساهہ ۾، هاريا ائين نہ هِرُ،
منان سپ مِڪرُ مار تہ منزل ماڻيين.

ساٿي سَڌن سنڌ، آجي ٿئي نہ آزار ڪان،
جيسين پنهنجي جند، گهوري ٿٿا گهوريو.

واڳونءَ هٿ واڳون، ڍولڻ ڪيمَ ڍريون ڇڏيو،
ماري تون مارين ڪان، موٽائج ماڳون،
يوڳڻ نہ ياڳئون، هيءَ آهي صفائي هٿ جي.

ادا انقلاب، آهي نہ ماڪي اَڪَ جي
ڳاڙهو رت آ ڳاڙٽو، جهڙو گُل گلاب،
جي اکين هارين آب، سي پڻ سکيا سڌڙيا.

روئڻ ريت ڪريت، کِلڻ ڪرين ڪم،
جڳ ۾ تن جي جيت، جن جوٽي جنگ جبر سان.

وجي پيو وڌندو، کهيرو تنهنجي گهر تي،
سلو سوڍا سُور جو، سُتي تو سُرندو،
وپاتو ورندو، ٽڪر هٽي ٽوڙ تون.

هڻ مصلحت کي موچڙو، اٽل عزم ڏار،
سائي تند تنوار، جنهن جا جڳ جاڳي پوي.

نينهن پري هي نيند، سچا ساٿي سنڌ جا،
ڏائي مارئي سِيند ڪنهن نہ جڳ جاڳائيو.

قربن پري ڪوٽ، مانجهي منهنجي ملڪ جا،
جيڏا اڄو جاڳائيون، منجهان ڳهرن ڳوٺ،
راٺا ڏرتي روٺ، ريج گهري ٿي رت جو.

ڪهڙيون قوم غلام جون، شانَ پريون شاديون،
جيسين هاڻُن هٿ ۾ وانگين جون واديون،
ادا آزاديون، ملن ميڙاڪن سان.

وڃاءِ واول، ڪڏ نہ دُهل ڪَنڌ مان،
مياڻيءَ آهي ملاڪڙو، مڙيا ڪيئي مَل،
جاڳاءِ ڏيهہ ڏونڪا هڻي، جي لنگها تو ۾ لل،
در در جهول ۾ جهل، هتي لڪ آ لڪ جي.

گڙاءِ گرنار ڪشي وڃاءِ ڪينرو،
راڙو رنگ محل ۾ ٻُڌجي جيئين پيهار
جهونگارائين جهوُنجهار جيئن جهونا ڳڙهہ جهڪور جي.

قِڪا پَسي قل، ڪئين چڙهي ويا ڪينرا،
وٺي پڻ پاسي ٿيا، پيٽ پريائون پل،
جيءَ جنين جي جل، ڪنڌ تنين جا ڪينرا.

Gul Hayat Instutute

جهاڳي جهونو جهنگ، تڙي ڪڍي ڏيو توپچئين،
باقي بلا نہ رهي، ڪو نندو وڏو ننگ،
تِج نہ تاڙو تنگ، جاسين جُو جُو جُوءَ ۾.

تنهن شڪاريءَ شاباس، جنهن مهمانيءَ ماريا،
ڪجا ڪُندِ ڪُرڇ مان، نسل نِهاري ناس،

وجائي وماس، ڳولي مار تہ ڳالھ ٿئي.

جيئن گھُرين جڳ ۾، گدڙ ٿي مَ گُذار،
موٽون لوڙهون منديڙا، ڪائي ٿي مَ خوار،
ڪر ڪر تازي ماس لئہ شينھن ساڻ شڪار،
لڳي جو ھڪورا، تہ تانگھہ نہ رهي تونئڻ جي.

ڪڻ هاٿيءَ تي هٿڙا، ماڪوڙيون مَ مار،
جوکو جنهن مان جان جو، ساري سپ چمار،
آفت سان اُجگار، مار تہ مانائتو ٿئين.

ڇَنو نہ ڇِنو، ڪايا پاڻ ڪِري پيا،
لاٽڻ سان ليٽي ويئي، جنهن تو ڏڌُ ڏنو،
ٻُندڻ ٻُر ڪٽي ويئي، ٽوٽين پيءَ پنو،
ڪيسي ايءَ ڪنو، وکندو واتورن تي.

ڇِنو ڇڪي ڇن، جو اُڏيار اُبتو اَڏيو،
وڏو اڏ ويو واءَ ڪٽي، جنهن کي رسيا جن،
ڪِري ڪندو ڪِن، مٿان مُند آ مِينهن جي.

رکي من ۾ مير، اڏيارن اُبتو اَڏيو،
پاڻ پڌاري هليا، ويهي منجھہ ڪا وير،
پوين هڪڙو پير، سري نہ ڇانوَ ڇپر جي.

تاڙِي اچ تاڙي، آجي موسم مينهن جي،
ٿاري ٿاري ٿپ ڏيو، ڪوڪي منجھہ ڪاڙهي،
رت تن رئاڙي، جل جنين جي جيءَ ۾.

سِکي ڪين سُکي، راند ڪڏهن رت جي،
ڳاڙهو جھندبو سا ڪٽي، جنهن جو ڏِيل جي ڏکي،
چگن هٿ چُکي، جي ملي تہ ماَنُ لهي.

Gul Hayat Institute

قبولين ڪڙيون، جي غلاميءَ جون جان تي،
اهڙيون بي وڙيون، ڪٽ نہ منهنجي ڪُڙم ۾.

اسين ڇُلون ڇيڪ، واڙ نہ منهنجي وطن ۾،
سِگَر جن جي واڄ، ڏُوتين جي ڏُتار تي.

هر هڪ ذرتيءَ ذيءَ، مارئي منهنجي مُلڪ جي
سهم سَهندي سِرَ تي، جاڙون متي جيءَ،
ٿاريلياٽي تي، اواٽان نہ اوجهري.

پيٽن مُڪا ياءَ، سُٽي سڏ سنڌوءَ جا،
ٻاڳهين جي وياءَ مُڙن ڪِين مرڻ کان.

ٻَڌو رکڙيون راک، پينر پنهنجي پائرين،
سدا سنڌوءَ ساک، آهي سوڍن سِرَ سان.

اَديون هي الان، لاشڪ اُٿيا لاڙ کان،
پينر نہ تي ڀُلان، تہ نئين ٿهي ٻارڻ ٻاريا.

سنڌ سسئي جيئن سُور، سَنا ڏارئين سگ ۾،
باهيون ڏيئي پنپور کي، ڏير ويا تي ڏُور،
پُنهل ڪارڻ پُور، پيئي پچائي پيٽ ۾.

جڏهن اُٺ اوڙڙ تڏهن سوارن صحيح ڪيو،
نسل نياڳو پڌرو، جي ڪائي ڪين ڪيڙ،
تڙي مٿان تڙ، جتن ڪديو جُوءَ مان.

چؤڏس ملڪ چري، چانگو جڏهن چور ٿيو،
آيو هڪ ڏينهن اوچتو، واپس وڳ وري،
ڪريل ٻچ ڪري، وڃي لڳو لوڙائن سان.

لڳي لوڙائن سان، ڏوڪ هيئين ڏڙا،
ڇيو سوارن سچ هو، هي پَٽيندو پاڙا،
وانگين جا واڙا، هن ڏاگهي ڏسي ڏول ڪيا.

ڪڏي منجهان ڪم، هاڻُن هڪالي ڇڏيو،
ڪيڙ پوءِ ڪاڻ لڳو، غرق رهندي غم،
جتن ڏسي جان تي، ظاهر ڪئين زخم،
پٽيون ٻڌائون پنيون، پيا ميي کي مرهم،
ڇانگي هڏا ڇم، جتن وري جياريا.

ساٺا هڏا سَگها ڏسي، ٿا سُوار سينگارين،
ونيو ٿا ولات مان، چندن ول چارين،
ميي مصريون موڪ ٿا، پل پل پيارين،
واڳون جي وارين، تہ هلڻ سان هاچا ڪري.

توڏي، سندي تيک جون، دانهون ديسا ديس،
جتن ڪئين جتن ڪري، وڏا ڪرايائيس ويس،
جهُلون، جهُومڪ، جهالرون پيا ڪڙن ڪٿا ڪيس،
ميي وڏي ميس، مِڙيو ڏيهہ ڏسڻ لئہ.

پوڙهي سُوار پڙ تي، پيهر ڇوريا ڇپ،
اڇي ٽي هن اُٺ مان، مونکي ڏاڙيلن جي ڏپ،
هي دوکو ڪندو ڏٽين سان، هن کي سمجهو سَپ،
متان لاهيو ڏپ، هي پاليل آهي پر جو.

ٻُڏي اڻ ٻُڏي، ماڻهن مچي ڪانہ ڪا،
ڏين ڏسيو ڏاگهي کي، وڏا واڪ ڪري،
چڙهي پهتو چوٽ تي، گونئري گر ٻَڏي،
ڪرهي دل ڪُڏي، ڏسي پوڙهو ياد پيو.

Gul Hayat Institute

هاڻي هر ڪو چوءِ، پوڙهو وڏو پارڪو،
ڏاريل ڏاڙيلن جو، سو ڪيئن هتي هوءِ،
وانگين واڪو ووءِ، ته گونئرو گس چڙهي ويو.

ڪيڏا ڪارا ڏينهن، قاتل آندئي قوم تي،
نانگا تنهنجا نينهن، هو پاپي پنهنجي پيٽ سان.

تو ته چيو چند، ڏيندس ساري ڏينهن کي،
ماندي مَندي مَند، توتارا پڻ تمام ڪيا.

ماندي مَندي مند، تو قاتل ڪيڏو ڪيس ڪيو،
زهر ملائي کند، کاهڙ کي کارائي تو.

تو ته چيو هو پاڪ، پاپي ڪندس پڪ مان،
ٻاٻاڻن جا ٻاڪ، ڦورن ڦيٽان ڦاڙيا.

تو ته چيو هو رنگ، ڏيندس نئون ڏوهه کي،
واقع تنهنجا رنگ، سانگين لئه ڪيئن سُور ٿيا.

تو ته چيو هو چنگ، سُرندا وڄندا سچ جا،
دوکي جو ٿيو دنگ، ڪوڙ رسيو وڃي ڪورٽين!

تو ته چيو هو حق، هر ڪنهن پوندو هنج ۾،
اکر لئه انصاف جي، چئني ڏسين چڪ،
ناهي پِتو تو نڪ، جو جيئرو آهين جڳ ۾.

تو ته چيو هو رک، روحان ڪندس راڄ جي،
ليکا ڏيئي لک، ماتم وڌئي ملڪ ۾.

تو ته چيو جو جوءِ، جرڪائيندس جوت سان،

Gul Hayat Institute

لڄائيہ سا لوءِ جو ڪاهڙ سپ ڪامي هليو.

## ڪاهوڙي

جي تو پائر پانئيا، سي ڏارين جا ڏوڙي،
وِهِ انهن جي وات ۾، نانگ نہ پاڻ نوڙي،
اِن ڪپر ڪاڏا ڪيترا، گرو، گاروڙي،
ڪو ڪپي ڪاهوڙي، جو چيلا گُرو چٽ ڪري.

سانگ سڃوئي نانگ، ڪپر گهوڙيال ڪئين،
پَرَ بچايو پنهنجا، چورا ڏيئي چلانگ،
ڏيهي ڪٽي ڏانگ، ماري ڪيو ملڪ مان.

ڪٽون، ڪپر، گهوڙيال، ڪارا پدم ڪيترا،
بي پِيرا، بي وڙا، بي گُرا بدچال،
چورا ڏيئي چال، ماري ڪيو ملڪ مان.

جهانگين هٽي جهٽ، سَپن سوين ماريا،
بي گُرا، بي پِيرا، اُهي نانگ نپٽ،
جي ڪير پيارين ڪٽ، تہ بہ ڏنگڻ سندن ذات ۾.

ڏاري مانجهي مور، نهو ڪيو نانگن سَندو،
پيرين ننگا پنڌ ڪن، جهانگين لهي جهون،
سَندو زهر زور، سُتن سوايو ٿئي.

Gul Hayat Institute

چنبي ڪير چپن، چوري اُپي چر تي،
آهس ڪنهن ايندڙ جو، اوسيئڙو اندر،
ور ولهيءَ جا ور، چڏ نہ چوري چيڳري.

ور ريءَ هيڏا ويس، ڪوهہ ڪياءِ ڪامڻي،
هو ڪو تنهنجي حُسن جو، آهي ديسان ديس،
مري ويندئي ميس، جي پنهنجن ڪان پري رهيين.

اُرهہ ائين نہ ڪڍ، پائي ڪشيل ڪپڙا،
وجهين ٿي واٽهڙن کي، وڪ وڪ تي وڍ،
ڏاڏي پوٽن ڏڍ، ايندءِ ڪم ڏينهن ڪيترا.

اڌ اُگهاڙا انگ، وڙڪين ويرين وچ ۾،
نانگي تنهنجو ننگ، ڪوهہ ڇاٽا ڏينهن ڪيترا.

ڇهرو چوڏهين چنڊ، جوڀن ڀيو جمال،
چري تنهنجا چال، چُڪي هر ڪنهن چت ۾.

ڀرن ٽاندا ڀاڀرا، من منهنجي مچ،
آهي اُجهائڻ جي، پرين تون پُهچ،
سچڻ سچڻ سچ، سيهي مان سون ڪري.

ڀرن ٽاندا ڀاڀرا، ڪامان منجهہ ڪوري،
چئي تو چاڳلا، پوان نہ پوري،
گهٽا تو گهوري، آگ منجهان آجا ڪيا.

دردن منهنجي دل ۾، دمايو ديرو،
سڙي بچي سِڪَ ۾، ڪامي ٿيو ڪيرو،
ٽتو نبيرو، ڪڻ برابر ڪو ڪري.

Gul Hayat Institute

ڀري ٻاڦ نڪري، رهي اندر روح،
سنجهي ۽ صبوح، سيني ساڙو سڪ جو.

آهيان واڳونءَ ريءَ تو، روئي روئي رت،
ساجن، تنهنجي سُور ۾، سند ڇڏي ويا ست،
جيءَ جُدائي جهوريو، موڙهي ويئي مت،
عجيبا ارواح کي، اچي ڏيو آٿت،
ڀرين پاريو پت، تہ اکيائيان آجو ٿيان.

ڏيهن جيئن ديواريون، اُيئون انمبر لڳ،
جدائيءَ جي جل ۾، جگر ڏوڏا ڏڳ،
پاسي ڏيئي پڳ، جي لنگهيا سي لهسيا.

ڏِيل ڏئي ٿي ڏنب، بند ۾ مُند بهار جي،
جيئن ڪو کُهيل کنب، پکي ڦٿڪي پڃري.

موٽي مُند ملڻ جي، ڀيرين جهليا ڀير،
سوگها سڄڻ سنگهرين، هٿ ڪاريون ڀير،
توريءَ ڇاٽي ڪير، حال منهنجي هينئڙي.

ڀڪل ڀيرُون ڏوڻ سان، جيئن ڇُڳن مان ڇٽن،
آهي اکڙين، ساڳي رت روئڻ جي.

نِڪون نيڻ ائين پَريون، جيئن سانوڻ پاڻي موڪ،
نہ ڪا رنڊ نہ روڪ، جيئن گهارو بچاءَ بند کي.

پاڻي وهي پورو ٿيو، هاڻي روئڻ رت،
اکڙيون عادت، مُور متائن ڪِين ڪي.

Gul Hayat Institute

پوريندي نہ پوريون، چنيڻ چڏيائون،
ڪا چس چکيائون، جيئن ٻئي ڏسڻ ڏمريون.

هيئن اکين پاڻ ۾، پاروتان ٻنڌڻ،
ڪارڻ تن چنڻ، مون هڪ ٻہ هلي ڪانہ ڪا.

جيئن ڪو چپر ٻير ۾، ڦاسي ڦٽڪي نانگ،
هينئڙي ساڳيو سانگ، آهي آزاديءَ لئہ.

ڪوڙڪي ڪمانبين، جيئن ڦاسي جيئي جانار،
پريم ساڳيو پار، هاجو منهنجي هينئڙي.

جسم منهنجو جيل ۾، هينون تو سان هڪ،
پلجي ڪِين پلڻ سان، ڪا جا پيتيئن پڪ،
نِت سوائي سِڪَ، رُڪ نہ روڪي سگهيو.

جيئن جيئن سچڻ ساريان، تيئن تيئن تپي تپ،
اندر اُڌمان عشق جا، پر گناھ چورڻ چپ،
سيني ٻالا سامهان، ڪاتيون ۽ ٻيا ڪپ،
سچڻ سانديل سَپ، ڏنگين ساري ڏِيل ڪي.

ٻاتاڙيو ٻنڌڻ ۾، رهي رڪ نہ روڪ،
وساري ويهي رهيو، هيڏو پريو لوڪ،
سڪي ٿيو سوڪ، پر ٻي چِڪ چمي ڪِين ڪي.

ساجن منهنجي ساھ ۾، سارو ڏينهن سُرين،
پلپل پلينديءَ پرين، جتان ڪِين چُرن،
هئين اِئين هُرن، جيئن چولين ساٽِ سموندب سين.

Gul Hayat Institute

ساجن منهنجي ساهه کان، پري ناهين پل،
اندر وراڪيل ائين تون، جيئن وڻ ويڙهي وَلِ،
جيل جدائي جل، جُسي ۾ جاڳائيا.

جيڪا ڇُشڪي چاش جي، چکائي چپن،
ماڪين مٿي مٽاس ۾، ۽ مڙني مٽاين،
مرڻ تائين من، مُور نہ وسري ميٺ سو.

ڇُري جئن ڇانهين ڪي، ڇيرا ڏيو ڇاتي،
تئين دل ساري تو پرين، ڦارون ڦيو ڦاتي،
قيدن ۾ ڪاتي، ڏاڍا ڏکيا ڏينهڙا.

هينئڙو رات حبيب ڏي، ويو چوڪيءَ مان چوري،
ماڙهو مٿي ننڊ ۾، هن هيئين هوري،
لڳيس ڪا لوري، جو سوگهو رهي نہ سَنگهرين.

بدن بندن بند، قلب ڪوٺڙئان ڪاٽ ٽيو،
جتي سهڻن سُپرين، هِيئون انهيءَ هنڌ،
ماڪيان مِٺو منڊ، ڪو پيتئين جو پهريو وجي.

پرين پياري پِڪَ ڪا، جو گهاري هِتِ نہ گهڙي،
جسو جنجيرن ۾، سارو ويو سڙي،
روئي روح رڙي، هليو هوتن ڏي وجي.

قلب ڪوٺڙئان ڪاٽ، رهي نہ مون وٽ راتڙي،
ڦٽڙائيو ڦندن مان، ڦڙڪيو ڪائي ڦاٽ،
ڪا چڪي آهس چاٽ، مُحبن سندي مڏ مان.

هٿين هٿ ڪڙيون هٿان، پيرين پيئند وجهان،
مور ڪان تن منجهان، ڇرڪيو ڇنايو وجي.

Gul Hayat Institute

راڪا رکيم تي، تہ روڪين راھ رڙهڻ ڪان،
سُور پسنديئي سي، ڪديئون ھع هيئين منجهان.

جيئن ڪُونجن ڪُڪ روھ ڏي، تيئن هيئن ۾ هورو،
مون تي ون پرينءَ جو، تورو نہ تورو،
ناحق نِسورو، جدا رهڻ جِندڙي.

ڪائين ڪوري وانگيان، ڪولين منجهان ڪٽا،
سُري سَهسين سَرير ۾، تيا سُور سَٽا،
جيڪر لوھ لٽا، تہ ساجن ساعت نہ رهان.

جاڏيون پتيون جيل جون، چؤڏاري چوڪيون،
راهون جن روڪيون، وڇڙيل جي وصال جون.

جاڏيون پتيون جيل جون، ڪامان ڪولين منجھ،
مارين ڦٽ فراق جا، ڏيئي ڏيئي ڏنجھ،
واءُ سٽائي ونجھ، مُحب ميڙائي موڙيو.

لالڻ لاهي در ۽ پليسون پَهرا،
جيل منهنجي جيءَ ڪي، گهاءُ ڏنا گهَرا،
لهرن تي لهرا، اُڌمن آڏيءُ تُنهنجا.

جاڏيون پتيون جيل جون، پيني ساڻ پٽر،
گورا اڏي ڪارن ڪي، ويا ڏئي ڦلنگي ڦر،
آزاديءَ ڪي آڏيون، ديواريون دلبر،
جاني هي هيڪر، جهُرن تہ جهوليءَ ۾ هجان.

پاٺهي ڪِرنديون ڪِين ڪي، ٽُٽنديون توڙڻ ساڻ،
تيشي تيشي تو ڏسان، آهي هٿ هٿ هاڻ،
مَڪر جو ماندياڻ، چاڻ تہ ڊهي دير ٿيو.

Gul Hayat Institute

ڏِنو ڪي ڏِنو، چوڌاري چوٻول،
صدين سڙيل سماج آ، ڪيڏو قوم سَنو،
ڪُل تي زور ڪنو، جي لاهيو ته لت ئي نه جهلي.

## انڪساري

جاني وچ مَ جنگ، ڏيئي ورھ ورھن جا،
آس نه لاٿي مون اڃان، چوري چاھت چنگ،
تون ئي نانگيءَ ننگ، تون اَجھو تون اولڙو.

مِٺا منٿ مڃ، رهي پئو اڄ راتڙي،
ڏيئي ڦٽ فراق جا، وونڪا ويڙھ مَ وڃ،
پورا ڪٽي پڃ، عهد آرڻ جو ڪيئي.

نه ڪي کُنبي کُنبُ ويو، نه چولي لٿا چِٽَ،
ڏيئي سُورن سِٽَ، ڪاندم ڪُسڻ ڪوپ ڏي.

سمنڊ جيڏي سڪ مان، ڊول نه پيتم ڊُڪ،
رهي پيار پره جا، ٻيگهڻ ٻه تي ٻُڪ،
اڳيان راند آرُڪ، جتان مونن مس ٿئي.

وجهي ڳل ڳراٽ، سِڪ نه لاٿي سُورما،
چري ڏيئي چراٽ، مون ڪان وڃ مَ سپرين.

مينديءَ رتا هٿڙا، چاتيءَ تي ڦيريان،
چرخو چاھت چِت جو، پيچ پنيءَ پيريان،
ساجن تو سيريان، پوئين رات پاٽ ڏي.

Gul Hayat Institute

گهوٽ تنهنجي اوٽ ۾، گهاريان ڪا گهڙي،
جدائي جي جل ڪان، ڏيئي وڃ نہ نڙي،
توريءَ رات رڙي، مون ڪان ڪٿنبي ڪانہ ڪا.

توريءَ سياري راتڙيون، ٻيلي پوڻ پن،
سيڪارا سرير مان، آڏيءَ جو اُپرن،
جيئن سڪا ڪُهڙ سڙن، اندر ائين اُلان ٿئي.

لاهي سَنج سجاف تان، پائي پير پلنگ،
سٽي وائي وڃڻ جي، منهنجا انگجيو وڃن انگ،
پوتيءَ وجهان پيرن ۾، تون واڳون ڇڏ اينگ،
چوڙي گهوڙي تنگ، رهي پئو اڄ راتڙي.

مٿان تنهنجي مورڇل، هٽيو روز هٽان،
پيچ پني تو پاڪر ۾، مُرڪي مُنهن ڪٽان،
سندا قرب ڪٽان، پلئہ پائي پيار جا.

## جواب

ڪانئر سڏجان ڪُڙم ۾، تنهن ڪان مر تہ مران،
ڏسي پنيٽ پونءَ تي، وڇان ڪيئن وران،
تنهن ڪيران شل نہ ڪران، جنهن ڏني جوت جيئڻ جي.

ڪُونجون هر مُند ميٽ تي، لميو ڏين لائون،
ماري ڏسي تن مٿان، وهان ڪيئن آئون،
پاڙهيرين پاهون، ڪرڙو آهي ڪيٽ ڪان.

اڄ نہ منهنجي اڳيان، ساڙ نہ مون سَرير،
مادر ڏيندي ميهڻان، ڪاريئي منهنجو ڪير،
ضميرن زنجير، ڪنهن ڪان پاتا ڪِين ٿئا.

## سُر مارئي

عمر آرهڙ ڏينهڙا، جڏهن روز تپن،
وانگي وٽن چانو ۾، لُڪن ڪان لڪن،
مٿان مينهن وسن، ته گُوندر وڃن گُذريو.

عمر آيا ڪيترا، تو جيئان جابر جوءِ،
ڏينهن ڏيکاري ڏاڍ جو، هليا ويا هوءِ،
سانگي ساڃيا سيم ۾، ٻُرن ناهه ٻُوءِ،
سانگين اها سوءِ، جيئن ڪنڌ جهُڪائين ڪِين ڪي.

مون ڪي سگهندو ڪِين، روڪي تنهنجو رُڪ،
سانگي تنهنجون سَنگهرون، پيچي ڪندا پُڪ،
ٻئي هٿ گڏي ٻُڪ، ڪنييم لاڪيٽي لڄ لئه.

رِهجي اڃي شال، ساڪي منهنجي سرتئين،
سَتي جو سوال، پرور شل پورو ڪري.

سُتي سُيم سومرا، بوٽينڊن پُٽڪاٽ،
ڦِريا جي ڦُهن سين، ڳيرو ڪٽي ڳاٽ،
چانگان چڃي تي ڪريان، ڪوٽن ۾ ڪُوڪاٽ،
ويئي ڏسان واٽ، وانگين جي ورڻ جي.

اجان انگ انگ مان اڇي، مون ڪي چيلن چٽ،
ڏارايم تي ڏونئرڙا، وڃهي ٻانهن وٽ.

ڪٽي آئين ڪوهه تان، هٽي جهانگياٽي جهٽ،
انڌا، اڪ اُپٽ، ڪيو ڪيڏو ڪِيس تو.

Gul Hayat Institute

متان سمجهين سومرا، تو ڪا ڦبندي ڦُر،
چوڙيلين جي چُر ، چن ڪئي سي جوڪي پيا.

ڪهوُ ڳن ڪهاڙيين، متن پتل پَٽَ،
وجهيو چپ وات ۾، سڏيون ڪن سُوسَٽ،
ڏاتي ڏٽي ڏيٽ، وسارين ڪِين ڪي.

آيا ڪي آيا، ڪاهي تنهنجي ڪوٽ تي،
عمر تنهنجو انڌ ڏسي، تن تنين تايا،
ننگن جهنگن سر ڏين، چارين جا چايا،
مايا، تو چايا، جهل نہ وجهندي جهانگيئن.

مون سَتيءَ جي سَت جي، پنهوارن ڪي پڪ،
ويهي تنهنجي ڪوٽ ۾، ڪيئن ونڌايان نڪ،
مُور مجيندس ڪين ڪي، جي چيري ڏئي چهڪ،
ٿاريلياٽي ٽڪ، لوءِ لاهيندي سومرا.

ڏينهن پهر هي ڏک جو، مون تي مهينو ماس،
ڳُونڊر ڪيري ڪوٽ سيءِ، نيئر ڪندا ناس،
آجي ڪندا آجڙيءِ، اهڙي اٿم آس،
وڃي وٽنديس واس، وانگين ساڻ وطن ۾.

ساهہ متي ويساهہ سدا ڪهڙو سومرا،
مُور نہ مرندي مارئي، مرندو هڏ ۽ ماهہ،
سچ تہ ويندو ساهہ پر لڄ بچندي لک جي.

مُئي پڇاڻا سومرا، هي جا متيءَ مُٽِ،
ڏري ڏوراٽن ۾، متان ڪرين جُٽِ،
متي بُٺين سونهندي، منهنجي سومرا.

ميان آئون ملير جي، آهيان متيءَ مُٽِ،

جنهن ۾ سُگند ستُ جو، آهي اڳ ۽ پُٽ،
جٺيرين سان جُٽ، عمر سونهي اهڙي.

سَتيون جڏهن ستُ جون، ڳاهون ويهي ڳائين،
جهر جهنگ پائن جهُمريون، جهومن جهُومائين،
نچيو نچائين، وڻ ٽڻ، وليون، ويڙهه جا.

ڏيديون ڏوراڇيون لڳن، جهنگ اسان جو ننگ،
وجهه نہ ميان مڙيين، وانگياڻي کي ونگ،
وس پچاڻا، ويڙهه ۾، رچيو وچن رنگ،
ڏاڍا لڳن ڏنگ، مارُن بنا ماڙيين.

ست سواءِ سومرا، جيئڻ وڏي جاڙ،
ڏوتين ڏوراڻن ۾، تو جا ڏاري ڏاڙ،
تن تي تنهنجي ياڙ، آهي اجائي سومرا.

سَت سنگهارين، سومرا ڏنو ساري ڏيهہ،
لڄ بنا لوئڙ ۾، کايو مرن وِيهہ،
سندو چورين چيهہ، آهي سدا سَتَ سِين.

جنهن ڏِس سَت نہ سومرا، ڏِس نہ مون کي ڏَس،
اچي نہ ونگيءَ واٽ تان، چوڙيلين کي چَسَ،
اهڙا کُٽا کس، پنهنجين کي پڙهاءِ تون.

Gul Hayat Institute

کيت آئون پيت تي، کيت منهنجي پيت،
سڏجان تو سُريت، تنهن کان وهِ کائي مران.

کيڙن هيٺيام کيت سان، کيو سانگين سگَ،
مرندي تان مگَ، آهيان مارُو مير جي.

نِمن هيٺان نينگريون، همرچي هاڪار،

ڳايو سُٽاڻن ڳوٺ کي، ستين سماچار،
تنين جي تنوار، ڪَن تي پِيم ڪوٽ ۾.

ميريون ماڙُن ڪاڻ، عمر تنهنجيون اکيون،
اُن ۾ لڳندا اوچتا، ٻاٻاڻن جا ٻاڻ،
گهوٽي ڪيندا گهاڻ، جي اُتيا اوهيرا ڪري.

وانگين ڪان ورندي، ڪالهه ملير ڪوٽ ۾،
مُڙ نہ توکي مارئي، سَت سواءِ سرندي،
متي نج ملير جي، ڪيران نہ ڪرندي،
مارئي، تہ مرندي پت لڄ بچندي لوءِ جي.

ڏنارن جون ڏيئڙيون، ڏوراٽي نہ ڏوئن،
سَتيون سهاڳڻ سان، ساٽيهہ منجهہ سونهن،
مارئي ماروئڙن، متان مُنهن ميرو ڪرين.

پليتيءَ سان پائر ۾، جي ڪو پاتئہ پير،
ڪارا ڪپڙ ڏيهہ جا، ڪلندا ٻيا ڪير،
متي وجهي مير، موٽڻ ڪان مهندئي مرين.

ميري تي ملير ڏي، جيڪر ڪٺان مُنهن،
تنهن ڪان نڙيءَ ننهن، پنهنجو ڏيئي پاڻ مران.

مِيري منهن ملير ۾، جيئن ناهي ميان،
حشر حويلين جا ڏسي، هچيو وڃن هينئان،
پلر پدمڻين سان، پاٽي پاڪ پيئان،
اتم ڪن ڪيئان، تہ ڪچو ڪن مَ جيڏيون.

آئون پنهنجا انگ، آڇيان ڪيئن عمر کي،
مون ۾ آهي پرين جي، نارين سندو ننگ،
جهانگي رهن جهنگ، آئون ڪلي چڙهان ڪيئن ڪٽ تي.

Gul Hayat Institute

کلي چڙهان ڪٺ تي، تنهن ڪان زهر پيئان،
جيسين، تائين جيئان، آئون اباڻن آسري.

سَنڌ سَنڌ سوگهيون سَنگهريون ڪاراين ڪڙيون،
اُتي ڪارڻ اکڙيون، ابر منجهه اڙيون،
راتو ڏينهن رڙيون، منجهيون ماروئڙن لئه.

وٺي مينهن مور، جڏن ڪُنيون اُپرن ڪاهڙ ۾،
ائين اباڻا اُتيا، چڏي نندِ اکهون،
ڇُوندي مارو ڇٽ ڪندا، چئنين ڏسين چون،
ڀڃي ڪندا پور، ڦهري ڪوٽن ڪُنگرا.

نہ پُوهہ نہ ٻانهاريون، نہ تن ڪانبا ڪنڌ،
وسي واري وطن ۾، پيئي هر ڪنهن هنڌ،
ڏونئرن، ڪاٺونبن جا، سِڪن ساريو سَنڌ،
ٿئي سيم سڳنڌ، جي وسي پوي وڏڦُرو.

ڏاڍا ڏوٿي ڏک ۾، جن جا جهُڳا جهَڻ،
هيڏو آڳم اُپَ ۾، ڪِٿ نہ وٺي ڪَڻ،
پٿون سپ پڙپانگ ٿيون، ويا سُڪي وڻ،
ڪنوڻ اکيون ڪڻ، مارُو موٽن مُنهن ۾.

مرن مارو مال، سُڃ وسي پيئي سيم ۾،
ڪيڏو قحط قوم تي، هر هڪ جيءَ جنجال،
وٺي بنا وڏڦُڙي، هيڻان تن جا حال،
رڳو موت مقال، آهي مارُن مُنهن ۾.

آهي مارُن مُنهن ۾، وٺي جي وائي،
رُون، رڻن ۾ روجهڙيون، ٿي هرڻ سان هائي،
ڏسجي ٿئي ڏيهہ ۾، سا ڏوهي سائي،

Gul Hayat Institute

وٺي واڏائي، ڪڏهن ملندم قيد ۾.

پُپون، پيرُون، پُسيون، جتي پوچ پَچن،
اُتي اڄ وٽن جا، پيلا سُڪل پن،
اندر تن جا اُڄ ۾، ڪوري جيئن ڪامن،
والي مينهن وسن، ته ملي ويس وٽن کي.

بنجن باغ بُٽيون، وٺي پٽيان ويڙھ ۾،
پسيو ويس ولين جا، پرچيو، وڄن رُٽيون،
مُرڪيون، من مٺيون، جن وڇوڙا ورهن جا.

آيا اُٺي ڏينهن، سانگين ٺمر سيريا،
وڄن چاڻ وسائيا، ميڙائي جا مينهن،
آئون ويها ڪيئن، ابر لاهي آسرو.

عمر اُپ ۾ اڄ، ڏٺم ويس وسڻ جا،
وسي، ولهارن تي، ڏوئي لاهيندو ڏڄ،
لهندا ڏُڪر ڏيهه تان، ٿيندا سڀ سهڄ،
سندي لوئيءَ لڄ، ڪٽي شل ڪاهڙ وچان.

آڙنگ، ڏسيو اُپ ۾ نڪرن نيساسا،
جيڪر وسي وس ڪري، تين ڪٽي مان ڪاسا،
ولاتن تي پيو وسي، هت پنوهر پسايا،
چڱا چؤماسا، والي وار وطن تي.

Gul Hayat Institute

پهرين رڳي روس ڪي، پوءِ چين ڏنائون چسُ،
وسي ويٽنام تي، وڄن ڪيا وس،
چِليءَ متان چمڪيون، لاٿئون ڪوريا تان ڪسُ،
اٿم آس اوس، ته وسنديون مون به وطن تي.

پورين پٽن اوڍيا، وٺي ساوا ويس،

ڏونئرا پچي ڏيهه ۾ پيا ديسان ديس،
ڪري لال لبيس، چوڙيلين جي چونديا.

گُرڙ گولاڙا، گُگريون، هينئڙي نت هُرن،
ساڏوهيون، ساهيايون، سدا ساهه سُرن،
چولن چٽ چوڙيليون، منهنجي چت چُرن،
پوئين پهر پُرن، ولر ڪيو واريءَ متي.

ڪُلها ٻار ڪڄن تي، پٽُن پاس پِٽن،
پَهُن سان پنوهاريون، پَهريو پن چرن،
سَتر آهي سندن، جهنگ ننگ جهانگيئڙن جو.

جهل نہ وجهندو جهانگين، جهوٽو جهولو جهڪَ،
ويندا ڏينهن ڏُکن جا، پوري اٿم پڪ،
حقدارن کي حق، سِگها ملندا سومرا.

گج رسول رنگ، جن تي ٽانڪيل ٽئونر،
لاهين ٽلو ٽوليون ڪريو، مٿان ڪيرن ڪؤنر،
پيرا ڏيو پئونر، وٺن واسي انهن مان.

واءُ پپر پن لوڏيا، سِرجي نڪتا سُرَ،
ڪر، ڪائي چوڙيون ڪامٽي، چوريو ڪري چُر،
انگ انگ منجهان، اُر لحظي ۾ لهيو وڃي.

پتارن سان پاڪرين، پني پيچ پٽُڪ،
جهونگارن ۾ جهُمريون، جهوپن منجهہ جهٽڪ،
ڪُونجن جيئن ڪُٽڪ، سدا تن جي سومرا.

ساجهرا سائيڪن تي، ڪيا ساهيڙين سڏ،
ست جنين جو سومرا، مال آهي مڏ،
مون سان گُوندر گڏ، آئون بي ڏوهياٽي بند ۾.

## سُر سسئي

سُر سُجاڻي سُرَ، واڻُون وِهه وندر ۾،
ڪُوڪ ڪَنائي، سسئي، پنهون پڙاڏي پُر،
ڏوٻياڻي ڪيئن ڏر، رَسڻ ڪان رهجي ويون.

واڻون واڻون واريون، جن ۾ ور وڪڙ،
اَسونهين الڙ، لَڪن لک لڳي مُيون.

واڻون وڻن واريون، واڻن وڏا وٽ،
ڪُيپليپاڻيون ڪئين ٿيون، ڪانڊن اوري ڪٽ،
سوين ڏيئي سٽ، وچ وسامي ويليون.

جان وجي تا وچ، ڏُک نہ سُهڻاءِ ڏيھہ ڪي،
پوري پرم پنيور ۾، پُٽڪي تون مَ پچ،
"منشي" چوڻ مچُ، سونهن ٿيندئي سِڪ تو.

وچڻ، ويهڻ پاڻ ۾، ٿيا نہ ٿهندا،
لپ جهپ، لپ جهپ، جيئڙا، لالڻ ڪيئن لهندا،
ٻهندڙ پيا ٻهندا، ويندڙ ويندا ئي رهيا.

اُٺي لوڪ لتوڙ جي اٿئي سِڪ سڄڻ جي،
هڪ دل ڪر تون هينئڙو ٻن ٻيائي ٻوڙ،
توڙ رسڻ لئہ ڊوڙ، ويٺين وَر وڃائبا.

پرڏو پنهون ڪوھ ڪيئي، جي سهڻ نہ سُورن سگھہ،
سُڃي صرافان سون جو، اڇيو پُڇين اگھہ،
جئن ٻاڙو ٻولي ٻگھہ، هٽي، هاب هنجن سين.

Gul Hayat Institute

پيترياڙي پنيور ۾، پوري، تي پٽين،
اوڳٺا جن ڪيڏي، گڏيو ساڻ ڳٽين،
پنهون، پارس، پدمڻي، ڪٺاءِ پيو ڪٽين،
سڏڙا تنهنجي سات جا، سسئي جي سٽين،
ڇتون ٿي ڇُٽين، تہ ڪر پٽر پپ جا.

سپ انگ سوگها سنگهرين، ڪيچي جنهن ڪڙي،
سا تيئن ساڙ سڙي، جيئن اتر ڪاٺو اڪ تان.

سسئُي، سِسي، سانديين، پنهون پُڄائين،
سي انهن مان آهين، تہ ڇڏ نہ پر پنيور جي.

## موڪي

توڪي ڪالهہ ڪلال، ڪڏيو هڪالي هٽ مان،
اڇيو روز اُڌار لئہ، ڪرين سو سوال،
شرم اڇيئي شال، جو اهڙي عادت مَتيين.

پنهنجي ناٽي پيءُ، تہ نشا چڙهن نينهن جا،
اوباري ۾ اڪيون، سڪٽي جيءَ نہ جيءُ،
لڄ نہ توڪي ليءَ، چِڙيون جهلين ڇيڳڙا.

وٺ نہ ولاتي، ديسي دارون، دنگ پريا،
ڏُڪ ڏُڪ جنهن جو ڍول اٿيئي، تو ڪلَ نہ پِي پاتي،
اوتيندي آتي، ديسيءَ ڪارڻ دل ٿئي.

مٽ ڪان مُنهن ۾ مَٽ، پيءَ تي پاٽياڻو ٿئين،
ڳهيلا ڪڍ ڳڇيءَ مان، ڳرو لاهي ڳٽ،
جهٽ هٽي تون جهٽ، ترا ڪڍ تِڪون ڏيئي.

Gul Hayat Institute

موکيس تنهنجي موکي، جو ڏُک پيارئي ڏَک ۾،
گهوڙا گهڙي اهڙي، آٽڻ آ اوکي،
اها انوکي، ساريو جيئان جڳ ۾.

موکي کولي مٽ تو، پره پياريو پاءُ،
پُرين جا پڙلاءُ، سريا تنهن مون سرک مان.

موکي پري مٽَ مان، پياري جي پيالي،
هوند تہ حلالي، گهر ريءَ گهورين جندڙا.

ٻاڻ ٻاجهائي ٻُک، موکي پري مٽ مان،
ڏکيءَ پياري ڏُک، مون کي موکيءَ موکيو.

موکي تنهنجي مڌ ۾، جا هئي جوت جيئڻ،
تنهن مان ٻک پيئڻ، مون تن توانو کيو.

موکيءَ هٿ مينديءَ رتا، جنهن ۾ کائي گلاس،
ويتر مون وڌي ويئي، تِکون ڏيندي تاس،
پيئندي پيئندي پياس، موکي ، انوکي ٿئي.

مُرکي موکيءَ جا ڏني، پره پيالي،
ڏني سُرک سرير کي، تنهن سونهن ٻہ سنوالي،
چڻ کنهن اپالي، پرهڻ پاتا پٽ جا.

ماڳ متارن چڙيا، آين ٻئين ٻُوءِ،
هڙيئي چڙي هوءِ، مرندا پاس متن جا.

ماڳ متارن چڙيا، آين بوءِ ٻئي،
پساه تائين پُٽي، چڙڻ متارن ميهٽو.

ڏُک پياري ڏکيءَ ۾، موکي چڙ موکي،



Gul Hayat Institute

طمع جي توکي، تہ سِسي سئو پيرا ڏيان.

وجهي وِھ وٽيءَ ۾، مون کي ڏي موکي،
سکر ٿئي سوکي، سرکي اِيَ سکرات ۾.

کڙي ڏي کمال، مِٺو، مَٺو پائيان،
جلال ۽ جمال، ٻئي کڙي ۾ کڙيا.

پنيرکي کان پيڙ، موکي اڄ مٿن تي،
نہ تون سرکي سيڙ، سهپ نہ منهنجي ساھ ۾.

ڏسي وِھ کان ڏڪٽي، وٽي جن ويئي،
سَڌون کن سيئي، اڇيو کيئن شراب جون.

وِھ وٽندي هٿ ۾، ڏکي جن جو ڏِيل،
سانڍي دل دليل، مورک پُڇن مڌ چو.

پيئي ۽ جيئي، سو نہ موکي منڌ،
پهرين کاٽڻ کنڌ، پوءِ سُرک سَري سندي.

خطرا، خوف، خيال، پيئڻ جنهن پورا کيا،
پاڻ پلائي پال، موکي موکيئي مڌ سان.

Gul Hayat Institute

## سُر گهاتو

مانجهي ملاح موڙا، گهاتو ويا گهڙي،
پيڙا ڪٽي پَن ويا، مانگر تي مِڙي،
ويري ساڻ وڙهي، پڇاڙيندا پَٽ تي.

اهڙا مانگر ماريا، هزارين هنن،
اڄان سيرائون سنڌ ۾، پيو جام ڇٽين،
پيا مياڻيون مرڪائين، اڄان مانجهي موڙا.

ڪائي ڪڳ ورهن ڪان، ٽيو مڇ مواڙ
گهاتن آٽي گهيري ۾، ڪُٽيو اٿس ڪياڙ
آهس پُڇ پڇاڙ، جڃهو جيئڻ جي ٽئي.

گهٽا ڏينهن هو گهيڙ تي، گهاتن لاءِ ڪنگهر
مڙي ڪيو آ مورڙن، سوگهو منجهه سنگهر
هاٽي ڏينهن پهر، جڃهو جيئڻ جي ٽئي.

مڇ مري، مياڻ ٽري، گهاتو گهورين گهور
لهي ماريءَ مڇ جو، هينئڙن مٿان هور
مانجهي ملاح مور، ٻاڙون لاهن پوڙ جون.

ڏاهيون، موراڪيون، ڏنيريون، جن ڏٺي ڏينهن ٽين،
ڪُنيون ٽنگيل ڪاين ۾، نہ ٽيو چُلهه چڙهن،
ڪوليراءِ ڪُڙهيون پيا سڪي رڃ سُڪن،
جتي پرجيو پن اڇن، اُتِ ناهي ڇٽ ڇلر جي.

ڪاتين چڙهيا ڪسُ، بنا وڍ وَره ٿيا،
رُوئن وَهون رت ڦُڙا، پسيو رَڃ ۽ رَس،
وير واهيري بيٺيون، جهلي گهاتن گس،

Gul Hayat Institute

ڪِن جا موتيا مَس، ڪَن ويا ماريءَ مُنهن ۾!

ڪيڏو ڪُن ڪَلاچ تي، ويريءَ جو واسو،
هر ڪو گهاتو گهِڙڻ کان، پيو ڏئي پاسو،
جتي مڻ مدارين، اتي ملي نہ ماسو،
ساهہ ساهہ ۾ ساسو، آهي ماريءَ مڇ جو.

ويچارا وچيات، روئن رت ڦُڙا،
گُذر جن جو ويو اچي، آهي ويري وات،
ٽنگڙ ٽنگيل تن جا، سُڪا ساري رات،
ماري اچي مات، تہ وِرچ وچياتن ملي.

موتو موتو مورڙا، مانجهي مهاڻا،
گهٽ، گهٽ جهلي گهاتُئا، ڪريو سيسر سَند ساڻا،
رائُون ڪري رُڪ جيئن، ڦيريو رَڇ راڻا،
گهڻا ڏينهن گهاڻا، ان ڦهريءَ وڌا ڪُن تي.

پاپيءَ گهڻا پيٽ ۾، ڳيرو ڳڙڪايا،
گهاتو گهوڙيندڙ ڪئين، گهوٽ تنهن گهايا،
مورهين ناهي مڏي تي، ڇلر جي ڇايا،
ڇپيرين ڇايا، ڇاڙين ڇرڪي ٽوڙيون.

مَداريون مڏيءَ تي، ڏسيو ملاحن مڏ،
روئن ويئيون رت ڦُڙا، گُوندر جن سان گڏ،
ماڻيهر نہ ڪو مهراڻ ۾، نہ سانيوباڻن سڏ،
هيڻن چم ۽ هڏ، آهن ويريءَ وات ۾.

ڪيڏي ماري مڇ جو، پَر تي آهي پئو،
پڇو سڀ پيڙا تي، سَندو ماريءَ مُئو،
سُڪي ڍوڍي ڍئو، ڪڏهن ٿيندو ڪِين ڪي.

ويچاريون واڻُن تي، وهون وجهن واجهہ،
گهاتو گهِڙيا تن تي، ٻاجهارا ڪج ٻاجهہ،
بچائج بلا کان، جيڪي ويا جهاجهہ،
شل سي ساجهر ساجهہ، موٽن مياڻن تي.

وڙهندي جي ويريءَ سان، ويا ماريءَ وات،
ڪوندر هليا قوم لئہ، ڪنڌ قبولي ڪات،
وهون تن واڪا ڪري، رُنيون ساري رات،
ماري ٿيندو مات، جي گهاتو گهٽا ٿي گهِڙو.

ڪنڌيءَ مٿي ڪامڻيون، ڇيرين ڇايون،
وير واهيري ورندا، انهن لئہ آيون،
جن جا پنهنجا پهريا، گهايل سي گهايون،
ويٺيون ڪن وايون، موٽن شل سي ماڳ تي.

❖

رات ٻلي تون روڪ، سيون وجهي سَنگهرون،
ڏينهن وڄائي ڏوڪ، اڇي پيو اڻ ٻَليو.

تپي، تپي ڏينهن، آخر تپندين ڪيترو،
گرميون سرديون سي سهن، جن ڌرتيءَ ناتو نينهن،
نيٺ تہ وسندا مينهن، ڌرتي ويندي ڌوپجي.

ڌرتي ڌوئڻ ريءَ نہ ٿئي، پاپن ڪنا پاڪ،
رت گهُري ٿي رات جا، سا مُور ڌوئي ماڪ،
آهي ڪوپ ڪُسڻ جو، ڪسابن کان ڪاڪ،
ٻچي تاڪيون تاڪ، ڪو راڻو اچي راڄ ۾.

ڪالهہ ڪينجهر ڪَپَ تي، ڳوليم ڪٿي ڳاٺ،
رڳو ڪنگ ڪنڌي تي، ٻاڏي لس لڙاٺ،
ٻي اونداهي ٻاٺ، هنج نہ ڏٺم هيڪڙو.

Gul Hayat Institute

## چؤسِٽا

ٽا ٻُڌون آدم ۽ عزائيل، ٻئي سياست هئا لڙيا
پنهنجي مؤقف تي رهيا، اَڙيا سي اڻ پڙهيا،
سا حقيقت حاڪمن کي، هئي ڏاڍي ڏکي لڳي،
تنهن طمعدار کي تاڙي، ترت ٻئي تڙ تان تڙيا.

دلاسو چنڊ جو ڏيئي، اسان کان ويا ڦُري تارا،
اسان کي انب ڏيکاري، ڏنائون ٿوھ زهر کارا،
اسان هر وقت توپن جي، رهيا آهيون نشاني ۾،
ڪڏهن ڪنهن بهاني ۾، ڪڏهن ڪهڙي بهاني ۾.

ڪُلف جي سيني ۾، آڌي رات جو خنجر لڳو،
يا ته ڪو قيدي ڇُٽو ۽ يا ته ڪو قيدي وڌيو،
پر ڏسي معلوم ٿيو، ٻن وردين جي وچ ۾،
آهي ٻي پيي آر ۾، هي ڪو سنڌي هاري ٻڌو.

ڪڏهن ڪو غدار، ڪڏهن ڪو غدار،
هتي ورندا ڦرندا، رچن رنگ هزار،
اچن سَنڌ جا سيئي، گڏا گڏ ڪٽي،
وطن ۾ وڏي کان وڌواي واپار.

Gul Hayat Institute

# وايون

Gul Hayat Institute

راڻا ڏيئي رات، تورو لاهيو تيج جو،
جيجل جنازي جيان، سُرڻ ڪونهي سَتَ،
تورو لاهين تيج جو.

ڇورا نئين ڇاٽ جا، پنهنجي پاريو پَتَ،
تورو لاهين تيج جو.

آهي ڳجهه ڳڇيءَ جڳ، امڙ امانت،
تورو لاهين تيج جو.

سُٺي امڙ سڏ اچو، سوڊا پُٽ سُتت،
تورو لاهيو تيج جو.

ڪندي ڪانئر پُٽ تي، مادر ملامت،
تورو لاهيو تيج جو.

ڳاڙهن جهندبن ڇانوَ ۾، امڙ ڏيو آٿت،
تورو لاهيو تيج جو.

واڍا، لوهر، ڪاسبي، هاري ڪريو همت،
تورو لاهيو تيج جو.

گهوري مادر متان متا، "منشي" مچيو مَتَ،
تورو لاهيو تيج جو.

Gul Hayat Institute

دم نہ دم ۾ دم،
ادي آئون ڦٽيل ڦوڙائي ڦٽڪان پيئي.

پاڻ نہ ويس تن سان پيهي،
آهيان شرم ۾ شِم،
ادي آئون ڦٽيل ڦوڙائي ڦٽڪان پيئي.

غور غلاميءَ تي جو ڪيئڙم،
غرق ڪري ويا غم،
ادي آئون ڦٽيل ڦوڙائي ڦٽڪان پيئي.

قومي سڏ تِن ڪن تي آيو،
ڪُل ڇڏيائون ڪم،
ادي آئون ڦٽيل ڦوڙائي ڦٽڪان پيئي.

ڪجھ نہ ڪيو مون قوم ڪارڻ،
ماري "منشي" مرم،
ادي آئون ڦٽيل ڦوڙائي ڦٽڪان پيئي.

❖

Gul Hayat Institute

ڪائي سُمهان ڪيئن ڪير اَلا،
ڪانڊ ڪڍُهوڪو قيدي منهنجو.

جهوريءَ جهوريو، جيڏل جندڙو،
جهيرن تي پيا جهير اَلا،
ڪانڊ ڪڍُهوڪو قيدي منهنجو.

اَڪا اُڇلايان باسُون باسيان،
پوڇيو، پوڇيان پِير اَلا،
ڪانڊ ڪڍُهوڪو قيدي منهنجو.

سيج ڏسيو تي، سڙان پچان پچران،
چت پون ٿا چِير اَلا،
ڪانڊ ڪڍُهوڪو قيدي منهنجو.

ساريو "منشي" سهڻو ساجن،
نيڻين وهايان نِير اَلا،
ڪانڊ ڪڍُهوڪو قيدي منهنجو.

❖

Gul Hayat Institute

مون تہ مَلِي رکيو ميٺ،
آهي اوهان جي لاءِ عطر ۾.

لڳ لڳ لُون لُون لهس لڳائي،
لالڻ تنهنجي ليٺ.

ڦوڙائي جا ڦٽ جگر ۾،
مون تہ مَلِي رکيو ميٺ.

ڇانيا پڪا ءِ سرنهن ساماڻي،
ڇهڪيا ڇوڏس ڇيٺ.

آئون فراقن ماري فڪر ۾،
مون تہ مَلِي رکيو ميٺ.

رات تہ ڪُونجن رت رئاريو،
ڪٺڪي لٽيون ڪيٺ.

اُتيا اُمالڪ اُڌمان اندر ۾،
مون تہ مَلِي رکيو ميٺ.

آئي بهار ءِ موتي ويئي،
ڪرا ڪڇي ويا ڪيٺ.

تون تہ اڃا آهين سُهڻا سفر ۾،
مون تہ مَلِي رکيو ميٺ.

Gul Hayat Institute

تنهنجي جدائي جي اڄ جاني،
جهوريو آهي جهيپٽ.

گهاءُ وجهن ٿا گهايل گهر ۾،
مون تہ مَلِي رکيو ميٽ.

سِپون سمنڊ ۾ ڦڙڪي ڦُڙين مان،
پارس پاتئون پيٽ.

پڙڪان پران مان پاڙي بحر ۾،
مون تہ مَلِي رکيو ميٽ.

توريءَ "منشي" ڪيئن لاهيان ڪارا،
اڇي لال لپيٽ.

سانوڻ آيو سج ڇمر ۾،
مون تہ مَلِي رکيو ميٽ.

❖

Gul Hayat Institute

پري چندن چوٽي، واٽن تولئہ وار وڃايم.

تو تہ پيارڻ پاڻ ڏاڍن سان، جنگ وجي جوٽي،
واٽن تولئہ وار وڃايم.

تنهنجي جدائيءَ جي آهيان، جاني گهاوَن گهاگهوٽي،
واٽن تولئہ وار وڃايم.

پوئين رات ٽي ڪاٽي ڪانئي، ڪٽ هيءَ ڪاٺوٽي،
واٽن تولئہ وار وڃايم.

روئي رات اڄ اڪين ڪاڍي، پريم پالوٽي،
واٽن تولئہ وار وڃايم.

ڪيرائي ڪوٽ اڄ ڪوٽ قهر جا، ”منشي“ اڄ موٽي،
واٽن تولئہ وار وڃايم.

❖

Gul Hayat Institute

ساري سنڌ جا سُور اَلا، سَر تي سودي ساڻ کنيائون.

وانگيئڙن جا وِره وِهائي، چِت ڪيائون چُور اَلا،
سرتي سودي ساڻ کنيائون.

پاڻ بچائي جڳ جاڳائي، ڏاڍا ويئڙا ڏُور اَلا،
سرتي سودي ساڻ کنيائون

آزاديءَ جي عشق انهن کي، گهائي وڌڙر گهُور اَلا،
سرتي سودي ساڻ کنيائون

جهوڻ جهانگي جهڄندي ڏسندي، پاڻ جهُري ٿيا جهُور اَلا،
سرتي سودي ساڻ کنيائون

وڏي وياج سان وٺي سي ورندا، "منشي" پنهنجو مُور اَلا،
سرتي سودي ساڻ کنيائون

❖

Gul Hayat Institute

چُريا چُكيا چنگ الا، اچي اُها هِتِ، چڙهڻ جا چاهي.

سنڌوءَ پيتا ڏينديون سي، جن امراگني انگ،
اچي اها هت، چڙهڻ جا چاهي.

سيئي سَتيون ٽينديون سنڌ لئہ، ناتا جن جا ننگ،
اچي اها هت، چڙهڻ جا چاهي.

سيجن سُتيون سپ تہ سُيا هت، ڪارا رڙندا ڪنگ،
اچي اها هت، چڙهڻ جا چاهي.

پاڻ پتوڙي پرين ڪارڻ، نوان رچايو رنگ،
اچي اها هت، چڙهڻ جا چاهي.

"منشي" مچ مِ سيئي مچن جن، آزاديءَ اُمنگ،
اچي اها هت، چڙهڻ جا چاهي.

❖

Gul Hayat Institute

ڪُوپ ڪُسڻ جو ڪاڪ اَلا، ڪڏيا ڪات ڪنوارين.

ويندي وڏيا وير وڏا تي، وڏ وڏ واڪو واڪ،
ڪڏيا ڪات ڪنوارين.

پڙ ۾ پرڪا پرڪيءَ ڪارڻ، بيٺيون ٿي بيباڪ اَلا،
ڪڏيا ڪات ڪنوارين.

بجليون تجليون بدن ڪڙن تن، هر هنڌ آهي هاڪ،
ڪڏيا ڪات ڪنوارين.

آڏ اڏيءَ ڪي ناهي، تاڪي نہ ڪوئي تاڪ،
ڪڏيا ڪات ڪنوارين.

گول پڪل جيئن ڳاڙهيون گجرون، مٿان ميندين ماڪ،
ڪڏيا ڪات ڪنوارين.

ڪنڌڙا ڪپيو سي ڪن قندريون، ڏيل وڏيو ڪن ڏاڪ،
ڪڏيا ڪات ڪنوارين.

دولاٽين تن ديس وندين جي، ذرتي اُپ ۾ ڏاڪ،
ڪڏيا ڪات ڪنوارين.

راڻا راجا ڪيئي "منشي " ۾ پسندي پيرين خاڪ،
ڪڏيا ڪات ڪنوارين.

Gul Hayat Institute

وچ نہ وسامي ويهہ اَلا، پنڌ پراهون آهي پانڌيئڙا.

چيتون چُلٽا نہ پس هل، ٿيندو ڇير جو ڇيہ اَلا،
پنڌ پراهون آهي پانڌيئڙا.

تون جنهن راهہ جو راهي آهين، تنهن ڪان ڏڪي تو ڏيهہ اَلا،
پنڌ پراهون آهي پانڌيئڙا.

"منشي" منزل ماڻڻ ڪارڻ، وِهڻ ڪري ڇڏ ويهہ الا،
پنڌ پراهون آهي پانڌيئڙا.

Gul Hayat Institute

چوڙي چتا نہ تون چيڙ اَلا، چُرا چار ئي ڏسيون چڪيندا.

بُڪيا بشهير ڦٽون ڦڙڪاءِ ويڙهڻ سان ڪن ويڙهه اَلا،
چُريا چارئي ڏسيون چڪيندا.

نہ چڏ نانگا نانگ نيرانا، نيندا ڏنگي جڳ نيڙ اَلا،
چُريا چارئي ڏسيون چڪيندا.

تِر نہ ڪري ترياق تفاوت، نہ ڪا جهاڙ نہ جهيڙ اَلا،
چُريا چارئي ڏسيون چڪيندا.

پل سي پنهنجا پاليل تو در، "منشي" آندي ميڙ اَلا،
چُريا چارئي ڏسيون چڪيندا.

Gul Hayat Institute

تن ۾ تاڻو تان اَلا،
تانگھہ تنين جي تڙپي تڙپي.

پوڏيسر جي پٽ تي، پاڳياڻين جي پاڻ اَلا،
تانگھہ تنين جي تڙپي تڙپي.

ساري تر ٽاريليون، متو من مانداڻ اَلا،
تانگھہ تنين جي تڙپي تڙپي.

ٻاين اوڍيون ٻانڌڻيون، ونئي تي جا وراڻ الا،
تانگھہ تنين جي تڙپي تڙپي.

چنو، چيچ، چا چوليون، لٿي ڪندين ڪاڻ اَلا،
تانگھہ تنين جي تڙپي تڙپي.

چئونرن ۾ جن چوڙيلين جي، راتو ڏينهن رهاڻ اَلا،
تانگھہ تنين جي تڙپي تڙپي.

جن ڪان جدا پيا جيل ۾ جاني، ڏاڍا ڏانوڻ ڏاڻ اَلا،
تانگھہ تنين جي تڙپي تڙپي.

”منشي“ من مچ اِئين مچ ٿا، جيئن باھ پراٽي پاڻ اَلا،
تانگھہ تنين جي تڙپي تڙپي.

Gul Hayat Institute

چت نہ چنگ سان چير الا،
گهُرين سِر گهوري ڏيان.

مون کان متان کسيين، زمين ۽ پيو ضمير اَلا،
گهُرين سو گهوري ڏيان.

جهير نہ وجهہ جهُونگار سان، نہ کي ساڙ سَرير اَلا،
گهُرين سو گهوري ڏيان.

منهنجي ذات ڏياچ جي، ساڳي خاڪ خمير اَلا،
گهُرين سو گهوري ڏيان.

”منشي“ من مگڻا هنيئي، چوري ڪينر ڪير اَلا،
گهُرين سو گهوري ڏيان.

Gul Hayat Institute

ساهه تي ڇا ويساهه ڪانهه هئي تو مُند مرڻ جي.

ڪنهن ڏِس کان هي لوهه لڳي هئي، ڪيڏو ڪوسو واءُ،
ڪانهه هئي تو مُند مرڻ جي.

ڌرتي ڪيڏي ڌونس مچائي، اُڀ مان نڪتي آهه،
ڪانهه هئي تو مُند مرڻ جي.

هونئه ته هتي نت وينو وڪامي، ماڻهو پئسي پاءُ،
ڪانهه هئي تو مُند مرڻ جي.

جن دلين جي آس هُئين تون، گهائي ويا تن گهاءُ،
ڪانهه هئي تو مُند مرڻ جي.

پيڄاري پوڪاريو ۽ گُڙي گوني، دانهه ڪئي درياهه،
ڪانهه هئي تو مُند مرڻ جي.

تنهنجي جدائي سنڌوءَ ماءُ تي، تاتارين جي ڪاهه،
ڪانهه هئي تو مُند مرڻ جي.

”منشي“ گُوندر منجهه گذي تون، رِڙهئين رباني راهه،
ڪانهه هئي تو مُند مرڻ جي.

Gul Hayat Institute

هوءَ جي هئڙم هاڻ، جن سان روح رهاڻ،
ڪنهن ڏِس ڏَسُ ڏيو ڏوريان.

وجهان واجهہ وصال لئہ پاڻ پڇاڙيو پاڻ،
ڪنهن ڏِس ڏَسُ ڏيو ڏوريان.

پُوڇڻ جهڙا مون پرين، الله اوري آڻ،
ڪنهن ڏِس ڏَسُ ڏيو ڏوريان.

ويا سي جاني جوءِ مان، جيئان ڪنهن جي ڪاڻ،
ڪنهن ڏِس ڏَسُ ڏيو ڏوريان.

سيني سَتڪا سُورائين جيئن، سهي ڏک سانداڻ،
ڪنهن ڏِس ڏَسُ ڏيو ڏوريان.

ڪوئل ٽپ ٽپ تاريين، ڪُوڪي ڪنهن جي ڪاڻ،
ڪنهن ڏِس ڏَسُ ڏيو ڏوريان.

”منشي“ موت ماريا، ڪهڙا جُنگ جوان،
ڪنهن ڏِس ڏَسُ ڏيو ڏوريان.

Gul Hayat Institute

ڏاڍو ڏينهن ٽَتو،
واجب ساهي وچ ۾ ناهي.

ڌرتيءَ ۾ ڏاڪو ڏڱ جو،
مانجهي آهي متو،
وجب ساهِي وچ ۾ ناهي.

گهائن گهايل، گهوٽ وڙهي پيو،
وهي رت رتو،
واجب ساهِي وچ ۾ ناهي

ڌرتيءَ تي اڄ ڏاڙيلن جو،
پورو پيو آ پتو،
واجب ساهِي وچ ۾ ناهي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

هاري وٺنديئي حساب، وقت اچي ويو آهي وڏيرا.

رات کي پنهنجو رت ڏيئي اچ، آٿين پيا آفتاب،
وقت اچي ويو آهي وڏيرا.

جيڪو ڪيڙي سوئي ڪائي، قاضين ٿاهيا ڪتاب،
وقت اچي ويو آهي وڏيرا.

سڪر، خانبهادر سارا، لعنت جا القاب،
وقت اچي ويو آهي وڏيرا.

بيمانيءَ جو برقعو پائي، ورتئي ٻِلا ءِ باب،
وقت اچي ويو آهي وڏيرا.

هر ڪو هاج هٿن جي ڪائي، ناهي ڪوبہ نواب،
وقت اچي ويو آهي وڏيرا.

هڪ ٿي پنهنجي حَق وٺڻ لئہ، جَنتا جاڳي جناب،
وقت اچي ويو آهي وڏيرا.

دين ڌرم کي سڏين دوکو، رون رون وڃن باب،
وقت اچي ويو آهي وڏيرا.

ڪوڙن ڏاتا، گها، ڪهاڙيون، هٿندي ڪن نہ حجاب،
وقت اچي ويو آهي وڏيرا.

هٿ هٿ "منشي" ڳاڙها جهندا، جهڙا گُل گلاب،
وقت اچي ويو آهي وڏيرا.



Gul Hayat Institute

ڏاڍو آهي ڏاوڙ، رول ڪُتا ڪي راڄ ۾ آيا.

ٻير جا ڍينگر ڪوڙ ڪڙهه تي، قابو ڪج ڪُماڙ
رول ڪُتا ڪي راڄ ۾ آيا.

اڄ نہ انهن جا عام ٿا ٻُڌجن، آڏي رات اُوناڙ
رول ڪُتا ڪي راڄ ۾ آيا.

اُتر ٻيلي، وريا وچولي، لڪين لتا منجهہ لاڙ
رول ڪُتا ڪي راڄ ۾ آيا.

ڏيهاين ڪي ڏند ڏيکاري، لوسي هڻن لپاڙ
رول ڪُتا ڪي راڄ ۾ آيا.

انهن ڪُتن جو ڪم اصل ڪان، آهي چيرءِ ڦاڙ
رول ڪُتا ڪي راڄ ۾ آيا.

”منشي“ ماري ڪيو ڪُرڙم مان، ڪُتي تن ڪياڙ
رول ڪُتا ڪي راڄ ۾ آيا.

❖

Gul Hayat Institute

جيئڻ جيڏا جل، اَلا، سُور سين جو ساڳيو.

ڏرتيءَ تي ڏارين سندي، گهوڙا هيڏي گهل، اَلا،
سُور سين جو ساڳيو.

جي جيارين جڳ کي، ڍول تنين ئي ڍل، الا،
سُور سين جو ساڳيو.

پاروتي اوبار کان، پنهنجو پاڻ کي پل، اَلا،
سُور سين جو ساڳيو.

ڪُونڌر قومي ڪاڄ جي، ڪنهن ڪنهن پيئي ڪَل، اَلا،
سُور سين جو ساڳيو.

سمجهن سُن سلوڪ کي ڪي "منشي" مانجهي مل، اَلا،
سُور سين جو ساڳيو.

❖

Gul Hayat Institute

سنڌو سوڍن سامہ صدين کانہ سنڌو سوڍن سامہ.

باک جنهين چڙ چانديءَ چمڪوہ سون سراسر شامہ
صدين کانہ سنڌو سوڍن سامہ.

مهر پريو مهراڻ جنهين ۾ہ هيرا جواهر جامہ
صدين کانہ سنڌو سوڍن سامہ.

وونڪا وارث وک وک تي جنهنہ وِير وڏا وريامہ
صدين کانہ سنڌو سوڍن سامہ.

جهانگي وانگي سانگي هرڪاہ "منشي" چاڙن مامہ
صدين کانہ سنڌو سوڍن سامہ.

Gul Hayat Institute

وانجهي ونجھ وراءُ سنڌوءَ ٻيڙي سِير تي.

ناڪئا ڇڏي نند ڪي، ناتاريون تہ نماءَ،
سنڌوءَ ٻيڙي سِير تي.

ڪيڏا ڪڙڪا ڪُن ۾، لهرين مان تہ لنگهاءِ،
سنڌوءَ ٻيڙي سِير تي.

وانجهي سانجهي ويل ورڻ جي، پيرين پار پُڄاءِ،
سنڌوءَ ٻيڙي سِير تي.

نِنگھ ڇڪي پيئي ناڪئا، سمجهي سِڙھ سنباءِ،
سنڌوءَ ٻيڙي سِير تي.

"منشي" موڙي مڪڙي، تانگهي ۾ ترساءِ،
سنڌوءَ ٻيڙي سِير تي.

Gul Hayat Institute

تکي تانِ ڪري، سر گھري پيو سنڌ لئہ

ڪيڏو سوز ڪماچ ۾، ياڳيو يونءِ يري،
سِرُ گھُري پيو سنڌ لئہ.

جيئن جيئن تپي ڏينهڙو، تيئن واڄو واڄ ڪري،
سِرُ گھُري پيو سنڌ لئہ.

واول سيئي وڃائيندا، ٻُنيان جن ٻري،
سِرُ گھُري پيو سنڌ لئہ.

"منشي" خالي منگتو، وچان ڪيئن وري،
سِرُ گھُري پيو سنڌ لئہ.

Gul Hayat Institute

ڪڙين منجهه ڪڙَي، سوگهِي ڪيائون سنڌ سِنگهر ۾.

سوگهيون سنگهريون، سَنڌ سَنڌ ساڙو، سُورن منجهه سَڙي،
سوگهي ڪيائون سنڌ سَنگهر ۾.

ڪيو ڪُڙم مان ڪُوندر ڪتي تي، تاڪن ڪي تہ تڙي،
سوگهي ڪيائون سنڌ سَنگهر ۾.

سوئي سچو پٽ سوڍو سنڌ جو، جيڪو لال لڙي،
سوگهي ڪيائون سنڌ سَنگهر ۾.

جن جاڳايا جيجل جل تن، جهونجهر وجهه جهري،
سوگهي ڪيائون سنڌ سَنگهر ۾.

"منشي" مار موت جي مُنهن ۾، راتو ڏينهن رڙي،
سوگهي ڪيائون سنڌ سَنگهر ۾.

Gul Hayat Institute

جهيڙي جي جهُونجهار، وو يار، پرکا آهي پِڙ ۾.

سيئي ڏيندا سِر سنڌوءَ کي، جن جو نينهن نبار،
وو يار، پرکا آهي پِڙ ۾.

جنگ جپ جوڻ، پاهُون موڻ، مردن لاءِ ميار،
وو يار، پرکا آهي پِڙ ۾.

ڌرتيءَ تان اڄ ڌاڙيلن کي، ڏِکي کريو ڌار،
وو يار، پرکا آهي پِڙ ۾.

”منشي“ کانئر کيئن نہ کنبن ٿا، ڏسي ڏيهين ڏهکار،
وو يار، پرکا آهي پِڙ ۾.

Gul Hayat Institute

چورڻ ڪارڻ چپ، ساري قوم جا سبيا.

وتن گوندر گڏيا، مکي گولپ گپ،
ساري قوم جا سبيا.

ويڙهيچن وڪوڙيو، کهڙي ڏاءِ ۽ ڏپ،
ساري قوم جا سبيا.

ڏسيو ڏک ڏوتين جا، لڳن ڪاتيون ڪپ،
ساري قوم جا سبيا.

ڪري قاتل قوم جا، ويا حق هڙپ،
ساري قوم جا سبيا.

ڪيڏي ساري قوم کي، سونگهي چڻ ويو سَپ،
ساري قوم جا سبيا.

مُور نہ ملندو ماڙهوئا، وري اهڙو ڏپ،
ساري قوم جا سبيا.

آيو نہ ”منشي“ اکيين، سوچي جهوٽو جهپ،
ساري قوم جا سبيا.

Gul Hayat Institute

سچ تہ آهي سچ، سِر ڪر پنهنجو سچ تان صدقي.

سچ زهر سُقراط کي پيياريو، مُور نہ جنهن سقراط کي ماريو.
ڪيڏو سچ ۾ مچ،
سِرڪر پنهنجو سچ تان صدقي.

سچ چئي منصور نہ مرڻو، ويس وٺي سرمد جو ورڻو،
بنجي بلاول اچ،
سِرڪو پنهنجو سچ تان صدقي.

سچ جي ساعت لک لهي ٿي، پل ڏهي ٿي صديون ٿهي ٿي،
راز انهيءَ ۾ رچ،
سِر ڪو پنهنجو سچ تان صدقي.

”منشي“ مام پروڙي سچ جو، ڇڏ ڪنارو ڪُوڙ ڪچ جو،
سچ تہ بيٺو نچ،
سِر ڪو پنهنجو سچ تان صدقي.

❖

Gul Hayat Institute

پنهنجي ريت پريت، پنهنجو مذهب ماڻهوءَ محبت.

پنهنجي من کي پرِيايون ٿا، پنهنجا ڳائي گيت،
پنهنجو مذهب ماڻهوءَ محبت.

جڳ جي جک کان جان ڇڏائي، جُڳ جُڳ ماڻيو جيت،
پنهنجو مذهب ماڻهوءَ محبت.

وير وروڌ ۽ جهيڙا جهڳڙا، ڪريون نه اهڙي ڪُريت،
پنهنجو مذهب ماڻهوءَ محبت.

ڪاتي ڪنڌ ڪلال جي اڳيان، ماڻيون من جو ميت،
پنهنجو مذهب ماڻهوءَ محبت.

ملڪ سڄي کان "منشي" نرالو، پنهنجو ساز سنگيت،
پنهنجو مذهب ماڻهوءَ محبت.

Gul Hayat Institute

سهڻي ڪائي پيئي سوڙ ورو وانجهيو،
سانوڻ سِير درياهه جي.

ڪُن ٻوڙين تا ڪامڻي،
هٿ نہ ايندي پوءِ حوُڙ ورو وانجهيو،
سانون سِير درياهه جي.

واڳن آهي وچ ڪامڻي،
وهه ۾ وجي پيئي وهلوڙ ورو وانجهيو،
سانوڻ سِير درياهه جي.

چوڏس چاري ڇُهتيا چريءَ ڪي،
چلڻ ڪنا آهي چوڙ ورو وانجهيو،
سانوڻ سِير درياهه جي.

اچو اُلوڙي، مڪڙيون موڙي،
ماندي مري پيئي مجبوڙ ورو وانجهيو،
سانوڻ سِير درياهه جي.

”منشي“ مانگر مِڙيا مُئيءَ تي،
جهولن جهوري ڪئي جهُوڙ ورو وانجهيو،
سانوڻ سِير درياهه جي.

❖

Gul Hayat Institute

ڳهٹن جهڙيون ڳالهڙيون، نرالڙيون،
ويهه تہ ٻڌايان ويڙهيچن جون.

پورهيت ڏيئڙيون پاهه ٻُکن ۾،
اٹيا وار اپالڙيون، نرالڙيون،
ويهه تہ ٻڌايان ويڙهيچن جون.

مجبوريءَ کان ماءُ پيئي وڪٹي،
پيار سان ڏيئڙيون جي پالڙيون، نرالڙيون،
ويهه تہ ٻڌايان ويڙهيچن جون.

گدليون گدليون، لتڙا ليڙون،
پئسي پائي سُوالڙيون ، نرالڙيون،
ويهه تہ ٻڌايان ويڙهيچن جون.

"منشي" ماڻن ڏکڙا ڏسندي،
اکڙيون رهيون آلڙيون نرالڙيون،
ويهه تہ ٻڌايان ويڙهيچن جون.

Gul Hayat Institute

ڪيڏي رات انڌاري آ،
ڪيڏي رات انڌاري آ.

برڇي بم بندوق سان بيٺو،
تڙ تڙ تي تاتاري آ،
ڪيڏي رات انڌاري آ.

سپ ويو سُونگهي سات سچو چڙ،
پونءِ تي پؤ ياري آ،
ڪيڏي رات انڌاري آ.

تو لئہ مون لئہ ڌَرتتي هي،
ڌرتي ساري انڌاري آ،
ڪيڏي رات انڌاري آ.

سَنڌ سَنڌ، سنڌ جو ڪيئن نہ سڙي پيو،
ٻارڻ ڏيئي ڪنهن ٻاري آ،
ڪيڏي رات انڌاري آ.

”منشي“ هتڙي، موت جي مُنهن ۾،
هر هڪ هاري ناري آ،
ڪيڏي رات انڌاري آ.

❖

Gul Hayat Institute

ڇوري وڃاءِ نہ تون ڇير، ڇَمڪي تي ڇورا ڇرڪن.

پَٽَ ڪان ڪُونئرا هٽ نہ تون پَٽ تي، پليل پنهنجا پير،
درد ونديون ٽيون دليون ڏڙڪن.

وائي شاهہ جي ورجائين تي، آڏيءَ ڪان بہ اَوير،
ڪنهن جي چِت ٽا چاڪُو ڇهڪن.

سوز منجهان سنگيت ڪي ڇيڙي، ڊِنگ ڪرين تي ڊير،
سوز پريا سِينا سَهڪن.

چئني طرفن چرچو تنهنجو، آهي ڏؤنڪو پير،
هر من تنهنجون مُرڪون مهڪن.

ٻاڙهي ساڙهي پائي پڙ ۾، ڦُلڪاري نہ ڦير،
ڪنهن جا ڦَڦڙ ٽا ڦِڙڪيو ڦڙڪن.

ڪو بہ حلالي نہ رکندو توسان، ”منشي“ من ۾ مير،
گهر گهر تنهنجا گُنگهرو گُونجن.

گهايس تنهنجي گهاءُ، آيل ماءُ،
ڦٽ ڦِري اڄ ڦاڪون تي پيا.

جنجيرن ۾ جيءَ جڪيڙي،
تنهنجي ڪي ڏين تاءُ، آيل ماءُ،
ڦٽ ڦِري اڄ ڦاڪون تي پيا.

جوڙا جُواري منهنجا پنهنجا،
داءُ رکيائون ماءُ، آيل ماءُ،

Gul Hayat Institute

ڦٽ ڦِري اڄ ڦاڪون تي پيا.

ساڳيو ياڳيو يونءَ پنھنجيءَ جوءِ
ياءُ ڪُھي پيو ياءُ آيل ماءُ
ڦٽ ڦِري اڄ ڦاڪون تي پيا.

ٽڙ ٽڙ آ ٽاٽاري بيٺوءِ
رت جي راند رچاءِ آيل ماءُ
ڦٽ ڦِري اڄ ڦاڪون تي پيا.

راڄ راڄ ۾ راڻا "منشي"
پوءِ بہ ھي پڇتاءُ آيل ماءُ

ڦٽ ڦِري اڄ ڦاڪون تي پيا.

Gul Hayat Institute

ويا گنجي گهندا، او ماءُ،
کيسريا ڪپڙا ڪري.

سي وڻ خوشبوءِ واسبا، رات جتي رهندا، او ماءُ،
کيسريا ڪپڙا ڪري.

آزادي جي آسري، ڪوهن ۾ ڪُهندا ، او ماءُ،
کيسريا ڪپڙا ڪري.

ڏوري ڏوري ڏونگرين، لالڻ سي لهندا، او ماءُ،
کيسريا ڪپڙا ڪري.

آجا ٿي انهن هٿان، واهڙ پيا وهندا، او ماءُ،
کيسريا ڪپڙا ڪري.

ويندڙ ويندا ئي رهيا، بجر پيا بهندا، او ماءُ،
کيسريا ڪپڙا ڪري.

آئون پاڻ لڇائيو، ”منشي“ تن مهندا، او ماءُ،
کيسريا ڪپڙا ڪري.

Gul Hayat Institute

رڻ رائو ۽ روهہ
ڏير ڏيئي ويا ڏيج ۾.

لُڪن لڳ لُساڻيا، ڇپر ڇنديا ڇوهہ
ڏير ڏيئي ويا ڏيج ۾.

ڪڏهن تہ رسندين ڪيچ کي، ڪوهہ پُڄان مان ڪوهہ
ڏير ڏيئي ويا ڏيج ۾.

سچي متي سنڌ جي، لڳ لڳ جنهن جا لوهہ
ڏير ڏيئي ويا ڏيج ۾.

سبق سُيا سي سڪنديون، ڏسي منهنجو ڏوهہ
ڏير ڏيئي ويا ڏيج ۾.

”منشي“ منڊ محبوب جي، ماريو آهي موهہ
ڏير ڏيئي ويا ڏيج ۾.

Gul Hayat Institute

ڏُٺيا مون ڏٺي،ڏُٺي نہ ڏُٺي.

پارس هِيرا مون پرين، مان تہ ڪائي ڪَٽي،
آئون تہ عجيبن جي آهيان پير پٽي،

پِڪ پريان ڪان مون پِني، پائي پنج ڪٽي،
مون کي سنج سُپرين، واھ جا يار وٽي.

چڙهيو وڻ واٺُون ڏسان، پريان پير پٽي.
پيا سُور سَرير ۾، چِپُن جيئن چٽي.

ڏاهپ چاڙهي ڏاگهہ تي، نانگي ٽيس رٽي.

اڪيان آڪي نہ ٽئي، اها اڪ آٽي.
گهوڙا گهر ويٺي وئي، گهائي گهور گهٽي.

جاني منهنجي جسم تان، ڦيري ويم ڦٽي.
ڪِلي ”منشي“ سا ڪنئي، جيڪا باب ٻٽي.

Gul Hayat Institute

آهيان هتي ڏينهن ۾ تي، قيد ڪتي،
آئون جا ويندس ويڙهيچن ڏي.

ڪٿي آئين ڪوهه تان،
جهانگياٽي جهتي، قيد ڪتي،
آئون جا ويندس ويڙهيچن ڏي.

ساٿيهه ۾ سرتين سان،
ڪائيندس سڳر ستي، قيد ڪتي،
آئون جا ويندس ويڙهيچن ڏي.

سا ڏوهين تان سومرا،
پيرُون آٽيون پتي، قيد ڪتي،
آئون جا ويندس ويڙهيچن ڏي.

امر لکيو "ابراهيم" چئي،
ڪِين هتي، قيد ڪتي،
آئون جا ويندس ويڙهيچن ڏي.

❖

Gul Hayat Institute

وچي ويڙهه وندي،
ڪاڄ ڪائيندس ڪيت سان.

پُوري ڪاري مَڪ ملير جي،
ڇپن منجهه ڇندي،
ڪاڄ ڪائيندس ڪيت سان.

جُسو، جنجيرن ۾ جڙيو،
ماندڙيءَ منڊ منڊي،
ڪاڄ ڪائيندس ڪيت سان.

ساريا سگر ساٿيهه جا،
اندر مون اُڪنڊي،
ڪاڄ ڪائيندس ڪيت سان.

“منشي” مارُن سان لڳو،
لاڪر نينهن نندي،
ڪاڄ ڪائيندس ڪيت سان.

❖

Gul Hayat Institute

پيتم پِڪ پيهي،
ڪيڙن هيٺان ڪيت سان.

سڱ منهنجو سومرا، ڪيو ويڙهيچن ويهي،
ڪيڙن هيٺان ڪيت سان.

مون جي گهاريا ڏينهڙا، تنهن تو ڪل ڪيهي،
ڪيڙن هيٺان ڪيت سان.

لوئي ڪيئن لڄائيان، ڏنم جا ڏيهي،
ڪيڙن هيٺان ڪيت سان.

“منشي” مون تان جندڙي، رُپي جيئن ريهي،
ڪيڙن هيٺان ڪيت سان.

Gul Hayat Institute

ڪوهہ ٽيون ڏيو مون کي ڏوهہ
سوگهي آڳي سَنگهرين.

اڇان اُڏامي هوند مان، پر لڳ لڳ آهن لوهہ
سوگهي آڳي سَنگهرين.

پاڻي پريندي جيڏيون، مون سان ٽيئڙو ڊوهہ
سوگهي آڳي سَنگهرين.

ساريان ائين ساٿيہ کي، جيئن ڪُونجون سارين روهہ
سوگهي آڳي سَنگهرين.

"منشي" ناهي ملير ري، مورهين پيو ڪو موهہ
سوگهي آڳي سَنگهرين.

Gul Hayat Institute

هِرڪي هندرون تي جهولا جهُوليان،
تنهن ڪان وِھ ڪائي مران.

ساڪ وڃائي ست جي، پير پلنگ پايان،
تنهن ڪان وِھ ڪائي مران.

ڪُنبها اوڍي ڪٽ چڙهي، لوئي لڇايان،
تنهن ڪان وِھ ڪائي مران.

مارُو مور ملير جا، طعنن ۾ تايان،
تنهن ڪان وِھ ڪائي مران.

پائي در تو ڌُهريون، لالون لٽڪايان،
تنهن ڪان وِھ ڪائي مران.

ست رڇين تي سومرا، هينئڙو هِرڪايان،
تنهن ڪان وِھ ڪائي مران.

تنهنجا جهُومڪ جهالرون، ڇيرون ڇمڪايان،
تنهن ڪان وِھ ڪائي مران.

“منشي” ماروئڙن جا، اوڇا ڳاٽ نمايان،
تنهن ڪان وِھ ڪائي مران.

Gul Hayat Institute

لسيءَ ۾ لپڙي،
كاهڙ ۾ مون كيت پياري.

ماكيان مِٽي ميٺ سان، چپن مون چپڙي،
كاهڙ ۾ مون كيت پياري.

اچي اُبَ نہ آئيڙي ، ڏوراٽن ڏيڙي،
كاهڙ ۾ مون كيت پياري.

نيڻ نالو نندڊ جو، جهانگين ري جهَپڙي،
كاهڙ ۾ مون كيت پياري.

مينا چلا مون لئہ منڊيون، سون سارا سَپڙي،
كاهڙ ۾ مون كيت پياري.

نہ پيو لوئي لڄ ري، ماروئڙين مپڙي،
كاهڙ ۾ مون كيت پياري.

سيج تنهنجي ميان سومرا، مون لئہ كاتيون كَپڙي،
كاهڙ ۾ مون كيت پياري.

پِپون، پيرُون، پُسيون، پكا، وٺي ڏنو وَپڙي،
كاهڙ ۾ مون كيت پياري.

سرتين سڏ سپني سُيمُ، كاهڙ تو كَپڙي،
كاهڙ ۾ مون كيت پياري.

"منشي" سانگياڻيءَ ساک جو، ڊاءُ وڏو ڊَپڙي،
كاهڙ ۾ مون كيت پياري.

Gul Hayat Institute

ڏاڍو ڏينهن تتو،
لنگ لوساڻيا لُڪ لڪن ۾.

سَنڌ سَنڌ سِيرون تي پيا،
جن مان وهي رت رَتو،
لنگ لوساڻيا لُڪ لڪن ۾.

ڇپر ڇُپايو، پرڪڻ ڪارڻ،
مون ڪان پار پَتو،
لنگ لوساڻيا لُڪ لڪن ۾.

مون کي ماريو آگ انهيءَ جي،
من ۾ مچ مَتو،
لنگ لوساڻيا لُڪ لڪن ۾.

”منشي“ ميارون مون ڏي مڙئي،
سچ صاف سَتو،
لنگ لوساڻيا لُڪ لڪن ۾.

❖

Gul Hayat Institute

هو تہ متي ويا هاڙو ڙي،
تنهنجي ڪوڪ ڪُمهلي آهي.

لاڏو ليڙا، رڻ جا پيڙا،
ڏوڪ هٽي ويا ڏاڙو ڙي،
تنهنجي ڪوڪ ڪُمهلي آهي.

پير ڏکيري، پاڻ پرايہ،
سُمهڻ منجهاران ، ساڙو ڙي،
تنهنجي ڪوڪ ڪُمهلي آهي.

ٻانيڻ، ٻُوٽيون، ٻُوٽيون ٽي وچ،
ٻول نہ ڪڍجين ٻاڙو ڙي،
تنهنجي ڪوڪ ڪُمهلي آهي.

ميا متي ويا ”منشي“ ماڳين،
تون پئي پُڇائين پاڙو ڙي،
تنهنجي ڪوڪ ڪُمهلي آهي.

❖

Gul Hayat Institute

موکي متکا کول،
مڏ پيئڻ جي مُند اچي ويئي.

پُري پَري کان پيئڻ آيا،
راڻا ايئن نہ رول،
مڏ پيئڻ جي مُند اچي ويئي.

سُرڪيءَ ڪارڻ سر بہ ڏيندا،
تون بہ جھلي ڏس جھول،
مڏ پيئڻ جي مُند اچي ويئي.

مرڻ جيئڻ لئہ، جيئڻ مرڻ لئہ،
ٻاروتن کان ٻول،
مڏ پيئڻ جي مُند اچي ويئي.

تنهنجي ڪڪُوھ آھِ ڪلالڻ،
وونڪن پيئي وڙول ،
مڏ پيئڻ جي مُند اچي ويئي.

تنهنجي هٿان وِھ پيئڻ جو،
آيا ڪري سڀ قول،
مڏ پيئڻ جي مُند اچي ويئي.

ڪِين ڊُکن مان ڊاپن ڊُرڪن ،
ڊاتي ڊِٺ جا ڊول،
مڏ پيئڻ جي مُند اچي ويئي.

تازو چڏي ڪو پيار پراڻو،
ڳھر پريو ڪو ڳول،

Gul Hayat Institute

مڌ پيئڻ جي مُند اچي ويئي.

سُرڪي، سُرڪي سُور آ سِر جو،
ڏي تُون پري ڪي ڏول،
مڌ پيئڻ جي مُند اچي ويئي.

”منشي“ متارا مِڙيا مرڻ لئہ،
پيلي پئو اچي ويئي،
مڌ پيئڻ جي مُند اچي ويئي.

❖

Gul Hayat Institute

ڪهڙي آندئي ڪُل،
ڪوهه پڏايئن ڪانگڙا.

هڪ تہ جُدايون جيل پيا،
جيءَ ۾ جاڳيا جَل،
ڪوهه پڏايئن ڪانگڙا.

ڪاءُ ڪنياتي تو لئہ رکيا مون،
ڦولهي مِنڙا ڦل،
ڪوهه پڏايئن ڪانگڙا.

وَره وڇوڙو پانئيان،
پرين ڏارن پل،
ڪوهه پڏايئن ڪانگڙا.

ساري صحبت سڄڻين،
سينو ٽيئڙو سل،
ڪوهه پڏايئن ڪانگڙا.

آڏيءَ اُڌمان عجيب جا،
جهليا نہ ڏين جهل،
ڪوهه پڏايئن ڪانگڙا.

ٻڇيءَ هيري ٻانيون،
ٻرهيان تنهنجي ٻل،
ڪوهه پڏايئن ڪانگڙا.

ويهي نِمَ جي ڏار تي،
ساجن سنهيا سل،

Gul Hayat Institute

ڪوھ ٻڌايئن ڪانگڙا.

ڪنيم ڪنياتا تنھنجا،
اڻ ڪُٺ آر انگل،
ڪوھ ٻڌايئن ڪانگڙا.

”منشي“ ڪَن ۾ ٻول تون،
ڪُلھي ويھي ڪانگل،
ڪوھ ٻڌايئن ڪانگڙا.

❖

Gul Hayat Institute

نِت نِت آهي نئين ، اَلا،
پنهنجي پيارل پريت پُراڻي.

چارئي پهر هي چت چکيا تي،
تنهن کي چو تون تئَين، اَلا،
پنهنجي پيارل پريت پُراڻي.

ويو وجودان وِسري وسارڻ،
ڪُوڪٽ ڪيم ڪئين اَلا،
پنهنجي پيارل پريت پُراڻي.

جڳ جنهن واٽ ڪُواٽ ٿو سمجهي،
سائي واٽ سنئين اَلا،
پنهنجي پيارل پريت پُراڻي.

امر اگني اندر اوسيئڙي،
تنهن چو ڏنوَڻ ڏئين، اَلا،
پنهنجي پيارل پريت پُراڻي.

”منشي“ متان ڪو ويڻ ورائي،
چوري چپ چَئين، اَلا،
پنهنجي پيارل پريت پُراڻي.

❖

Gul Hayat Institute

تاڙا ڪر نہ تنوار،
جيل اندر مون جيئڙو جلي ٿو.

مينهن جي موسم ياد ڏياري،
وڄ نہ ڦڦڙن ڦار اَلا،
جيل اندر مون جيئڙو جلي ٿو.

وچن وچارن پڙيا هندا،
سرلا اڄ سنيار اَلا،
جيل اندر مون جيئڙو جلي ٿو.

پيچ پنيءَ جو پاڪرين هوندا،
ياڳياڻون ۽ يتار اَلا،
جيل اندر مون جيئڙو جلي ٿو.

گهاٽي نم جي ڇانوَ ۾ هوندي،
ڪنهن دل ڪئي اوسار اَلا،
جيل اندر مون جيئڙو جلي ٿو.

"منشي" من ۾ مانڊ وجهه ٿي،
تنهنجي پڪي پُڪار اَلا،
جيل اندر مون جيئڙو جلي ٿو.

❖

Gul Hayat Institute

ڏيڍ کن جو ڏينهن، اَلا،
گُوندر ويندا گُذري.

آڳم آڳم پُنيان وسن ٿا،
ميڙائي جا مينهن، اَلا،
گُوندر ويندا گُذري.

پاڙون پُختيون پاتاران مون،
ناهي چِڇڙ جو نينهن، اَلا،
گُوندر ويندا گُذري.

تو مون وچ ۾ عشق اويڙو،
آهي ڪيهر شينهن، اَلا،
گُوندر ويندا گُذري.

”منشي“ محبت سون سمان جا،
ڪسُ لڳي تنهن ڪيئن اَلا،
گُوندر ويندا گُذري.

Gul Hayat Institute

مرڪايو نہ مياڻ ، اَلا،
مَڇ کي ماريو مورڙا.

موٽي تيندي موج مڏيءَ تي،
لهندا ملاحن ماڻ، اَلا،
مَڇ کي ماريو مورڙا.

هُڙا، بَتيلا، هلو هاڪاري،
ڪُن تي ڪَچئين جي ڪاڻ ، اَلا،
مَڇ کي ماريو مورڙا.

پيري پَن ۾ وجهو واڳونءَ کي،
گهاتوئڙا گهَڻ چاڻ، اَلا،
مَڇ کي ماريو مورڙا.

جيسين جيئڙو مَڇ ، مهاڻا،
موت تيسين مهراڻ، اَلا،
مَڇ کي ماريو مورڙا.

”منشي“ ماريو مِڙي اڄ مڇ کي،
ڪيو نہ ڪنهن جي ڪاڻ، اَلا،
مَڇ کي ماريو مورڙا.

Gul Hayat Institute

ڏايا لڳن ٿا ڏنگ اَلا،
جيڏل جل پيا جاڳي جگر ۾.

چارئي پَهر مون، چت چڪيا تي،
آڳ وجهي ويا انگ اَلا،
جيڏل جل پيا جاڳي جگر ۾.

ساريو سِڪارن ٿي سَرتي تن جا،
رُوپ نرالا رنگ اَلا،
جيڏل جل پيا جاڳي جگر ۾.

"منشي" من ۾ مچ ائين جيئن،
ٽاندن آيون سنگ اَلا،
جيڏل جل پيا جاڳي جگر ۾.

Gul Hayat Institute

کاهوڙي تي کڻ ، وک واڪجِ،
جمر تئين تُون کاچ کٽن جو.

واسينگن جو واٽ وِندر مِ،
واڪو آهي وڻ وڻ، وک واڪجِ،
جمر تئين تُون کاچ کٽن جو.

اوٽ ۽ اولي، اجگر اررون،
ايندڀون اڳيان اڻ ڳڻ، وِک واڪجِ،
جمر تئين تُون کاچ کٽن جو.

"منشي" هٿ مان مُور نہ ڇڏجئين،
مليل مادر کان مڻ، وک ڳاڪجِ،
جمر تئين تُون کاچ کٽن جو.

Gul Hayat Institute

# ڪافي

ڏرتيءَ جون ڏچاڻيون، وي،
ٻُسيون ٻُسيون، ٻُٽيون ٻُٽيون.

ڇُوتا جن جا ڇِيڙون ڇيڙون،
لٽڙا لڱن تي لِيڙون لِيڙون،
مُورت موتيءَ داڻيون، وي،
ٻُسيون ٻُسيون، ٻُٽيون ٻُٽيون.

نڪ نہ ڦُلڙيون ڳچيءَ نہ هَلسيون،
ٻوڪيون ٻانهون ڪَسليون ڪَسليون،
سُرن ۾ ساماٽيون، وي،
ٻُسيون ٻُسيون، ٻُٽيون ٻُٽيون.

ڪُوڙن ڇُوڙن ڪاڻ ڪَرايون،
سالن ڪان تِن سِڪنديون آيون،
راڄ منهنجي جون راڻيون، وي ،
ٻُسيون ٻُسيون، ٻُٽيون ٻُٽيون.

”منشي“ مورت مُهڻيون مُهڻيون،
سج ستارن ڪان وڌ سُهڻيون،
هنرمند هارياڻيون، وي،
ٻُسيون ٻُسيون، ٻُٽيون ٻُٽيون.

Gul Hayat Institute